Bha

نرائن بھارتی

-: WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

K. B. BHATIA & CO.

With Best Compliments from

D. T. KALANI GROUP OF COMPANIES

D.T. KALANI HOUSE,
CHANDER SHEKAR AZAD MARG,
BEHIND CANARA BANK, KHEMANI,
ULHASNAGAR - 421002.
TEL.: (0251)548301/2/3, 708305
DIRECT 565943 MOBILE : 98201-52400
FAX : (91-251) 546677
E-MAIL : DTKGROUP@BOM4.VSNL.NET

★ With Best Compliments From ★

SAIBABA CHEMICALS

Furniture Bazar, Ulhasnagar-2.

★ With Best Compliments From ★

In the loving memory of beloved Dada Late Shri

J. C. CHANDNANI

FROM :

A. J. CHANDNANI

Approved Govt. Contractors

Ulhasnagar-3.

★ With Best Compliments From ★

K. C. CHANDNANI

Approved Govt. Contractors

Padam Chhugam Sagar, Near Old Telephone Exchange,
Ulhasnagar-3. Tel.: (O) 550905 (R) 551272

With Best Compliments From

M/s. Ambratlal Suhkwani

Builders & Govt. Contractors



Shop No. 7, New Ajanta Society,
Near Aman Cinema,
Ulhasnagar-2. Dist. Thana.
Tel.: STD. 0251 Off. 544414, 545630
Resi. 551170, 551735

Gram : AMRITSUKH

With Best Compliments From

Prop. *Gurudinomal & Sons*

MAHALAXMI JEWELLERS

Govt. Approved Regd. Valuers

806, Zaveri Bazar, Ulhasnagar-2.

☎ : 702209, 705310, 704454 • Fax : 706273

With Best Compliments From

Ghyansham Bhatia

- Girison Traders
- Gulshan Traders
- Shivam Liquour
- Praven Wines
- Prakash Wines
- Laxmi Wines

Vicky Manoj Apartments, Opp. Khemani Bus Stop,
Behind Seema "C" Bldg., Ulhasnagar-2.
Off.: 550930-564039-564094
Resi.: 541781-542070
Mobile No.: 98202-90520

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

POOJA ENTERPRISES

LIQUID GLUCOSE, MAIZE STARCH, SUGAR KHANDSARI, GUR & MAIDA MERCHANT

2, Pooja Complex, Pawai Chowk,
Ulhasnagar-421 003.
✆ : Off.: 72880-74694 Resi.: 542135

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★



SUDHA CLASSES

FOR VIII, IX & X

All Subject with Science Practicals

4th Floor, Prince Market, Ulhasnagar-3.
Tel.: 544253

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

BHARATIYA JANTA PARTY

Dist. ULHASNAGAR.

Narendra Rajani
President

With Best Compliments From

Pahilaj Sukhwani
Ashok Sukhwani
Gopal Sukhwani

M/s. Kailash Mahadev & Co.

Builders Govt. Contractors

New Ajanta Society, Shop No.2, Near Aman Cinema,
Ulhhasnagar - 3.
✆ Off.: 540846 Resi.: 550070

Diwali Greetings to all Citizens

NARENDRA RAJANI

Ex. Chairman :

Standing Committee

Ulhasnagar Municipal Corporation

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

MUKATA CLASSES

FOR THE BEST TEACHING
FROM STD. V TO X

Rakhi Apartment (Basement),
Ulhasnagar - 421 004. ✆ : **525406**

With Best Compliments From

THE NAV JEEVAN CO-OPERATIVE BANK LTD.

ULHASNAGAR

THE NAV JEEVAN CO-OP. BANK LTD

OUR 5 BRANCHES

MAIN BRANCH / HEAD OFFICE

BHAWANI SAW MILLS COMPOUND, ULHASNAGAR-3
TEL.: 543847, 547145, 544256 DIRECT : 560462 FAX : 548213

1) CHELLARAM MARKET,
SIRU CHOWK,
ULHASNAGAR-2.
TEL.: 708214, 708215

2) TURNING POINT
CHOPRA COURT,
ULHASNAGAR-3.
TEL.: 557940, 545652

3) RATTAN MANSION,
HEMU KALANI CHOWK,
ULHASNAGAR-4.
TEL.: 581929, 583960

4) GURU NANIK BAZAR,
ULHASNAGAR-5.
TEL.: 531430, 526060

5) GUR PLAZA
OPP. POLICE STATION,
ULHASNAGAR - 1.

ALL BRANCHES ARE OPENED ON **SUNDAY**

WEEKLY HOLIDAY **SATURDAY**

All deposits upto Rs. 1/- Lac are insured with DICGC.

Save Today for Better Tomorrow

Customer Service is our Motto.

Our Bank has tied up at par cheque payable arrangement with ICICI Bank Ltd.

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

Smt. Bhagwanti B Rupchandani

EX-CHAIRMAN : STANDING COMMITTEE
ULHASNAGAR MUNCIPAL CORPORTION

RUPCHANDANI MANSION,
Block A-698, Ulhasnagar - 5. ✆ : 522852 Corp. 554287

Diwali Greetings to all Citizens



Prakash Makhija

B.J.P. CORPORATOR
EX. CHAIRMAN: STANDING COMMITTEE
ULHASNAGAR MUNICIPAL CORPORATION

RESI.: 102, MILAN PALACE APT., KHEMANI, ULHASNAGAR-2. TEL.: (O) 554287 (R) 545695

★ *With Best Compliments From* ★

Raju Jagiasi

Ex. Chairman :
Water Supply Committee
Ulhasnagar Municipal Corp.
Secretary : B. J. P. Ulhasnagar

A/103, Ramayan Nagar, Near Dassera Maidan,
Sindhunagar-421 003. Tel.: 568810-568820

-: WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

Ram H. Dhwani

Sai Traders

Wholesale Wine Merchants
Distributors for : Khajuraho Khazana &
B. M. S. S. Ltd. Products

9-10 Lav-Kush Tower, Opp. Civil Court,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel. : 544717 - 548293
Fax : 0251 - 548253

Diwali Greetings to all Citizens

RAM (CHARLIE) PARWANI

CORPORATOR : WARD NO. 37

ULHASNAGAR MUNICIPAL CORPORATION

✆: 549287-548916 Resi.: 541219

★ With Best Compliments From ★

LASSI CLOTH STORE

M/s. Jethanand C. Lasai
Wholesale Cloth Mechants

Shop No. 171, Main Bazar, Ulhasnagar-2.
Phone : Shop 700655 Resi.: 701697

★ With Best Compliments From ★

☎ Showroom 2425267
Fact.: 704964
Resi.: 540095

Indian Gift Industries

METALIZING ON PLASTIC

Showroom : 87/91, 1st Floor, 3rd Bhoiwada,
Bhuleshwar, Mumbai-400 002.
Fact. Plot No. 25, Sec. 6/A, Hospital Road, Ulhasnagar-2.

★ With Best Compliments From ★

M/S. M. C. CHANDNANI

Construction Co.
Builders & Govt. Contractors
Ex. Municipal Contractors

Office : Shop No. 730/C, Sec. 17, Ulhasnagar-3.
☎ (O) 71020-79777

Resi.: Chhugam Sagar, Plot No. 801,
Opp. Old Telephone Exchange, Ulhasnagar-3. ☎ (R) 550170 - 551292

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

BHAWANI BUILDERS

Builders & Govt. Contractors

M/s. Bhawani Saw Mills Compound, Ulhasnagar-3.
✆ : Off.: 75104 Resi.: 71414-76880

★ *With Best Compliments From* ★

Chander Talreja
Sunil Talreja

L & T Cement

Authorised Stockist :

Gobindram Lachhmandas & Co.

Shop No. 459, Ghansham Niwas, Main Road, Ulhasnagar-3.
Tel.: Off. 547624 - 545123 - 548323

★ *With Best Compliments From* ★

NATIONAL

National

ENGINEERING WORKS

Mfrs. of : Automatic Biscuit Making Plants Biscuits Moulding & Cutting Rollers Dics

Near Old Dalda Depot, Ulhasnagar 421 003

Tel.: 0251 - 544226, 549312, 568935

-: WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

ONE MORE REASON TO
CELEBRATE !

SPECIAL OFFER
ON GODREJ WITH PUF

Each andd every person who buys a Godrej refrigerator this festive season is twice as lucky.
One, because he gets the best refrigerator money can buy. And two, because we're giving a really special offer on the purchase of each & every. Godrej with Puf
Hurry! Rush to your nearest dealer for details.

Godrej ® with Puf

Nothing can match the powers of Puf.

Gram LASSI **LASSI TRADERS** KLN 24139-414139
DL44955 481297 314139 319139
Showroom : Mustafa Manzil, Shankarrao Chowk, kalyan - 421301.
Alankar Society Bldg., Tilak Road Dombivli (E) 421201.
Everest House, opp. Rly. crossing, Dombivli (E) 421202.

بچت ! بچت !! بچت !!! ڪيو

سائين سوپ گئلري

مان مفت اسڪيم سان ۽ هول سيل جي اگھہ ۾
گھرو سامان خريد ڪريو

اُلھاسنگر ۾ پھريون وچتر قسم جو انوکو ۽ انوٺو دڪان

جتي اوهانجي شخصيت ۽ سندرتا ۾ چار چنڊ لڳائڻ وارا خوشبدار ۽ بيشمار سنان جا صابڻ - شيمپو - پرفيوم - ڪپڙن ڌوئڻ جا صابڻ ۽ پائوڊر ۽ انيڪ گھريلو شيون بلڪل نئين رنگہ ڍنگہ جون رکيل آهن.

وري سڀ کان وڏي ڳالھہ اها آهي تہ ڪي شيون اوهانکي ٻڌي آگھہ سان گڏو گڏ ڪمپنين جي فري اسڪيم ۾ پڻ ملي سگھنديون. جيئن ٽن لڪس جي چڪين تي هڪ چڪي مفت - سرف ايڪسل تي پيپسوڊنٽ پيسٽ فري - ٻن نويا صابڻ تي هڪ فري- هنيڪو پائوڊر تي صابڻ جي وڏي چڪي فري ۽ انيڪ لڀائيندڙ اسڪيمون - (اسٽاڪ رهڻ تائين)

سائين سوپ گئلري

بانسري هوٽل سان لڳ، گول ميدان، اُلھاسنگر - ١ فون : 566033

فري هوم ڊليوري

واجبي دام اُتم ڪام

سيمينار

(ادبي ليکن جو مجموعو)

000075

نارايڻ ڀارتي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر - ٣.

- : WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

Narendra Kumar K. Thakur
S.E.O

Muncipal Corporator
&
Retired Asst. Muncipal Commissioner
ULHASNAGAR MUNCIPAL CORPORATION

Resi.: 202, KEWAL KUNJ,
SECTION - 17,
ULHASNAGAR - 421 003.
TEL.: 541785 / 550363

ارپيم

پنهنجي بزرگ ساٿي، سڄڻ، دوست
ڳوبند مالهيءَ کي

نارايڻ ڀارتي

سلسلو	صفحو
شروعات صفحو	١
پڙاڪر	٥
١. سنڌي ڪهاڻي جا پنجاه سال	٩
٢. گوبند مالهي جون ڪهاڻيون	٢٣
٣. گوبند مالهي جا ناول	٣٧
٤. رام پنجواڻي جون ڪهاڻيون	٥٢
٥. موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جا پاتر	٥٨
٦. ارجن شاد جي شاعري هڪ نظر	٦٧
٧. عوامي شاعر ضيا	٧٧
٨. پرنسيپال ٽالسنگهه اجواڻي	٩٢
٩. هيرانند ڪرمچند	١٠٣
١٠. سنڌين جو تعليمي کيتر ۾ يوگدان	١١١

Add. of Writer :
G-56, III Floor, Hira Co.op. Society,
Opp. Old Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 3. Tel.: 550575.
Fax : 550575.

SEMINAR
(Collection of Literary Articles)

By : Dr. Narayan Bharati

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 564000
Fax : 0251 - 550575

Published by :
Suresh Paryani
for
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Vishal Enterpises
Ulhasnagar - 421 004.
Tel.: 581932

Computer Typesetting by :
Media Designers
Ulhasnagar - 421 003.
Tel.: 542607

Sole Agent :
Jagdish Book Depot
Main Bazar,
Ulhasnagar - 421 002.
Tel.: 700455

Price Rupees Sixty Only
Year July to Dec. 2001

With Partly Financial Aid From :
INDU-IND FOUNDATION, NEW DELHI.

مهاڳ

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، سنڌي لوڪ ساهتيہ ۾ خاص رُچي رکڻ ڪري هند-سنڌ ۾ مشهور معروف شخصيت جو نالو آهي. سنڌ ۾ لوڪ ساهتيہ جو شاهي-خاصو ڪم ٿيل آهي. اُتي ادبي بورڊ-حيدرآباد، سنڌالاجي-ڄامشورو، هاڻ لئنگيوج اَٿارٽي هُر ڪنهن سنڌي لوڪ ساهتيہ کي اُجاگر ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو آهي. هت هند ۾ پهريائين اڪيلو نارائڻ ڀارتي، پوءِ ٿيو ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي سنڌي لوڪ ساهتيہ جي شاخ کي مظبوطيءَ سان جهليو بيٺو آهي. جنهن تي هاڻ ٻين سڄڻن بہ لڏڻ شروع ڪيو آهي.

ڀارتيءَ ننڍپڻ کان سوچيل رستا-اتسنا ڀرپور نموني حاصل ڪيا آهن (i) ماستري پيشو ۽ (ii) اخبار نويسي. سڪول ماستر سان شروعات ڪري هو جڳہ مشهور ممبئي يونورسٽي مان ريڊر جي پوسٽ واري پينشن ماڻي رهيو آهي. اخبار نويسيءَ ۾ اڄ سوڌو سندس ٻول بالا آهي. 1962ع کان سنڌي ٽائيمس-هفتيوار جو مکيہ سمپادڪ آهي. پاڻ ظاهر ڪيو اٿس تہ سرڳواسي شري ٻلديو گاجرا، اخبار نويسيءَ ۾

ڪتاب بابت ....

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان ڪتابي سلسلو به هلندڙ آهي. جنهن طرفان، ادب جي جدا جدا صفون جا ڪتاب ظاهر ڪيا ويندا آهن. ڪهاڻيون به ته ناول به، ناٽڪ به ته مضمون به، ڪويتا به تنقيد به.

سنڌي ٽائيمس طرفان هي ادبي.ليکن جو مجموعو ظاهر ڪيو وڃي ٿو. هن مجموعو ۾ اهي ليک آهي، جن مان گهڻا جدا جدا سڏايل سيمنارن ۾ پڙهيا ويا آهن ان ڪري هن مجموعو جو نالو ئي سيمينار رکيو ويو آهي.

هن کان اڳ ۾ نارائڻ ڀارتي جا لوڪ ساهتيہ وشيہ تي چڱا ڪتاب ڇپايا ويا آهن. ته هڪ ڪهاڻي سنگره 'دستاوير' نالي سان به ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ چڱا سال اڳ ۾ سندس ليکن جو مجموعو ''نظر ۽ نظريہ'' جي نالي سان به ظاهر ڪيو ويو آهي سندس ليکن جو مجموعو ''سيمينار'' ٻيو مجموعو آهي. هن مجموعي ۾ ڪل ڏه ليک آهن ڪي سنڌي ڪهاڻي بابت آهن جئين ڪ سنڌي ڪهاڻي جا پنجاه سال (1948 کان 1998 تائين) گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون، پروفيسر رام پنجواڻي جو ڪهاڻيون ۽ موهن ڪلپناجي ڪهاڻين جا پاتر ٻيا گهڻا ليکہ آهن ڪن شخصتن بابت جئين ڪ عوامي شاعر ضيا صاحب، هيرانند ڪرمچند پرنسيپال لالسنگهہ اجواڻي، وغيره. اهي ليکہ توهان کي ڪيئن ٿا پسند پون، اهو ته توهان (پڙهندڙ) ئي ٻڌائي سگهندا

سنڌي ٽائميس پبليڪشن جو مکيہ سمپادڪ مان (نارائڻ ڀارتي) آهيان ته ليکن جو لکندڙ به مان (نارائڻ ڀارتي) آهيان. ان ڪري ليکن بابت، مند سمپادڪ طور مان ڪجهہ نہ چوندس ڪجهہ چوڻ توهان جو حق آهي. مان شڪرگذار آهيان شري نندچهاڻي جو جنهن سڄڻ هن ڪتاب لاءِ به اکر لکڻ قبوليو.

56 هيرا سوسائٽي
اُلهاسنگر - 3.
فون : 550575

نارائڻ ڀارتي
مکيہ سمپادڪ
15 جون 2001ع

انڊس انڊ وارن جي مالي مدد، ٻيو سنڌي ٽائيمس جي ڪتاب طور اشتهار، ٽيون NCPSL ٻڙودا وارن جي ٻڌي خريداريءَ ۾ ڪتاب ۽ اڄان ٻه لعل سائين وڙ ڪيو ته ڪنهن نه ڪنهن مقابلي لاءِ مواد طور انعام. ڳڻي ٻڌايو گهڻيون ڪلون لڳيون؟ ڪيس اها ڄاڻ آهي ته دنيا ۾ جهڪڻ ڪانسواءِ سئين ڪنڌي ڀهي نه سگهيو. ان ڪري وس آهر هن ڪنهن کي ٻه رنجايو نه آهي. چني ڦاڙي ڦٽايو ڪونه آهي. پاڻ هميشه چڙي ڏيندو آهي جيئن ڳاهه وري ڦٽي نڪري. ادبي آڪاڙي ۾ سندس يادگيريون ڪمپيوٽر کي ٻه مات ڪري ويندين. اِتي ڪيس ڪُهڙو يا وائرس اصل ڪونه لڳو آهي. سالن جون جهونيون پراڻيون ڳالهيون ٻه وچوڙ سان ڪئلينڊر موجب موقعي ۽ محل تي ورجائي سامهون واري جي علم ۾ اضافو آڻيندو يا ڪاپاري ڏڪ هڻي چيلهه ڇٻي ڪري رکندس. رچرڊ برٽن (سنڌو 2001 صفحه 32) وانگر 'سندس دماغ ۾ ڪو فطور آهي جو سندس نظر هميشه پست، ڪريل عادتن افعالن تي پوندي آهي.'

ڪو وقت هو جو پارٽي ڪنهن ميڙ-سيمينار تي مشڪل ئي ڳالهائڻ لاءِ وارو وٺندو هو. پر هاڻي هر سيمينار ۾ سندس حاضري لازم جاتي وڃي ٿي. هاڻي هو برجستو ويڪتا آهي. پنهنجي ايپاس سان هو تُز ۽

سندس گُرو ۽ شري هيرانند ڪرمچند سندس رهبر رهيا. اهو ائين آهي، جڻ ڪراچيءَ جي ڪُنَ مان بولا- ٿيون ڪائي ڪاميابيءَ سان سمنڊ ڪناري اندلٺي چتريءَ هينيان آسائش وٺڻ. انهن ٻنهي بزرگن جو اثر پارٽيءَ لڪائڻ جي ڪوشش به نه ڪئي آهي. پاڻ شاگرد اُستادن کان اُستاد ٿيندو پيو وڃي. پر هر ڳالهه ۾ ڪيس مقرر-محدود گهيرو آهي، جنهن مان هي ٻاهر نڪرڻ جو ست ساري نه سگهيو آهي. پي ايڇ.ڊي. ڊاڪٽريءَ لاءِ سندس نگران-رهبر پروفيسر رام پنجواڻي رهيو.

شخصي زندگيءَ ۾ هاڻ هو ڪامياب شخصيت ليکيو وڃي ٿو. سندس چواڻي ڪيس هر ڪاميابيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻو پيو آهي. ڪافي محنت ۽ جفاڪشيءَ کانپوءِ ئي ڪيس ڪجهه حاصل ٿيندو پئي رهيو آهي. شايد سندس گره-گوچر به اهڙا هجن. سنڌيءَ جي ڪن مچيل پهاڪن کي به شهه ڏيندو مون ڪيس ڏٺو آهي. مثال طور ’به گدرا هڪ هٿ ۾ نه ڪٽي سگهبا‘، پر پارٽي کي به گدرا هڪ هٿ ۾ ڪٽي مون ڊوڙون پائيندو به ڏٺو آهي. ماستري/پروفيسري/ريڊر ۽ ساٿن گڏوگڏ سنڌي ٽائيمس. قليچ بيگ جي ڪتاب ۾ چيني پهاڪو آهي ته ’هڪ ٻڪريءَ تان به کلون نه لاهي سگهبيون آهن‘. مثال طور هيءُ ڪتاب ”سيمينار“ ڏسو.

’عوامي شاعر ضيا‘ ۽ ’اَرجن شاد جي شاعري تي هڪ نظر‘ تي سندس ڳهري اڀياس جي ڇاپ آهي. ٻنهي تي چڱي خاصي محنت ڪيل آهي ۽ ٻئي پيپر حوالن سان ڀرپور آهن. هونءَ به صحيح ۽ پورو حوالو پيپر جي جان آهن. جتان ئي ٻيو ڪو تند تند سان ملائي ڍاڪا جي ململ جهڙو نفيس ۽ شاندار نتيجو عام آڏو آڻي سگهي ٿو.

مون اڳيم به چيو، پارتي پنهنجي آزمودي جي نچوڙ مان ’سيمينار‘ ۾ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. صفح 121/122 تي لکي ٿو.... 1981 کان 1999 پنجون ڏور (سنڌين جو تعليمي کيتر ۾ يوگدان) .... سنڌي تعليم - ٻولي، ساهتيه جي خيال کان نراشائي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نظر نٿو اچي. سنڌي ماڌيم وارا سڪول بند ٿي رهيا آهن. سنڌي لکڻ واري نئين ٿهي ڪونه آهي ۽ ائين لڳي ٿو ته سنڌي تعليم ۽ ساهتيه آهستي آهستي ڪري ختم ٿي رهيو آهي.....‘ ۽ اها ڳالهه صرف پارتي نه، پر هر هنڌ دهرائي ويندي آهي. پوءِ به وڏي ڏک ۽ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ممبئي يونورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ وارا ڪروڙين رپيه سنڌي دانوين کان سنڌيت جي نالي وٺي يونورسٽيءَ جي حاطي اندر ”سنڌي پاشا ڀون“ اڏي رهيا آهن. جيڪو يونورسٽيءَ جي ملڪيت ٿي رهندو.... زمين

مثالن سان ڳالهائي سگهي ٿو. جنهن مان سندس علميت جو اظهار پيو بکندو آهي. ۽ چڱا ڀلا ڪؤ ڪائيندا نظر ايندا آهن. ويرين کي وارو وٺڻ جو موقعو ئي ڪونہ ملندو آهي.

هي 'سيمينار' پيپر بہ سندس اپياس، آزمودي ۽ ذڪر هيٺ آيل عالمن سان شخصي لاڳاپن جو نتيجو آهن. صفحہ 44 تي پاڻ لکي ٿو تہ 'شرت ساهتيہ جو اپياس ڪيل هو ۽ اُن جو وڏو اثر هو...' ۽ ان وڏي اثر، اندر ڪتاب ۾ چڱي دست اندازي ڪئي آهي. پوءِ اُهو ڪهاڻي وارو هجي يا گوبند مالهي يا موهن ڪلپنا وارو پيپر. هڪ هنڌ (صفحہ 37) 'گوبند مالهي جا ناول' ۾ افسوس ظاهر ڪندي لکي ٿو '..... افسوس جو گوبند مالهي، گوبند مالهي ئي رهيو، نہ شرت ٿيو، نہ منشي پريمچند ۽ نہ جئنيدر ڪمار، ڪانديڪر، تارا شنڪر بئنرجي بہ بڻجي نہ سگهيو....' ان ڪانپوءِ بہ ٽپ ٽپ تي شرت بابو سان ڀيٽ ڪيل آهي. يارتي تہ لاچار آهي جو ان وڏي اثر کان پلوَ آجا ڪرائي نہ سگهيو آهي. نہ تہ، پيپر، موهن ڪلپنا - گوبند مالهي - اجواڻي ۽ هيرانند ڪرمچند جي زندگيءَ جي وزندار چاڻ ڏين ٿا. ۽ جي ڪو انهن جو اونهو اپياس ڪرڻ چاهي تہ سيمينار ڪيس وڏي هٿي ڏيندو. جتي ٻيا پيپر آزمودي ۽ شخصي لاڳاپن تي لکيل آهن اُتي

اجان بہ اڳتي صفحہ 124/25 تي ڊاڪٽر نارائڻ پارتي لکي ٿو.... 'سنڌي اسڪول-ڪاليج ٿورائي واري فقري هيٺ ٿا اچن پوءِ بہ خبر نہ آهي الائي ڇو ڪي ڪاليج ٿورائي وارن رکيل جاين تي سنڌين کي ڪونہ ٿا ڪڍن. ممبئيءَ جي هڪ ڪاليج ۾ ٿورائي واري لحاظ کان داخلائون ڪونہ ڏنيون ويون. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌين کي ٿورائي واري فقري هيٺ ايندي بہ داخلائون ڪونہ مليون. ٻئي طرف سيان ماٽونگا ۾ تامل، حاجي‌علي تي پنجابي، گهاٽڪوپر ۽ ولي‌پارلي ۾ گجراتي وغيره ٿورائي واري فقري هيٺ آيل ڪاليجن ۾ ٿورائي لحاظ کان داخلائون ڏنيون پيون وڃن. پر سنڌي ڪاروبارين جي ڪاليج ۾ ائين نہ آهي.' هتي اخباري ڏانو وٺي نالا ڪونہ ڏنا ويا آهن. مونکي هڪ نالو تہ دل تي اڪرجي ويو آهي. وويڪانند انجنيرنگ ڪاليج چيمبور ممبئي. جنهن ۾ بانيڪارن جي هنيلي هوڏ ڪري سوين سنڌي شاگرد شايد انجنيرنگ ڊگريءَ کان محروم رهجي ويا آهن. تازو هن سنستا جو مکيہ سرڪردو شري جهمٽمل واڌواڻي هن پيريءَ واري اوستا ۾ بہ سنڌيت جي ڏياٽي ڪنيون سڄي هندستان جا دؤرا پيو ٿو ڪري ۽ هر هنڌ سنڌي تعليم جي واڌاري لاءِ پاڻ پيو ٿو پتوڙي. پر پنهنجي ئي ڪاليج ۾ داخلا وقت جڳهيون سنڌين لاءِ مقرر ڪرڻ

تي مالڪاڻا حق يونورسٽيءَ جا رهندا. اڄ نہ سيپان، نہ شاگرد رهندا. ۽ نہ سنڌي باشندا يونورسٽيءَ جي پرواني ڪانسواءِ ان 'سنڌو پاشاپون' اندر پير پائي سگهندا. (سنڌي ڪهاڻي ممبئي يونورسٽي وياڳہ جا پنجويہ سال، ليکڪ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، ريڊر سنڌي وياڳہ-حوالو-سنڌو 2001 صفحہ II سمپادڪيہ.) ان ڪان بہ وڏيڪ ارمان جي ڳالهہ اها آهي تہ ان جڳهہ جو مهورتي-بنيادي پٿر درويش دادا جشن واسواڻي 14 اپريل 2000 تي رکيو.

'حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجٽ بورڊ، سنڌ ايڊيوڪيشنسٽس ائسوسئيشن، سوامي وويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي ۽ ساڌو ٻيلا ايڊيوڪيشن سوسائٽي، سيني گڏجي سنڌين جي ان پوتر مقصد جي سر انجامي لاءِ ميزباني جا فرض انجام ڏنا.' مٿين سيني سنسٿائن جا بانيڪار سنڌي سماج لاءِ روشن منار آهن. شاندار شخصيتون آهن، درويش صفت انسان آهن، اُن سان گڏوگڏ قائدي قانون ۾ برڪ تہ ڇا پر ڄڻ جادوگر آهن. .... پوءِ بہ ڌارئيءَ زمين تي پنهنجي مڪان اڏڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائون. 'سنڌي پاشاپون' نهي، ضرور نهي، پر پنهنجي زمين ٽڪر تي، يا ڪنهن سنڌي ڪاليج جي حد اندر-ان جهڙو ڪو پوتر ڪارج ڪونہ رهندو .

سنڌي ڪهاڻي جا پنجاهه سال
(سال 1948 کان سال 1998 تائين)

ڀارت جو ورهاڱو آگسٽ 1947 تي ٿيو. ورهاڱي بعد کولڊ پلاڊ شروع ڪونه ٿي پر ڪي گهر، ڪٽنب، شخص پل ته ڪٽي سال 1947 جي آگسٽ مهني بعد يا ڪجهه اڳ ديش ڇڏي ويا هجن. بلڪ سنڌ ۾ لڏ پلاڻ سال 1948 جي جنوري مهني کان شروع ٿي، جو هئي تاريخ ڇهين جنوريءَ تي. ڪراچيءَ ۾ هڪ گردواري تي حملو ڪري قتلي عام ڪيو ويو ۽ ڪراچي شهر ۾ ڦر لٽ ڪئي وئي. تڏهين ان جو اثر سڄي سنڌ تي پيو ۽ جن ائين ٿي سمجهو ته حڪومتون پيون ايندون ويندون، رعيت ته اتي ئي هوندي پنهنجو ملڪ ڪو ڇڏي ڪونه وڃبو. تن جي به من ۾ ڊيرو آيو ۽ هنن پنهنجي آن مان جو خطرو سمجهي، لڏ پلاڻ جا سانباها ڪيا.

منهنجو هت ورهاڱي جو اتهاس ڏيڻ جو مقصد نه آهي. پر سنڌي ڪهاڻي جي اتهاس ڏيڻ جي ڪوشش آهي. سنڌ جي عوام ۾ ته ليکڪ/ڪلاڪار به اچي ٿا وڃن ۽ سنڌي ليکڪ به ورهاڱي ڪري پنهنجو وطن سنڌ ڇڏي، ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙي پکڙي ويا، ته ڪي سنڌ ۾ ئي رهيا جي ڪجهه عرصي بعد سنڌ ڇڏي آيا.

جي فائدي ۾ ڪونہ آهي. سندس خيال قوميت جا آهن. هن جو ويچار آهي تہ ڪاليج جا دروازا سڀني لاءِ هميشہ کليل رکجن. سرڪار ۽ سپريم ڪورٽ جي ڏنل پرواني جو فائدو سنڌين کي ڏيڻ جي حق ۾ ڪونہ آهي. الائي سُٺُ ڪٿي منجهيو آهي. آهي ڪو سلجهائڻ وارو؟ سنڌيت جا شيدائي بہ سڀ چپ آهن. جهوليلعل سڀني جي پلي ڪندو. شال سنڌ ۾ سنڌيت جي مشعال برندي رهي.

چوندا آهن تہ چڱا ماڻهو فقط ٻہ آهن. 'هڪڙو مئل ۽ ٻيو نہ ڄاول'. مان تہ سڀني زنده دل انسانن جو ذڪر پيو ٿو ڪريان، جيڪي سڀ توهان جي شيوا ۾ حاظر آهن.

شڪرگذار آهيان ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جو جنهن مهاڳ لکڻ لائق سمجهو آهي. سندس لکہ ٿورا. پريوءَ در آراڌنا آهي تہ شال سالم صحت ۽ وڏي آورجا ماڻي. سيمينار ڀاڱو II ڇپائي، مهاڳہ مونکان لکائي. وڌيڪ سندس مرضي.

نند ڇڳاڻي
سومر 18 جون 2001.

پهريان ڏه ٻارهن سال : (سال 1948 کان 1960 تائين)
(سال 1961 کان 1971 تائين)
(سال 1971 کان 1981 تائين)
۽ ائين سال 1998 تائين پنج ڏهاڪا ٿيندا.

مان هت ليکڪن جي سوچي ڏيئي، ڪهاڻين جا نالا ڳڻي، ليک کي لنبو بہ نٿو ڪرڻ چاهيان. پر مان هت اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندس تہ سنڌي ڪهاڻي ۾ اِهي تبديليون ڇو ۽ ڪيئن آيون؟ ڪهڙين حالتن هيٺ اِهي تبدليون آيون، ائين ڪندي ڪي نالا ڪي حوالا آيا تہ ڀل اچن. پر انهن جو آڌار نہ بڻائيندس.

مان ڳالهہ ايندس پهرين ڏهاڪي تي - يعني 1948 کان 1958-1960. مون متي ٻڌايو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي جي اوسر سال 1941-42 ڌاري شروع ٿي. تہ هن کان اڳ ڇا هو؟ اهو سوال ضرور ڪي پڇندا ۽ پڇڻ واجبي بہ آهي تہ ان کان اڳ سنڌي ڪهاڻي هلي ئي ڪونہ - اسان ڀل چئون تہ ڪاڪي لالچند امرڏنومل جڳتياڻي جي ''حرمکي جا'' سنڌيءَ جي پهرين ڪهاڻي آهي ۽ آهي بہ، پر اهڙيون ڪيِ ٻيون بہ ڪهاڻيون، پرايڪڙ ٻيڪڙ ڪو سلسلو ڪونہ، ڪو لڳاتار وهڪرو ڪونہ. جو سال 1941 ڌاري شروع ٿيو ۽ هلندو رهيو.

سنڌي ڪهاڻيڪارن يا ليکڪن (منهنجو مطلب ناول نوسين، ناٽڪ نوسين وغيره) ٻين ٻولين مان پئي ورتو آهي. سنڌ ۾ ليکڪ پوءِ پڙهندڙ يا پهرين پڙهندڙ ۽ پوءِ ليکڪ، اڙدو ۽ هندي ۾ ئي پڙهندا ها. انگريزي ۾ تمام ٿورو. هندي پڙهندڙن، ٽئگور، شرت بابو، سدرشن ۽ ٻين اهڙن ليکڪن جون ڪهاڻيون ترجمو ڪيون، اصلوڪيون نہ لکيون.

سال 1936 ۾ ترقي پسند دؤرِ جي شروعات ٿي ۽ پهرين

سنڌي ڪهاڻي جي زمين هاڻ سنڌ نہ بلڪ ڀارت جي جدا جدا پرانتن جي زمين رهي. سنڌي ڪهاڻي جي هونءَ بہ نئين اوسر سال 1941 کان شروع ٿي. اچا ان اوسر کي ست سال بہ پورا ڪونہ ٿيا جو ان اوسر ۾ رڪاوٽ پئي. پر اهو سلو وڌندو رهيو، جو سال 1941 ۾ پيو هو ۽ ڀهرين ڪوشش هئي، ريگستان ڦول ان بعد پره ڦٽي نون ۽ اصلوڪن لکيتن جا مجموعا.

ڀي مهاڀارت جنگ بعد سنڌي ڪهاڻي ڪر موڙي جاڳڻ شروع ڪيو. ان جو نتيجو 'سنڌي ڪهاڻيون' جدا جدا ليکڪن جون اصلوڪيون ڪهاڻيون، ان بعد شيخ اياز جي ڪهاڻين جو مجموعو سفيد وحشي، سال 1947 جي اپريل مهني ۾ ظاهر ٿيل.

ورهاڱي بعد سال 1947 بعد بہ اها سجاڳي هلندي رهي ۽ نئين ڌرتيءَ تي اها سجاڳي گڏيل سڏيل روپ وٺي هلندي رهي. سال 1960 تائين انڪل روءِ ان نئين سجاڳي واري دؤر جا ليکڪ ورهاڱي کان ڇهہ ست سال اڳ اسريا، پيدا ٿيا ۽ اهي ورهاڱي بعد بہ هلندا رهيا ويندي سال 1960 جي آس پاس تائين.

مان هت سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪن دؤرن ۾ ورهائي ساڳي ليک تي هلڻ نٿو چاهيان جا ليک هن کان اڳ ۾ انهن گهڻن ليکڪن اپنائي آهي. جن سنڌي ڪهاڻي جي اوسر بابت لکيو آهي. ڪن سنڌي ڪهاڻي جا ڏه سال تہ ڪن سنڌي ڪهاڻي جا ويهہ سال، تہ ڪن سنڌي ڪهاڻي جي اوسر جي عنوانن هيٺ اوک ڊوک ڪئي آهي، يا جائزو ورتو آهي، يا تبصرو ڪيو آهي. انهن جي ليک آهي، ترقي پسند دؤر، رومانوي دؤر، نئين ڪهاڻي، آڻاٽي وغيره مان هت سنڌي ڪهاڻي کي ڏڪاڪن ۾ ورهائيندس. پنهنجي سهوليت جي خيال کان ۽ سنڌي ڪهاڻي کي سمجهڻ جي لحاظ کان.

۽ اتم جوان ۾ وڏو ڀاڱ هو. نون لکندڙن انهن جي پٺ ورتي ۽ پاڻ کي ترقي پسند ليکڪ سڏائڻ ۾ مان سمجهڻ لڳا. ورهاڱي بعد نئين دنيا رسالو نڪرڻ لڳو. رسالي جي ڪَوَر تي ئي نئين دنيا نالو هوندو هو ۽ ان هيٺيان ٺهڪ ست به ڏنل هوندي هئي ترقي پسند ليکڪن جو ماهوار رسالو. رسالي جي گيٽ اپ وٽندڙ، هٿ ۾ کڻي گهمڻ ۾ مزو اچي. اندر رچنا جو عنوان ۽ ان سان گڏ ليکڪ جو فوٽو رنگين مس ۾ ته مواد ڪاري مس ۾ ڇپيل. هر نئون ليکڪ، جهونا به، اهڙي رسالي ۾ پنهنجي رچنا ضرور ڏسڻ چاهيندو هو. ان ڪري انهن کي اهو لکڻو هو جو ان ٻمورتي کي يا ڇوپاري کي پسند اچي. ان ڪري لکيت ۾ ڦيري گهيري سرڪار جي خلاف ياونا، هاءِ سرمايدار، پونجيپتي نالا وجهي پنهنجي رچنا کي ترقي پسند جو رنگ ڏئي اها نئي دنيا ۾ ڇپائڻ چاهيندا هئا. ان عرصي ۾ ادبي ڪلاس به شروع ٿيو ڪي جهونن ليکڪن کي ڏسڻ ۽ پنهنجي ويجهو هئڻ ڪري ڪي ڇوڪرن ڪري ته ڪي ڇوڪريون ڪري ڪلاس ۾ اچڻ لڳا ۽ ٻين کي ڏسي ٻڌي ڪجهه پاڻ به لکڻ لڳا ۽ ائين لکندي لکندي اڳتي هلي خود به سٺا ليکڪ بڻجي پيا.

سنڌن اندر ۾ باه ته هئي فقط چڻنگ لڳڻ جي ضرورت هئي ۽ چڻنگ لڳي ته باه جو ڀنڀٽ به ٿيو. ۽ ائين ان دؤر ۾ گهڻائي نوان ليکڪ پيدا ٿيا. جيکي ترقي پسند ليکڪن کي سڀ ڪجهه سمجهڻ سان گڏ ٻين کي هيٺ يا رواجي سمجهڻ جي غلطي ڪرڻ لڳا. ان عرصي ۾ سنڌ جي ياد وطن جو وڇوڙو به ڪن لکندڙ جي اندر ۾ اٿل پٿل ڪرڻ لڳو ۽ انهن ان نموني جون رچنائون ڪيون.

ان سڄي عرصي واري دؤر کي ترقي پسند دور سڏيو تو

اهڙي ڪانفرنس لکنو ۾ ٿي ۽ ان ترقي پسند ليکڪن جون ڪهاڻيون گهڻو ڪري اُردو ۾ هونديون هيون ڪن ٿورن جون هندي ۾.

سنڌي ليکڪ عربي لپي ڪري اردو چڱي طرح پڙهي ۾ سمجهي سگهندا ها انهن اردو مان ڪهاڻيون ترجمو ڪرڻ شروع ڪيون. ڪرشنچندر جون ڪهاڻون رٽبير، منشي پريمچند (هندي ۽ اردو) خواج احمدعباس راجيندر سنگهه بيدي، اپيندرنات اشڪ جو ڪهاڻيون پڙهي، ترجمو ڪري سنڌي ۾ آنديون. ۽ انهن جو اثر، ڪجهه ڪراچي ۾ رهڻ ڪري سياسي ماحول جو اثر، سنڌي اصلوڪي ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪن سنڌي ترجمانن کي آماده ڪيو ته هو سنڌي ۾ اصلوڪي نموني لکن ۽ ان جو نتيجو ريگستاني ڦول ۽ پره ڦٽي آهن.

اهو سلسلو اڳتي هلي ڪري ورهاڱي بعد اسريو. ويندي سال 1960 تائين ۽ ان دور کي ڪن نقادن، جائزو وٺندڙن ترقي پسند دور سڏيو. هن عرصي ۾ بي ڏارا آئي جو ورهاڱي جي اثر، ديش ڇڏڻ جي ذڪر ۽ وطن جي ياد واري ڌارا ڪوٺي سگهجي ٿو. اهو مکيه وهڪرو نه پر ڌارا هئي.

ورهاڱي ڪري سنڌي بي گهر ٿي ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ پکڙندا رهيا. جيسين ڪو ٿرتان ٿئي. ورهاڱي جا ڪارڻ ڪانگريس کي ڪوٺيو ويو. ان ڪري ڪانگريس خلاف هوا هلي ٻيو رستو هو روس جو ان جي ترقي جون ڳالهيون پڙهبيون ٻڌبيون ٿيون. ڪميونسٽ جي پرچار ڪرڻ جي پنهنجي ريت هئي. اخبارون اردو ۾ سياست، تحريڪ وغيره اهڙيءَ طرح هندي ۾ به رسالا نڪرندڙ هئا. جن ۾ مکيه هو هنس سنڌي ليکڪن، سنڌ ۾ ئي ان جي لکندڙ جي پٺ ورتي. ٿمورتي، مالهي، ڪيرت

آهي ۽ هين ليڪڪن ۽ يا ڪن هين لکندڙن ان وشيہ کي ڇهيو ڪونہ، ڇهيو ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي. پانڪ پيدا ڪيا. پر سهرو موهن تي آهي. سچ پڇ تہ هن ڏارا جي شروعات ايشور آنچل جي ڪهاڻي ڇهاوَ سان ٿي.

نائڪ شادي ڪرڻ نٿو چاهي. پر مائٽن جي زوربار هيٺ هو پوني ۾ ڇوڪري ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهي ريل جي گاڏي ۾ هڪ ڇوڪري ياتري جو رومال هيٺ ڪري ٿو پوي ۽ نائڪ اُهو ڪريل رومال کڻي ڇوڪري کي ڏيڻ ٿو چاهي. ڇوڪري بہ اُهو ڪريل رومال کڻڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿي، ٻنهي جا هٿ هڪ ٻئي کي ڇهن ٿا ۽ اهو هٿن جو ڇهاوُ نائڪ جي مَن ۾ ڦيرو ٿو آڻي ۽ هو شادي ڪرڻ لاءِ ڇوڪري ڏسڻ ٿو وڃي پهرين مائٽن جي مرضي رکڻ لاءِ ٿي ويو ۽ هاڻ شادي ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو. ان ڇهاوَ هن جي من ۾ ڦيرو آندو.

ان ڇهاوَ سنڌي ڪهاڻي جي وهڪري ۾ ڦيرو آندو پر تيزي آندي موهن ڪلپنا ۽ لال پشپ ٽيون نالو گنو سامتاڻي جو بہ ڪنيو ويندو آهي پر مونکي لڳندو آهي تہ گنو سامتاڻي کو ان لهر ۾ نٿو اچي. هن تي شرت بابو جو گهڻو اثر آهي اهو ئي پاپي واد، ديدي واد آهي. من جي اڻ تڻ آهي ها باقي بدلاوَ آهي.يعني ترقي ڏارا کان بدلاؤ شايد ان ڪري ئي ٽيئي نالا گڏيا ٿا وڃن. ڪهاڻي رسالو ماهوار طور مخزن نمونې نڪرڻ بدران هاڻ فقط ناول ڪڍڻ شروع ڪيا. ڪونج بہ موهن ۽ لال جي اثر مان نڪري ٻاهر آئي. ۽ وري سنڌي ڪهاڻي، تبديل چاهي ۽ تبديل آئي ان بدليل ڪهاڻي کي سڏيو ويو نئين ڪهاڻي، هنديءَ ۾ ڪمليشور، راجيندريادوَ ۽ راڪيش اگهتي وڌيا.

مون پهرين بہ چيو آهي تہ سنڌي ڪهاڻي تي اڙدو، هندي

وڃي. پر ڪن نقادن ان سڄي عرصي ۾ آيل رچنائن کي ڪچرو سڏيو آهي جو بہ واجب نہ آهي. اهو ڪچرو نہ اچي ها تہ اڄ سنڌي ڪهاڻي ايترو اوسر نہ ڪائي ۽ نہ ايتري ترقي ڪري هان. اهو برابر آهي تہ جڏهين پوڄ ايندي آهي تہ سنين شين سان گڏ ڪچرو بہ وهي ايندو آهي. تہ ان دؤرو ۾ ڪي ۽ گهٽيون سنيون چيزون بہ آيون تہ سنا ڪهاڻيڪار بہ پيدا ٿيا اهو دؤر اٽڪل ڏه ٻارهن سال هليو.

ان بعد پيو ڏهاڪو شروع ٿيو جنهن کي سنڌي ڪهاڻي جو رومانوي دؤر سڏيو ٿو وڃي. ساڳي شئي پوءِ پل تہ سٺي چو ڄين هجي، اها اڻ وٽندڙ لڳندي آهي. انساني سڀاءَ تبديل پسند ڪندو آهي.

سنڌي ڪهاڻيڪارن، ساڳي ڳالهہ سوڻت سرڳ ڳاڙهو جهنڊو رت رڱيو چولو لکي، پڙهي تنگ ٿي پيا. جڏهن انسان لاءِ فقط روٽي آهي. ان سواءِ ٻئي ڪا چيز آهي ئي ڪونہ ان عرصي ۾ اڳيہ جو نندي ڪ دويپ (استري هڪ پرولي) ۽ ڏرموير پارتي جو ''گناهن پريو ديوتا'' ناول سنڌي ۾ آيل هئا. تن جڏهن سنڌي ڪهاڻيڪارن کي موقعو ڏنو، پنهنجي من ڪولڻ جو ۽ ان ۾ موهن ڪلپنا اڳرو رهيو. ڪجهہ پنهنجا آزمودا، ڪجهہ دوستن جون ڳالهيون پنهنجي ڪهاڻين ۾ آنديون.

جئن ترقي پسند دؤر جو جهنڊو نئين دنيا رسالي کنيو هو. تيئن هن دؤر جو جهنڊو ڪهاڻي رسالي کنيو ۽ ڪي. قدر ڪونج رسالي بہ هٿ وڌايو ۽ هي ڏهاڪو نهي پيو اندر جي لوچ پوچ، من اندر اٿندڙ پڙ، حسن ليکن جي وسہ ئي پيئي، پوءِ اڌ ڪهاڻي چانڊني يا زهر هجي يا ريل ۾ هڪ لاش هجي. ان جي پوئواري ڪئي يا سات ڏنو لال پشپ ۽ گني سامتاڻي. ائيس ڪونہ

هنن ڪهاڻين کي اَکهاڻي ڇو سڏيو ويو؟ اهو هڪ سوال آهي ته ڇا اها ڪهاڻي آهي ؟ هڪ ذڪر آهي.

روايت مطابق ڪهاڻي ۾ نائڪ هجي نائڪا هجي، گفتگو هجي، زمانو هجي پر هنن ڪهاڻين ۾ نه ته نائڪ آهي ۽ نه نائڪا ۽ نه وري ڪو زمانو، ته ڇا آهي؟

پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ هڪ سڌي ليک ڪان هٽي الڳ ٿي بيهڻ آهي اَکهاڻي هن سلسلي ۾ مان جدا جدا ڪهاڻين مان ڪي حوالا ڪٽي ڪي فقرا لکي مثال ڏيئي سگهان ها. پر مان ائين نٿو ڪريان مونکي هن وشيه تي ڪا ٿيسيز لکڻي ڪانه اهي. ڪو لکڻ چاهي ته لکي سگهي ٿو. پر منهنجو آڏو اهو مقصد ڪونه آهي، مونکي رڳو اهو ٻڌائڻو آهي ته سنڌي ڪهاڻي جا گذريل پنجاه سالن ۾ ڪهڙا ڪهڙا روپ آهن يا سنڌي ڪهاڻي گذريل پنجاه سالن ۾ ڪهڙي اوسر ڪئي آهي ۽ هاڻ ڪٿي بيٺي آهي.

مان هن ڍاڪي جي ڪهاڻي کي اَکهاڻي سڏيان - خود جي اوکه دوکه خود ۾ پيا به ته اچي ٿا وڃن، ڇو جو خود به ته ڪو الڳ ڪونه بيٺو آهيان، ڪن پين جي وچم آهيان. ان ڪري پنهنجي اوکه ڊوکه، پين جي نقاشي به آهي.

هن دؤر يا ڍاڪي جي ڪهاڻي تي ڪافڪا جي ڪهاڻي جو اثر آهي. ڪافڪا پنهنجي من ۾ پاڻ نٽولي ٿو، ائين ڪٿي چئجي.

”.... ليکڪ پنهنجي شخص جي تلاش ۾ پٽڪي به رهيو آهي هو پنهنجي آتم-تلاش جي پرڪيا ۾ ڪجهه قبول ڪندو نظر اچي ٿو. ڪهاڻي نويس پين کي ڪهاڻي ٻڌائڻ بدران پاڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ سرگردان آهي.

جديد يگه ۾ وگيان ۽ ٽيڪنالاجي وڪاس سبب انسان جي

۽ انگريزي ڪهاڻي جو اثر سنو پيو آهي، جڏهن جڏهن انهن ڪهاڻين جا رستا بدليا آهن تڏهين تڏهين پر تمام گهڻو پوءِ اهي رستا سنڌي ڪهاڻي ۾ به بدليا آهن.

شري پرم ابيچنداڻي جي راءِ مابق ٻين ٻولين جي دؤر ختم ٿي ويندا يا ختم ٿيڻ تي هوندا ته پوءِ اهي سنڌي ۾ ايندا آهن ۽ سنڌي پڙهندڙن کي اهي نوان ڀاسندا آهن، پر هوندو ائين آهي ته اهي ٻين ٻولين جي ساهتيه ۾ اڳوڻا هوندا آهن. پوءِ اهو ڪامو ڻو، يا ڪافڪا، سارتري، يا هندي جو ڌرم وير ڀارتي هجي يا ڪمليشور انهن کان پوءِ دنيا گهڻو اڳتي وڌي ويندي آهي. پر سنڌي ادب ۾ اهو نئون نئون ٿي شروع ٿيندو آهي. انهن لاءِ اپياس جي کوٽ يا لاڳاپي جي غيرموجودگي ڪجهه به هجي پر آهي ائين ئي.

ڪهاڻي ۾ پنهنجي اوک دوک، شخصي من جي آنند مانڊ هن دؤر جي وشيه آهي هن دؤر ۾ اڳرا رهيا شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي، ڪي قدر وشنو ڀاٽيه ۽ ٻيا. شيام جئسنگهاڻي جي ڪهاڻي هڪ ٻيو ڏينهن، ٿونگو، وشنو ڀاٽيه جي اوشواس جو جنم هر شخص، سماج ۾ ٿو رهي ۽ ان شخص جو جيون سماج جوئي حصو هڪ روپ آهي. شخص جڏهين پنهنجي اڙدگڙد زندگي پنهنجي وجود جي چنڊ ڇاڻ ٿو ڪري ته جٽڪ اها چنڊ ڇاڻ اهو ڇيد ان شخص جو ته آهي ئي پر ان سماج جو به آهي جنهن ۾ هو رهي ٿو، جئي ٿو. انسان هڪ سماجڪ پراڻي آهي ان کي ان کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. ان کي ائين ڪونه ڇئبو ته ان دؤر يا ان ڍاڪي ۾ آيل ڪهاڻيون ڪو ڪن شخصن جي شخص اوڪه ڊوڪه آهي ۽ ان سان سماج جو ڪو لاڳاپو ڪونه آهي. ڪرشن کٽواڻي جي ڪهاڻي منڙي تو نه سڄاتو به اها اوڪه ڊوڪه آهي.

مٿان اڇو ڪي اڇو لال سوڙج چمڪندو. اها ۽ اهڙيون ڪهاڻيون نئين دنيا رسالي ۾ مان شان سان ڇپبيون هيون.

ان بعد جيڪي، وديارٿي پڙهندا هئا. تن نوڪريون حاصل ڪري روزگار کي لڳا ۽ اکيون هڻڻ شروع ڪيو هيون. تڏهين ته موهن ڪلپنا جي هڪ ڪهاڻي جي نائڪا نائڪ جو بوٽ پالش ٿيل نه ڏسي نائڪ سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

زميندارن وقت سان پاڻ نهڪائي پورهيو ڇڏي ڪپڙي جا ننڍا ننڍا دڪاندار بڻيا هئا. ڪاڻ جا دڪان ئهي هڪ بزار بڻائي ڇڏي هئي. ڪلياڻ ڪئمپ بدلجي الهاسنگر ٿيو هو. ماڻهن سنڌ واپس وڃڻ جا سپنا لهڻ ڇڏي حقيقت ۽ حالتن سان پاڻ نهڪائي ڇڏيا ۽ ڪهاڻي ڪارن به رومانوي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون.

رومانس پورو ٿيو ته پنهنجي اوکه ڏوکه شروع ٿي. جنهن نئين ڪهاڻي کي جنم ڏنو هاڻ ٻئرڪن مان پڪا گهر ٿيا. هر گهر کي پنهنجو نجو ڪاڪوس، الڳه سنان گهر سهوليت پر ره رنڌڻو، بس هڪ نئين سماج ئهي. خانبدوش واري حياتي پوري ٿي ڳاڏين ۾ ڪٽمنڙا، ڦٽونا وڪڻندڙ ڇوڪرا، جوان ٿي دڪاندار بڻيا هئا.

تڏهين وچولو طبقو به اڀري آيو ۽ ان سان گڏ ان جا مسئلا به پيدا ٿيا ۽ انهن مسئلن کي روشني ۾ آڻيندڙ رچناڪار به اڳتي وڌي آيا جن جي اڳواڻي ڪئي ايشور چندر.

مالهي، ڪيرت، اتم سندري جي جاءِ موهن ڪلپنا لعل پنپ، گني پري انهن جي جاءِ شيام جئسنگهاڻي، هريش واسواڻي، موهن ديپ، وشنو ڀاٽيه ورتي ته سندن وارو ورتو ايشور چندر، ايشور ڀارتي ۽ ٻين ورتو.

سنڌين جي گهرو جيون جو ڇٽ هن ڏهاکي يعني ڇوٿين

ٻاهرين پسگردائي ۾ جيڪي تڪڙيون تبديليون آيون آهن، تن اسان جي ويچارن ۽ وهنوار ۾ ڪافي ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. اهي نيون اٿاهسڪ حالتون هڪ نئين انسان کي گهڙي رهيون آهن، جنهن کي اسان نئين ڪهاڻي چئون ٿا.

اها هڪ نئين انسان جي چيتنا جي ڪهاڻي آهي. پراڻن ملهن، مقبول آدرشن کي نئين ماحول ۽ واتاورڻ مان پيدا ٿيل سندس چيتنا قبول نٿي ڪري، ان ڪري اڄ جو هر ذهين ۽ حساس شخص بيچئن آهي اتان ئي نئين ڪهاڻي جي شروعات مڃڻ کپي.

اڄ پنهنجي نجي خواهش موجب زندگي جيئڻ، شخص جي وس ۾ رهيو ئي ڪونهي پر مرڻ جي آزادي بہ وٽس ڪانہ آهي. (حوالو سنڌي ڪهاڻي جي اوسر - جڳديش لڇاڻي - ص. 108)

هي چوٿون ڏهاڪو سال 1981ع کان سال 1991 تائين وارو

سنڌين کي ورهاڱي بعد هت هندستان ۾، نئين ڀومي ۾ رهندي چاليهہ سال گذري ويا آهن نہ اهي شروعاتي تڪليفون آهن ۽ نہ اها انڌاري راهہ آهي جو پانڌيئڙو ڀٽڪي پوي تہ ڪيڏانهن وڃان ۽ ڇا ڪريان.

پهرين ڏهاڪي ۾ جڏهين زميندار طبقو هتي خالي فقط ڪپڙا، بسترو ۽ رڌپچاءُ جا باسڻ کڻي آيو هو. روزگار جي آسري، ڪٿي نهي نڪي ويهڻ جي انتظار ۾ تہ زالن کي پاٿل سون لاهرائي وڪٽي ڏينهن ڪٽيا هئا ۽ پوءِ مزدوري ڪرڻ شروع ڪئي تڏهين جينانند تاب ڪهاڻي لکي هي ''نوان پورهيت'' ۽ ترقي پسند طبقي واهہ واهہ ڪندي ساراهيندي چيو هو تہ اها آهي ترقي پسند ڪهاڻي جو هڪ زميندار، مزدور بڻيو آهي ۽ سنڌين ۾ بہ مزدور، پورهيت طبقو پيدا ٿيو آهي بس جاڻ انقلاب آيو. سنڌي بستين

دؤر ڪالنگا چترڪلا وغيره آهن يا سنگيت ۾ جئپور گهراڻو، گواليار گهراڻو آهن. تيئن سنڌي ۾ ڪهاڻي جا بہ مٿان چار دؤر يا ڏاڪا آهن. جن تي ڪي نالا سچاٽپ طور ڏنا ويا آهن، تئين هت پنجين ڏاڪي تي کهڙو نشان يا نالو لڳايان اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي. توهان مان ئي ڪو نالو ڏسي يا ڪو سمجهاءِ ڏي.

باقي هن ڏاڪي ۾ ستيش روهڙا، ريٽا شهاڻي، لکمي کلاڻي، پريم پرڪاش، اندرا واسواڻي، هري موٽواڻي، تارامير چنداڻي، ناري پدم، جهمو چڳاڻي، چڱو ڏيان ڇڪائين ٿا. هنن جي ڪهاڻين کي ڪنهن خاص نالي هيٺ آڻي نٿو سگهجي. انهن جي ڪهاڻين ۾ سماجڪ چتر بہ آهي. جئين ڪ اندر واسواڻي جي ڪهاڻي منجري، ولايت کان واپس آيل وغيره. ملڪ جي حڪومتي ڍانچي بابت ستيش روهڙا جي اونداهون سچ، برابر هڪ سچ آهي پر اهو ڪو روشن يا وڻندڙ ڪونہ آهي. پر آهي سچ! هري موٽواڻي اڃاوار ڪارا پونر ڪهاڻي کي رومانوي ڪهاڻي ڪوٺي سگهجي ٿو ڇا؟ ناري پدم جي نئو ڪمرو هڪ وچولي طبقي جي مجبوري جي تصوير آهي، جهمون چڳاڻي جي ڪهاڻي هڪ ٻيو ورهاڱو، ورهاڱي جي درد جو هڪ چتر آهي.

يعنيٰ تہ هن ڏاڪي گڏريل ڇئن ڏاڪن جو ميل جول آهي. ان ڪري توں توں آهين ۽ مان مان آهيان ۽ توں ۽ مان آهيون واري حالت آهي. هن ڏاڪي ۾ سنڌي تعليم جي بہ آخرت آهي. مان نراس نہ آهيان: پر حقيقت شناس آهيان هڪ اهڙي بستي ۾ شهر ۾ رهندڙ آهيان، جتي سنڌي ماڌيم وارن اسڪولن ۾ داخلا لاءِ سفارشون گهربل هونديون هيون، پراڇ شاگردن لاءِ دردروجهٽو ٿو پوي، جي تعليم نہ آهن تہ پوءِ ساهتيہ ڪٿان پيدا ٿيندو جڏهين پڙهندڙ ئي نہ آهي تہ لکندڙ ڪٿان ايندا.

ڍاڪي ۾ وڏيڪ نظر ٿو اچي. پئسو ڪپي، پوءِ کهڙي به نموني، گهر ۾ فرج هجي ٽي-وي ڪپي، ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ۽ ان لاءِ ڪپي پئسو. ان پئسي ڪي وٺي. انهن ضرورتن ڪي وٺي ايشور چندر لکي کهاڻي هڪ ٻيو سوال، نه مرڻ جو دک، ايشور پارتي جي .کهاڻي جنهن ۾ چاچو پائٽي ڪي پنهنجي نلڪي تان پلاٽي پرڻ نٿو ڏئي پر اهتي هلي خود ڏيءَ جي شاديءَ لاءِ پائٽيءَ وٽ سوالي ٿي ٿو وڃي.

گهرو زندگي جو نقش هن ڍاڪي ۾ آيل آهي، پاڻ کي اڳرو ڪرڻ لاءِ دبئي وڃڻ، سينگاپور، مالي مان مال آڻڻ اهو وڪڻي ۽ پئسي وارو ٿيڻ، پئسو آهي ته سڀ ڪجهه آهي. پئسي واري جا سوين سلامي. پئسي ڪي سلام آهي. هن ڍاڪي ۾ هيرو شيوڪاڻي جي کهاڻي ٻيءُ جو پورٽريٽ آيل آهي. مرڻ بعد پڳڙيون ٻارهي ڪي نه مڃيندڙ گهرو شان ۽ گهر خوش لاءِ پيءُ جو پورٽريٽ ٿو لڳائي.

گهرو زندگي، گهر ڪي ٺاهڻ، ٻاهريون ڏيکه ويکه رکڻ، ٻارن کي چاڙهي پنهنجي لڳي لڳائڻ اهي سڀ ڳالهيون هن ڍاڪي جي آڪاڻين ۾ اچن ٿيون. هن ڍاڪي ڪي مان جيڪر سماجڪ ڪشمڪش وارو ڏور سڏيان. توهان ڪي ڪو نالو سجهي ته ٻڌايو.

هونءَ به ته نالو جمڻ بعد ئي رکبو آهي ها نالا اول به سوچي سگهبا آهن. پر هن حالت ۾ نه. جڏهين چيز آهي ئي ڪونه ته پوءِ چا تي رکجي.

۽ آخر ۾ ....

لڳ ڀڳ سال 1991 کان وٺي اج سوڌو يعني پنجون ڍاڪو. ڪو خاص نالي رکڻ جوڳو نه آهي. جئين چترڪلا ۾ مغل

گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون

موجود سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ مطابق سنڌي ڪهاڻي معنيٰ سنڌي جي اصلوڪي ڪهاڻي ۽ ان جي شروعات سال 1914ع ۾ ڪاڪي لالچند جڳتياڻي جي لکيل ”حرمکيءَ جا“ سان ٿي ڪئي وڃي. ڪاڪي لالچند ٻيون بہ ڪهاڻيون لکيون آهن. پر سندس ۽ سنڌي جي پهرين اصلوڪي ڪهاڻي ”حرمکيءَ جا“ ليکي ٿي وڃي. جيتوڻيڪ پرنسيپال لالسنگهہ اجواڻي ان کي مضمون ٿو سڏي، پر تنهن زماني ۾ يا سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ ان نموني جو هو. اڄ ڪهاڻي ڪلا ڪافي اڳتي وڌي آئي آهي.

برک نقاد پروفيسر هريش واسواڻي هڪ هنڌ لکي ٿو تہ:

”ڪهاڻي جو روپ ساڳيو ڪونہ رهيو آهي. ڪو وقت هو جڏهين اها شربت وانگر رڱو ٻارن کي پيئاري ويندي هئي. ٿوري عرصي بعد ڪن من موجين کي شراب بڻائي غم غائب ڪرڻ جو ساڌن بڻايو. وري ڪن سياڻن ان کي دوا جو روپ ڏنو ۽ ان مان هوُ پنهنجي ۽ ٻين جي صحت جوڙڻ لڳا. اڄ اها هڪ گلابي پاڻي آهي. ڪو وقت ايندو جڏهن اها صرف پاڻي رهجي ويندي. اهو ڪهاڻي جو اصليٰ روپ هوندو ڪهاڻي جو اصلي روپ اڃا باقي آهي.....“ (آرسي 05جنوري 1986ع)

سنڌي ڪهاڻي ڪلا اڳتي وک وڌائي ۽ ان وک وڌائڻ جو شرف

جهونا ليک وڙور ڪري لکن ٿا جئين ڪِ ستيش روهڙا، لکمي ڪلاڻي، تارا ميرچنداڻي، رينا شهاڻي. آهي ڪوئيون ليک؟ نئين ڪهاڻيڪار ڪو سجهيو؟ اڄ سنڌي ۾ ڪهاڻي لکندڙن جو انداز پنجاهه ڪن آهي. اُنهن مان بہ ڪن تہ ڪَهاڻي تہ ڇا پر ڪجهہ بہ لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. پوءِ جيئن جو تئين آهي تہ انهن جو انداز پنجاهه ڪن آهي. گهٽو ڪري سڀ پنجاهه سالن جي عمر پار ڪري چڪا آهن، نئين نسل يا نئين ٽهيءَ جو ڪو ڪهاڻي نويس جڙڪ آهي ئي ڪونہ.

گذريل پنجاهه سالن ۾ ٻہ سوَ ڪن ڪهاڻي سنگره ظاهر ٿي چڪا آهن. پوءِ بہ سنڌي ڪهاڻي سنگره جن جي ڳڻپ ڪري سگهجي يعنيٖ ڪي ٻاٽاپي ۾ آٽي سگهجي. پوءِ بہ سنڌي ڪهاڻي اڄ ڀارت جي ٻين ٻولين جي ڪهاڻين سان برميچي سگهجن ٿيون ۽ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهن ٿيون.

هنن حالتن ۾ هريش واسواڻي جي گهڻٽي ياد ٿي اچي هيءَ ڪهاڻي اسان کي آگاهه ٿي ڪري، گهڻٽي وڃائي سڄاڳ ٿي ڪري ۽ ٻڏائي ٿي تہ ڇا ٿيڻو آهي. بس.

•••

اسڪول، ندي، جتي ديوداس ۽ پار اسڪول مان پڇي وڃي لڪندا هئا. اهي موجود نظر ايندا تہ ليکڪ جي رچنائن ۾ وقت جو سماج جي خبر ٿي پوي. ۽ جڏهين اسان چئون بہ اهو ٿا تہ ساهتيہ پنهنجي وقت جي سماج جو هڪ چتر آهي. هڪ تصوير آهي تہ اهو صحيح تہ معنيٰ ۾ هئڻ بہ گهرجي:

هاڻ مان ان بنياد تي گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون بيهاريندس تہ سندس گهڻيون نہ ... چند ڪهاڻين کي ڇڏي باقي ڪهاڻيون سنڌي سماج، سنڌي ڪلچر ۽ پنهنجي وقت جو نقش ڏيون پيش ڪن.

سندس ڪهاڻي هندي ۾ ترجمو ٿئي يا مرهٽي ۾ يا انگريزي ۾ ۽ جي متس اهو لکيل نہ بہ هجي هي سنڌي ڪهاڻي آهي پوءِ بہ پڙهندڙ نالن مان ڪهاڻي ۾ ڏنل وايو منڊل مان ڄاڻي سگهندو تہ هيءَ ڪهاڻي سنڌي آهي.

ڪوبہ ليکڪ پنهنجي واتاورڻ کان جن حالتن ۾ رهي ٿو. جنهن تحرڪ ۾ آهي. ان کان پنهنجي لکڻين ۾ منهن نٿو موڙي سگهي. پنهنجا پين جا آزمودا هو پنهنجي رچنائن ۾ آڻي ٿو. شرت بابو جو ناول شريڪانت هجي، چرترهين ان ۾ برما جو ذڪر آهي. شرت بابو برما ويو هو. اتي ڪجهہ وقت نوڪري بہ ڪئي هئائين. اهو ذڪر سندس ٻئي هڪ ناول ''آزاديءَ جا اپاسڪ'' ۾ بہ آيل آهي.

اهڙي طرح گوبند مالهي آزاديءَ جي هلچل سال ١٩٤٢ کان پوءِ سوشلٽ يا ڪميونسٽ ويچار ڌارا جي اثر هيٺ هارين نارين مزدورن جي ويجهو آيو. ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ''هاري حقدار'' ان اثر واتاورڻ جي اپج آهي ۽ هيءَ هاري حقدار ڪهاڻي سال 1946 ۾ لکيل آهي ۽ شايد سندس پهرين يا ٻي لکيل ڪهاڻي آهي.

گوبند مالهي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو آهي. پر پڙهڻ سانگي

سنڌي ڪهاڻي جي پهرين نمورتي ڪي آهي. آسانند مامتورا، امرلال هنگوراڻي ۽ مرزا نادربيگ سنڌي ڪهاڻي کي منورنجن واري دؤر کان ڪڍي حقيقت دؤر ۾ آندو اهو سال 1930ع کان ٿو شروع ٿئي ۽ وبندي سال 1946 تائين ٿو هلي. ان وچ ۾ ڪيترن ئي سنڌي ليکڪن ڪڏهين ڪڏهين اصلوڪيون ڪهاڻيون پئي لکيون جن جو نتيجو ريگستاني ڦول، پره ڦٽي، سنڌي ڪهاڻيون سوشلسٽ پاڪستان، ۽ سرد آهون، سفيدي وحشي ڪهاڻين جا مجوعا آهن. 1941 کان وٺي وري بي نمورتي آئي جنهن ۾ هئا. سرو شري گوبند مالهي، گوبند پنجابي ۽ ڪرشن کٽواڻي جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي اجا بہ وڪہ اڳتي ڪڍائي. انهن جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي چٽر کان سواءِ سوشلسٽ ويچارڌارا کي بہ آندو جنهن کي ترقي پسندي تي سڏيو وڃي ان ئي ڪڙي ۾ ڪيرت باباڻي، سگن، گولاڻي، اتم ۽ سندري ٿا اچي وڃن. بعد ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، لعل پشپ جي نمورتي تي اچي. ۽ ائين سنڌي ڪهاڻي اڳتي وڌندي رهي ۽ وڌندي رهي ٿي. ان آخرين سچي دؤر ۾ سنڌي ڪهاڻين جي رفتار گهٽ نظر آئي.

سنڌي ڪهاڻيءَ سان منهنجو مطلب آهي جنهن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج، سنڌي رهڻي ڪهڻي جو چٽر چٽيل هجي.

بينگالي ليکڪ شرت بابو جي ڪهاڻين اپنياسن پڙهڻ سان اسان جي آڏو بنگالي ڪٽنب، بنگالي ڳوٺ، ريتون رسمون، هلڻ چلڻ جو نقش ملي ٿو. بنگالي ڪٽنب ڪيڏو بہ غريب ڇو.نہ هوندو. پر وٽن ڪم ڪرڻ واري مائي ضرور هوندي جئين ڪ شرت بابو جي ناول ''پڳل چوڙيون'' ۾ ڊيڪاريل آهي.

تازو ڪلڪتہ وڃڻ سان شرت بابو جي جنم آستان ديواندپور ڏسڻ جو موقعو مليو. اڄ بہ توهان کي ديوداس ناول ۾ ڊيڪاريل

گوبند مالهي، هاري حقدار تحرڪ سان همدردي رکي ٿو. ان تحرڪ ۾ ڪي قدر ڪم به ڪري ٿو پر رهي ته ان سماج ۾ ٿو. جتي ننڍا وڏائي جا فرق آهي. ڏيتي ليتيءَ ڪري گهرن ۾ وڏيون نينگريون ويٺل آهن. مالهي انهن حالتن ڪان به ڪو اڻ واقف ڪونه آهي. ”همدرديءَ جو احساس“ ڪهاڻي جا هن سال ١٩٤٦ ۾ ئي لکي آهي. جنهن سال ۾ هن هاري حقدار ڪهاڻي رکي ”همدرديءَ جو احساس“ ڪهاڻي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ وڏي ڇوڪري جواني جي جوش ۾ اچي نارو سان رستو ٿي رکي جو سندس سؤٽ جي دڪان تي پگهار دار آهي ۽ دڪان تان سيڌو پاڌو ڪٽي گهرن ۾ ٿو پهچائي. موهنيءَ کي ان پگهاردار مان پيٽ ٿو ٿي پوي. مائٽ پريشان آهن ۽ هو ڪراچيءَ ۾ وڃي موهنيءَ جو آپريشن ٿا ڪرائڻ چاهين يعنيٰ ٻار ڪيرائڻ ٿا چاهين.

موهني ڪراچيءَ ۾ پنهنجي مائٽن سان گڏ هڪ فلم ٿي ڏسي جنهن ۾ به اڻ ئي قسم جي ڪهاڻي آهي ۽ فلم جي نائڪا ٻلا ڪان ٻجي سمنڊ ۾ ٻاڻ ٿي ٻوڙي. ليڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ موهنيءَ کي به اهائي ٿو صلاح ڏي موهني کي فلم جي نائڪا مان همدردي ٿي حاصل ٿئي ۽ هوءَ فلم پوري ٿيڻ بعد مائٽن ڪان کسڪي وڃي. سمنڊ تي ئي پهچي ۽ سمنڊ ۾ ٻڏي آپگهات ٿي ڪري.

هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ ترقي پسند نه بلڪ حالتن، حقيقت ڪان منهن نه موڙيندڙ ٿو لڳي. هن ڇو ڪري ڪان سماج خلاف بغاوت ڪرائڻ بدران آپگهات ٿو ڪرائي ۽ پوءِ به ان کي.همدرديءَ جو احساس ٿو سڏي. تنهن زماني جي حالتن انوسار ليکڪ تمام ٿو رين حالتن ۾ سماج جو مقابلو ڪيو آهي. شرت بابوءَ به پنهنجي وقت جي سماج جو ڪو ڪليو مقابلو ڪونه ڪيو هو. وڏي دادي ۾ ماڌوي وڌوا آهي. سريندر کي چاهي به ٿي. پر کلي طور سريندر سان پيار

ڪراچي ۾ اچي ٿو جئين عام طور سنڌ جا سرنديءَ وارا جوان اوچ تعليم لاءِ ڪراچي ۽ حيدرآباد ڏانهن ويندا هئا. خاص طور اتر سنڌ جا رهواسي ڪراچي ويندا هئا. ليڪ جي هن ڪهاڻي ۾ ڳوٺاڻو وايو منڊل جئين جو تئين آهي پر هڪ ڳالهه ضروري آهي ته ڪهاڻي جو سجاڳ هاري رحيم صحيح نموني رحيم نه بلڪ گوبند مالهي آهي.

هيءَ ڪهاڻي برابر ان وقت جنهن ۾ لکي ويئي هئي، ان جو آئينو آهي. سال 1944ع ۾ ئي سوشلسٽ تحرڪ شروع ٿي ويو هو ناسڪ جيل ۾ جئه پرڪاش نارائڻ، اچوت پٽوڙڌن، رام منوهر لوهيا، يوسف مهر علي ۽ ٻين گڏجي ڪانگريس اندر هڪ گروپ سوشلسٽ نالي ٺاهيو هو ۽ ان دؤر ۾ گهڻا سنڌي ليکڪ ۽ ٻيا نوجوان جهڙوڪ ليڇمڻ راجپال، آسن پيرواڻي، سخاوت چوٽواڻي وغيره ان تحرڪ سان وابسط هئا ۽ اهو دؤر سال 1947 تائين چڱو زور هو. مالهيءَ ان وقت جي ووٽن واري دؤر (سال 1946) جو ذڪر ڪيو آهي. يعنيٰ هن ڪهاڻي سان ان وقت جي هڪ نئين تحرڪ جو چٽر ٿو ملي. پر ڪهاڻي ڪلا جا اناسر هن ۾ ڪونه آهن. ليڪ هڪ نظريو ڪٺي اخباري ڏانو ۾ هيءَ ڪهاڻي لکي يا چئي ويئي آهي. پر تڏهين به هي مبارڪ قدم هو جو سنڌيءَ ۾ اصلوڪي ڪهاڻي لکي ويئي نه ته ان قسم جون ڪهاڻيون اڙدؤ ۾ خواج احمدعباس جون اخباري نوع ۾ لکيل هونديون هيون. هاري حقدار ان وقت ظاهر ٿيل هڪ مجموعي ”پره ڦٽي“ ۾ ڇپي هئي ۽ ان وقت چڱي پسند ڪئي ويئي هئي.

ڪهاڻيءَ ۾ ڊيڪاريل آهي ته رحيم پنهنجو ووٽ نه سيد کي ٿو ڏي ۽ نه مير کي پر هاري حقدار هاري اميدوار عبدالقادر کي ٿو ڏي. عبدالقادر هاري هارائي ٿو. ۽ ان انوسار ۾ رحيم پنهنجي هار ٿو محسوس ڪري.

”..... مونکي خبر نہ آهي تہ ساوتريءَ جي مائٽن هند جي کھڙي پاڱي کي ورهاڱي بعد پنھنجن وطن ڪيو آهي ڪاش! مونکي سندس ائڊريس ملي وڃي تہ هوند ديوان وشنداس ڏنگوراڻي کان لکي پڇان تہ عاملڪي پائيبندي جي باري ۾ هينئر هن جا ڪھڙا خيال آهن....“

شايد ڪيس اها خبر ڪون آهي تہ اها عاملڪي ۽ پائيبندي ورهاڱي بعد بہ ڏهہ ويھہ سال قائم رهي ۽ ڪن حلقن ۾ اڃا سوڌو موجود آهي. نہ فقط عاملڪي ۽ پائيبندي جو سوال پر هت تہ تر جو سوال بہ ليکيو ويندو آهي.

هي ٽاڙڪاٽي جا آهن اسان قنبر جا آهيون پنھنجي تِر جا آهن وغيره پر گوبند مالھي ان وقت جي سماجڪ حالتن جو چٽر خوب چٽيو آهي پر مان وري بہ چوندس تہ هن پنھنجي ترقي پسند ڪونہ ڏيکاري يعنيٰ ڪو انقلابي حل ٻڌائي يا ڏيکاري ان کان اڳ واري ليکڪ شرت بابو (ديھانت 1936ع) آخرين التجا جي نايڪا وجيا جا برهم سماج ۾ پلي نپني آهي. اها ريتين رسمن کي ٺوڪر هڻي نرين. جو سناتني آهي، ان سان هلي ٿي وڃي. راءِ سهاس ۽ سندس پٽ جي ڪابہ پرواه نٿي ڪري. عامل تہ پڙهيل طبقو هو (جئين برهمو سماجي) ان جي ڇوڪري ساوتري ان ديوار کي ٽوڙي نہ سگھي آهي. ۽ نايڪ ورهاڱي بعد چوي ٿو ڪاش! ايڊريس هجي تہ هو وشن کان پڇي تہ ڪيس ڇا ڇوٽو آهي؟ پر مان ٿو پڇان تہ ليکڪ کي ڇا ڇوٽو آهي؟ هن جي بغاوت سماج سان حالتن سان ڪٿي آهي؟

مان ڪيس ٻڌايان تہ اسان جي برک شاعر پرڀو ڇڳاڻي وفا پنھنجي سماج سان بغاوت ڪئي هئي سوبہ سال 1948ع کان اڳھر.

ليکڪ جو ڪم فقط چٽر نگاري ڪونہ آهي. بلڪ ڪا راه ڏيکارڻ بہ آهي. سو بہ ترقي پسند ليکڪ ۽ گوبند مالھي. هن اڳتي هلي اها

جو اظهار نئي ڪري ۽ آخر ۾ سريندر جي مرڻ بعد هوءَ به مري ٿي وڃي. گوبند مالهي ”ڏياريءَ جي رات“ ڪهاڻي ۾ ان وقت جي سنڌي سماج جي ٻن طبقن عامل ۽ پائيبند جو فرق ڏيکاريو يا هڏايو آهي.

ساوتري عامل گهر جي ڇوڪري ۽ ڪهاڻي جو نائڪ (مان) پائيبند گهر جو آهي وشن، ساوتري جو ڀاءُ نائڪ جو گهرو دوست آهي. هن کي نائڪ ۾ پورڻ وشواس آهي. پر تڏهين به هو پاڻ کي عاملپڻي جي ليکن ڪان ٻاهر ڪڍي نٿو سگهي. وشن نائڪ کي چوي ٿو :

”مونکي تنهنجي باري ۾ نهايت سٺو اثر ويٺل آهي
مان هر وقت تنهنجي آچار وهنوار کي ساراهيندو آهيان.
ليڪن اسان کي پنهنجي نيات جي دستور موجب هلڻو آهي.
۽ اسان جي نيات اها ڳالهه هرگز برداشت نه
ڪندي ته ساوتري ڪنهن پائيبند گهر ۾ پرڻائي وڃي.
پوءِ اهو گهر بيٺل ئي ڇو نه هجي ۽ اهو ڇوڪرو نهايت
سشيل ۽ ڳڻوان ئي ڇو نه هجي.
ڊنگو راڻين ۾ هن ڪان اڳ اهڙو مثال نه ٿيو آهي ۽ نه وري
هن ڪان پوءِ ٿيندو.“

اڳتي وشن صاف لفظن ۾ چوي ٿو :

”.....نيات جي نيم ٽوڙڻ جي مون ۾ همت ڪانهي.
مان هر طرح بيوس آهيان.“

.... بلڪل هيڪاري مان ته توکي اها وينتي ڪندس ته
ساوتري کي ڀيڻ ڄاڻي سندس لاءِ ڪو لائق وَر
ڳولي ڏي تنهنجو اهو احسان اسين عمر ڀر وساري
نه سگهنداسين.....“

۽ ليکڪ ڪهاڻي جي آخر ۾ چوي ٿو ته :-

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مسلم پناهگير جو ذڪر آهي. هو چوي ٿو ته ڪيئن حيدرآباد رياست جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ سندس ساهرن کي رياستي پوليس ختم ڪيو هو. هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ ۾ ان وقت ١٩٤٧ع جي سنڌي مسلم اڳوانن جو ذڪر اوڙيسا مان آيل پناهگير واتان هين ٿو چوائي، ”...... سنڌ جي مسلم اڳوانن وٽ لفظي همدرديءَ جي ڪا کوٽ ڪانهي. باقي عملي طرح هو وڏن سرمايدارن جي خاطرداري زياده ٿا ڪن.

مان پندرهن ڏينهن کان دربدر ڦريس. سيني ليڊرن وٽ جتي گسايم، مگر ڪنهن به ڪا سهوليت ميسر ڪرائي نه ڏني. تنهن کان نه پنهنجو وطن ڇڱو اتي ماڻهو هريو ڀريو ته پيو آهي...“

مٿين ڪهاڻي ۾ اوڙيسا مان آيل پناهيگر جو ذڪر هو ته ’شرنارٿي‘، ڪهاڻي به هڪ سنڌي شرنارٿي ٽوپڻداس يا ٽوپو جو ذڪر آهي. جيڪو ڳوٺ ۾ مسلم هوم گارڊس ۽ ٻئي اثر ڪري سنڌ ڇڏي ٿو. هيءَ ڪهاڻي سال ١٩٤٨ع ۾ لکيل آهي. جڏهين سنڌ مان لڏ پلاڻ چالو هئي. ۽ ڪيئن سنڌي هندو نه چاهيندي به حالتن ڪري پنهنجا اجها ڇڏي اڻ ڏٺل شهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. جتي هنن جو ڪو به ڪونه هو.

اهڙيءَ طرح مالهي جي ٽين ڪهاڻي ”سورن جي ڪهاڻي“ به ورهاڱي جو اثر ڪٺي ٿي اچي. سندس ڪهاڻي، شرنارٿي جو ٻيو ڀاڱو ئي سورن جي ڪهاڻي آهي. اهو ئي مکيه پاتر ٽوپڻداس، ٽوپو پهرين ڪهاڻي ۾ سنڌ ڇوٽو ڇڏي جو ذڪر آيو ته هن ’سورن جي ڪهاڻي‘ ۾ هندستان ۾ هو ڪيئن ٿو گذر ڪري جو بيان آهي. هيءَ ڪهاڻي 1949ع ۾ لکيل آهي، اهوئي عرصو، جڏهين سنڌي پناهگر سنڌ مان اچي رهيا هئا. ڪٿي اڳم آيا هئا ته ڪي اجا اچي رهيا هئا. جي اڳير آيا هئا اهي ڪيئن ٿي نين حالتن ۾ رهيا ۽ جيڪي

همٿ ڏيکاري آهي ڪهاڻين ۾ نہ پر ناولن ۾ شالني ۽ جيون جي حالتن ۾ ”ديسي سيڻ ڪجن“ ” شرم ٻوٽي“ ۾ رام جي پاتر دوارن.

”پاپ جو گهڙو“ ڪهاڻي ليکڪ گوبند مالهي، ”همدردي جو احساس“ ڪهاڻي ليکڪ گوبند مالهي هڪ ٻيو آهي. هت هڪ وڏوا گرٻونتي آهي پر هوءَ نہ ٻار ٿي ڪيرائي ۽ نہ آپگهات ٿي ڪري. چوي ٿي.

”....... مان هن کي (ٻار کي) مرڻ نہ ڏينديس، مان هن کي سماج سان لڙڻ لاءِ تقويت ڏيندس. پوءِ ڇا بہ ٿي پوي....‘

۽ هيرو يا نائڪ ڪٿي آهي. هو چوي ٿو -

”.... مامو جهميءَ کي گهران لوڏي ڪڍندو تہ مان هن کي شرن ڏيندس. مان نوڪري ڪندس، منهنجا مائٽ ڇا بہ چون سماج کهڙا بہ الزام لڳائي.....“

پيڊي تائين پهچندي هن جي دردتا پرتگيا بڻجي پئي. سنڌي ليکڪن تي اِهو الزام آهي تہ انهن رچنائن ۾ ورهاڱي جو درد ڪونہ آهي جيتروڪ ٻين ٻولين جي رچنائن ۾ آهي. ٻيون ٻوليون ڪهڙيون؟ پنجابي، اردو، بينگالي بس. اڙدو ۾ رامانند ساگرجو ’اور انسان مرگيا‘ ناول. پنجابي جو آزادي، ليکڪ چمن نهال (هي ڪتاب انگريزي ۾ اورينٽ وارن ڇپايو آهي. هن ناول کي ساهتيہ اڪادمي انعام بہ مليو آهي 1977ع) پر لڳي ٿو تہ الزام هڻندڙن سنڌي ڪهاڻيون شايد غور سان سڀ نہ پڙهيون آهن، جن ۾ ورهاڱي جي.دک جو چٽر چٽيل آهي. مان هت گوبند مالهيءَ جي انهن ڪهاڻين جو ذڪر ڪندس جن ۾ ورهاڱي بعد يا ورهاڱي ڪري ڪهڙي حالت ٿي آهي. يا ڪهڙو اثر پيو آهي.

سندس ڪهاڻيون آهن غم جي ڪهاڻي، شرنارٿي، سورن جي ڪهاڻي، انهن ڪهاڻين ۾ ورهاڱي جو نقش ڏنل آهي. غم جي

نڪتي هئي. گوبند مالهي جي هيءَ ڪهاڻي سال 1955ع ۾ لکيل آهي. تڏهين لڳي ٿو تہ مانوهردئہ هڪ آهي. شريڪانت رئيس وٽ راجلڪشمي سان گڏجي ٿو. راجلڪشمي سڃاڻي وڃي ٿي: هي شريڪانت آهي ۽ شريڪانت کي ياد ٿو تہ اچي راجلڪشمي سندس ڳوٺ جي ڇوڪري آهي ننڍي هوندي هو هڪ ٻئي کي پيار ڪندا هئا ۽ راجلڪشمي گم ٿي ٿي وڃي ۽ ورهين بعد شريڪانت سان پياريءَ جي روپ ۾ ٿي گڏجي.

هن ڪهاڻي ۾ لڳي ٿو تہ گوبند مالهي فقط سنڌيءَ جو ڪهاڻيڪار نہ بلڪ ٻين ٻولين جي ڪهاڻيڪارن سان برميچندڙ ڪهاڻي ڪار آهي.

ذڪر نڪتو آهي ورهاڱي بعد جي ڪهاڻين جو ۽ گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون. سنڌي ورهاڱي بعد سواءِ ڪن شهرن جي ٻين هنڌن تي ڇڙوڇڙ ٿي رهيا آهن. جنهن کي جتي رهڻ جي جاءِ ملي، اهو اُتي رهيو، گهر ڪري ويٺو. ڪو سنڌي مرهٽي جي پاڙي ۾ رهيو، گهڻيءَ ۾ پاسن کان آمهون سامهون مرهٽن جا گهر، انهن جي وچ ۾ هڪ يا ٻہ سنڌي گهر، جئن ڪولهاپور ۾، مسلمانن جي پاڙي بہ هڪ ٻہ گهر سنڌين جا جيئن برهانپور ۾، ڀوپال ۾ ۽ ٻين ڪن هنڌن تي ۽ ٻوءِ اهو سڀاويڪ آهي تہ انهيءَ سنڌي گهر جي ڀاتين جو لاڳاپو واقفيت انهن پاڙي وارن سان ٿي ويندي ڪن حالتن ۾ سنڌي گهر جو ڇوڪرو يا ڇو ڪري پاڙي واري ڪنهن غير سنڌي ڇوڪري يا ڇوڪري جي پيار ۾ اچي ويندو. ان حقيقت کان ليکڪ گوبند مالهي ڪو اڻ واقف ڪونہ آهي. اهڙو ذڪر سندس ڪهاڻي ''اڳتي قدم'' ۾ آهي.

نائڪ گوپال وٽ وڃي ڪجهہ ڏينهن لاءِ رهي ٿو. جنهن جي گهر سامهون ڪوه هو، نائڪ ان ڪوه تان پاڻي ڀريندڙن کي ڏسندو هو

اچي رهيا هئا، انهن جي آڏو کهڙيون مشڪلاتون آيون انهن جو سهڻو چِٽ آهي هنن ڪهاڻين ۾. پر وري به ساڳي شڪايت ته بولي ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ اهو ئي اخباري طور طريقي وارو. اها به ڪا آکاڻي آهي؟

گوبند مالهي نه سوشلسٽ آهي ۽ نه سماج سڌارڪ، پر هڪ رومانوي ۾ اديب آهي. مالهيءَ جي هيءَ ڪهاڻي مونکي ڪافي وڻي آهي. نائڪ جو ورهاڱي بعد پنهنجي دوست سان گڏجي ٿو دوست کي گهر ٿو وٺي وڃي. دوست جي پتني سندس ننڍپڻ جي پريتما آهي. جنهن کي هن انجام ڏنو هو ته هو ساڻس شادي ڪندو ۽ ڇوڪري ان لاءِ انتظار ڪندي آهي، تنهن وچ ۾ ورهاڱو ٿيو. نائڪ هڪ طرف ته نائڪا ٻئي طرف لڏي ويا ۽ گڏيا ته اوچتو احمدآباد ۾ ۽ نائڪاهن جي دوست جي پتني جي روپ ۾. نائڪ وڌيڪ هڪ پل ان گهر ۾ رهي نٿو سگهي. هو سمجهي ٿو ته هو آرام سان رهي نه سگهندو ۽ ته هن پاڻ ۾ اها همت پائي ته هو نائڪا جو منهن مقابلو ڪري سگهندو. ان ڪري هن اهو بهتر جاتو ته ان ڪان پري هليو وڃي ۽ هو هليو ٿو وڃي.

نائڪا پنهنجي ڏيءَ کي ٻڌائي ٿي ته نائڪ سنڌ ۾ ڪير جام پئندو هو. پر هت ڪير نٿو پيئي. نائڪا پنهنجي ڏيءَ کي آکاڻي ٿي ٻڌائي ليکڪ هڪ نئين نموني آکاڻي پيش ڪئي آهي. هونءَ بين ڪهاڻين ۾ فرسٽ پرسن ٿي ٿو ڳالهه ٻڌائي ته ڪٿي سيڪنڊ پرسن. پر هن ڪهاڻي به فرسٽ پرسن ٿي ڪهاڻي ٻڌائي ته ٿو پر ڪهاڻي جو جيڪو بنياد آهي اهو هڪ ننڍڙي ٻالڪا پنهنجي ماءُ وٽان ٻڌل ڪهاڻي جي روپ ۾ ؟

ياد نه آهي ڪهڙي فلم هئي. نرگس نائڪا آهي. هوءَ گيت ۾ پنهنجي پريم جي ڪهاڻي پنهنجي ماءُ کي ٻڌائي ٿي 'ايڪ ٿا هنسون ڪا جوڙا' گيت جو ٿلهه آهي اها فلم سال 64-1963ع ۾ ...

جون جن ۾ پيار جو ذڪر آهي جئن ڪوٺو آنو ۽ تيون سنڌ جي ياد. سنڌ وارن جي سڪ جو ذڪر يا جيئن مون سمجھيو آ ''اَي نہ مارن ريت.. شڪي ڪان شوم پلو... ڇيڻ گهرجي 'سخيءَ ڪان شوم پلو...''

پيڻ جي مڱڻي ڪري آيا آهن. بعد ۾ خبر ٿي پوي تہ ڇوڪرو سنو نہ آهي. لوپي آهي ساهرا ڪنهن نہ ڪنهن بهاني ڇوڪريءَ وارن کي تنگ ڪرڻ ٿا چاهين. ڇوڪري پاڻ چاهي ٿي تہ مائٽي ٽٽڻ گهرجي. ڇوڪريءَ پيءُ چوي ٿو، جيڪو ڇوڪريءَ جو نصيب. زبان ڪري ڦري وڃڻ نہ گهرجي ۽ آخر ۾ ڇوڪري ساهرن مان تنگ ٿي آپگهات ٿي ڪري. ليڪڪ جو چوڻ تہ جيڪڏهن پهرين ئي حالتن جي ڄاڻ هوندي مائٽي نہ ڪجي ها تہ هي پوءِ جو ڏک سهڻو نہ پوي.

برابر ڪڏهين ڪڏهين اسين ان وقت ڪو فيصلو نہ ڪري. اڳتي لاءِ يا نصيب تي ڇڏي ڏيندا آهيون ۽ جي ڪا نتيجي طور غلط ڳالهہ ٿئي ٿي تہ پنهنجي تسلي لاءِ ان لاءِ ذميوار نصيب کي ٻڌايون ليڪڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ تمام صاف ۽ سهڻي نموني ان ويچار جي ڪي رد ٿو ڪري ۽ چوندو هجي تہ ڏني مڪہ ڳهڻ نہ گهرجي.

گوبند مالهي جي ڪهاڻين جي اڀياس مان مونکي لڳو تہ هي ليڪڪ لڪير جو فقير نہ آهي اتم وانگر يا پنجواڻي صاحب وانگر. بلڪ هن اڪيون ڪولي جيڪي ڏٺو آهي ان کي ڪلاتمڪ نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ''رک چپٽي'' ڪهاڻي ان جو مثال آهي.

هڪ نوڳي درويش آهي جو ٻار ڏي ٿو ۽ اهو وشواس پيدا ٿي چڪو آهي تہ ڪيترين زالن ٻار نہ ٿيڻ ڪري هنڪا دعا لاءِ رک چپٽي وٺي ٻار پيدا ڪيا آهن.

پر حقيقت ۾ درويش پنهنجي ڪوٺي ۾ آيل عورتن سان سنڀوڳ ڪندو هو زالون شرم جون ماريون اها ڳالهہ ظاهر نہ ڪنديون هيون.

پر هڪ ڪرسچن عورت درويش کي پنهنجي من ماني ڪرڻ نٿي ڏي ۽ اها رک چپٽي نہ ٿي وٺي ۽ ٻار حاصل ڪرڻ جي تمنا جو گلو گهٽڻ بهتر ٿي سمجھي تڏهين سنڌي عورت جو چوڻ ''اڏرمي

۽ نظارو پسندو هو. گوپال جي گهر لڳ جمنا رهندي هئي. جنهن جي پاءُ وٽ پيڻ کي شادي ڪرائڻ لاءِ ڏيتي ليتي ڏيڻ لاءِ پورو پئسو ڪونہ آهي. ان ڪري جمنا بنا شاديءَ جي وڃي پئي عمر ۾ وڌندي. پهرين هن سيڌي واري نيڻن سان نينهن رکيو. نيڻن جمنا جي ٻانهہ ٻہ گهري پر اهو ئي ننڍ وڏائي جو پيد، طبقيدار تفاوت. جمنا جي ٻانهن نيڻن کي نہ ڏني ويئي، ۽ آخر جمنا گجراتي زميندار جي مرهٽي منشيءَ سان پڇي وڃي شادي ڪئي. ۽ ليکڪ پنهنجي تصور ۾ جمنا کي لانگہ واري مرهٽي ساڙهي پهريل ٿو ڏسي.

ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ آڪاهتي بي اڪاهتي جي ٻاونا تي چوٽ هنئين آهي ۽ نہ فقط ايترو بلڪ سنڌين جي غير سنڌين ۾ شاديءَ کي بہ همٿائي ٿو ۽ آخر ۾ چوي ٿو تہ ”منهنجي تصور ۾ جمنا ڪوهہ تان ٻاٽي ٻري رهي هئي.“

چهري تي ڪا خوشي وري آئي هيس! منهنجو ڪنڌ
شرڌا وچان جهڪي ويو سوچيم، جمنا جي جريت
پريو قدم ممڪن آهي گهڻين سنڌين پيڻرن لاءِ للڪار بڻجي.“

يعني ليکڪ چاهي ٿو تہ سنڌي ڇوڪريون يا ڇوڪرو ٻل غير سنڌين سان شادي ڪن.

گوبند مالهيءَ جا ان وشيہ تي اهي رايا آهن تہ سندري اتمچندانيءَ جو ان ساڳي وشيہ تي الڳہ رايو آهي. هوءَ چوي ٿي تہ سنڌي ڇوڪرين کي سنڌين ۾ ئي شادي ڪرڻ گهرجي. سندس ڪهاڻي مجموعي ”هنڌن“ ۾ ڪهاڻي ”مان ترسندس“ ۾ ڇوڪري چوي ٿي تہ مان پنهنجي ذات يعني ڇوڪري لاءِ ترسندس.

مان هي پيٽ ان ڪري ٿو ڪريان تہ ڏيکاريان تہ ٻہ ترقي پسند ليکڪ الڳہ الڳہ ويچار رکي سگهن ٿا. سوبہ هڪ اهم سوال تي. مان مالهيءَ جي سجهاءَ جي حمايت ٿو ڪريان. شادي ٻن دلين جو ميل آهي. مان ان کي ڏيتي ليتيءَ جو حل ڪونہ ٿو سڏيان، بلڪ ٻن هڪ ويچار رکندڙ شخص جو ميل ٿو سمجهان. خير هي سوال وڏي بحث جو آهي جو هت ان لاءِ ميدان ڪونہ آهي. مان جيڪر گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻين کي ٽن حصن ۾ وراهيان. هڪڙيون سماجڪ ٻيو پيار

گوبند مالهيءَ جا ناول

سنڌي اپنياس جي عمر پل تہ اڌي صدي کان بہ مٿي هجي، پر سنڌي ناول منهنجي خيال موجب ايتري ترقي ڪانہ ڪئي آهي، جيتري سنڌي ڪهاڻي. سنڌي ناول زينت، جهان آرا، چوٿ جو چنڊ، آشيرواد، دادا شام سال 1941ع تائين ائين هلندا رهيا. سال 1941 کان سنڌي ناول لکڻ يا ظاهر ٿيڻ جي رفتار لڳاتار هلندي آئي. پروفيسر رام پنجواڻي ورهاڱي تائين (سال 1941ع کان 1947-48ع) ناول نويس ٿي رهيو. ان وچ ۾ آسانند مامتورا جو شاعر، گلي سدارنگاڻي جو اتحاد، پروفيسر ڀمڀاڻي جا وڏوا ۽ غريبن جو ورثو ڪجهہ ڌيان ڇڪايو پر ورهاڱي بعد سال 1951ع کان سال 1960 تائين سنڌي ۾ ناول سمراٽ طور جنهن خطاب حاصل ڪيو. سو هو آهي گوبند مالهي - آنسون کان وٺي اڄ تائين اٽڪل چوويهہ کن ناول لکي سنڌي ناول کي ڇڱو اڳتي وڌايو پر افسوس جو گوبند مالهي، گوبند مالهي ٿي رهيو نہ شرت ٿيو ۽ نہ منشي پريمچند ۽ نہ جئنيدر ڪمار کانڊيڪر، تاراشنڪر بئنر جي بہ بڻجي نہ سگهيو آهي ڇو....؟ مان اهو اجا ڇڱي طرح سمجهي نہ سگهيو آهيان گوبند مالهيءَ کان پوءِ ڪلا پرڪاش، سندري، موهن ڪلپنا، لال پشپ، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻيا نويس ناول آيا آهن. پر پوءِ بہ ٿلهي ليکي مونکي الائي ڇو سنڌي ناول ايتري اوچ معيار جو نٿو لڳي. ائين تہ ڪرشن جو امر پيار، ڪلا جو حياتي هوتن ري، سندريءَ جو ڪرنڌڙ ديوارون، کن ٻين ٻولين جي ناولن سان نہ فقط برميچي سگهن ٿا بلڪ وڪہ اڳتي ئي آهي.

عيسائي ڇو ڪري! هنڪي يوڳ پل ۽ ساڌنا جي ڪرامت جي گهڙي ڪل....''

احسانمندي

هر هڪ اهڙو لفظ هڪ اهڙو احساس آهي. جو جيڪر ان تي سوچي ۽ ويچاري ته هڪ پوتر ۽ اهم احساس آهي احسانمندي.

ڪنگو پنهنجي مسلم دوست کي چونڊن ۾ مدد ڪئي ۽ هن جي بلي خوشيءَ سان پنهنجي زمين ڪنگو کي مقاطعي تي ڏني ۽ پاڪستان ڇڏڻ سان مسلم دوست علي مراد ٻنئي ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿيو. پئي مسلمان صوبيدار عطا الله جنهن تي ڪنگو ڪنهن وقت احسان ڪيو هو. تنهن ان احسان جي عيوض ڪنگوءَ کي مدد ڪئي نه فقط ڪيس زمين جي ٻنئي وٺي ڏني بلڪ سڪه سان هندستان ڏانهن به روانو ڪيو.

گوبند مالهي هن ڪهاڻي ۾ ڄڻڪ چوندو هجي ته احسانمندي ڪو هڪ ڌرم يا جاتي جي هڪ هٽي نه آهي ساڳئي مذهب جا علي مراد ۽ عطاالله آهن. هڪ علي مراد احسان فراموش آهي ۽ عطاالله احسانمند آهي.

اڄ جي زماني ۾ ڪنهن مان احسانمنديءَ جي اميد رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تڏهين گوبند مالهي جي هي ڪهاڻي من ڪن جي دلين ۾ ڪا روشني پيدا ڪري. هڪ ليڪ پئي ليڪ کي جيل وڃڻ کان بچايو. ان ليڪ احسانمندي جو بدلو اهو ڏنو جو ان خلاف مظاهرا ڪرايا گار گند ڪرائي تڏهين ته چوان ٿو ته اڄ جي زماني ۾ احسانمندي جي اميد رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

گوبند مالهيءَ جي تازي ڪهاڻي ''پرپور عيوضو'' به ڄڻڪ ان احسانمندي جو ٿورو اثر ڪٽي ٿي اچي. شامون پوڙهي ۽ گونگي جمنا سان شادي ٿو ڪري نه پئسي لاءِ نه سونهن لاءِ بلڪ من جي محبت خاطر ۽ اندر ۾ لڪل احسانمنديءَ جي ياونا وس.

•••

ٿو وٺي. ۽ وشن جو ليکڪ آهي ادبي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ آهي. پنهنجي ليکڪ ساٿين ۾ آتم وشواس پيدا ڪري اتساه ڦوڪي سنڌي جنتا جي ترجماني ۽ رهنمائي جي قابل ٿو بڻائي.

وشن جسوتي جو وڏو ۽ مائيلو ڀاءُ آهي پوءِ گهر ۾ هن جي عزت آهي ۽ هن ڪان سڀ ڊڄندا آهن. عزت وچان مرياد وچان ۽ وشن به انهن کي مائيلو نه بلڪ سڳن وانگر ٿو ڀانئي. هن ايشوريءَ سان پيار جي شادي ڪئي آهي.

ليکڪ وشن جي پاتر دواران شاديءَ جي سوال تي پنهنجو رايو هيٺن ٿو ڏي:

”... شاديءَ جو مسئلو ان سان واسطو رکندڙ ٻنهين جو نجو مسئلو آهي.

توکي ته ايشوري به پسند ڪانه هئي ۽ هاڻ ته هنجي ساراه مان ڍاپندي ڪانهني؟

يعنيٰ ليکڪ وشن جي پاتر دوارن پيار جي شاديءَ جي حمايت ٿو ڪرائي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه هلي ڪتريون پيار جون شاديون ناڪامياب ويو. ڪيترن ليکڪن جون به پر ان وقت جنهن عرصي يا وقت ۾ گوبند مالهي اهو ناول لکيو هو تڏهين پيار جي شادي هڪ آدرشي شادي ليکي ويندي هئي. شهرن جا ويچا نڪري ويا هئا. ڇوڪرو لاڙڪاڻه جو ته ڇوڪري شڪارپور جي يا ڇوڪرو شڪارپور جو ته ڇوڪري حيدرآباد جي. هن اپنياس ۾ هڪ ڳالهه نئين نظر ايندي. جا ڪن ٻين سنڌي ناولن ۾ نظر نه ايندي. اها آهي سنڌي ليکڪن، ڪلاڪارن جي پنهنجي ٻولي ۽ ساهتيه کي برقرار رکڻ لاءِ ڪشمڪش. ۽ ٻي ڳالهه استري. جا دنيا جي نظرن ۾ خراب آهي بدچلن آهي. پر ليکڪ ڪلاڪار ان کي ڪئين ٿو ڏسي ۽ ان جون مجبوريون محسوس ٿو ڪري. شرت بابو استريءَ جون

پر مان هت سنڌي جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان ۽ هتي ڪن ليکڪن جا هڪ ٻه ناول نه ڳڻيان بلڪ سنڌي ناول سراسري طور تي ڪٿان.

منهنجي آڏو گوبند مالهي جي ناولن جو آهي سندس پهريون ناول ”آنسو“. ”آنسو“ ناول گوبند مالهيءَ جو پهريون ناول نه بلڪ سنڌيءَ جي نوجوان ليکڪن جو پهريون وشواس هو ته سنڌي نوجوان ليکڪ اصلوڪو ناول لکي سگهن ٿا. هي ڪتاب ٻه ڀيرا ڇاپيو هو، ڪرشن راهي، پريس ۾ وڃي ڪتاب جا بائينڊ ٿيڻ کان ٿي اڳ اتساهه وچان فرما فرما گڏ ڪري پڙهيو هو.

مان جيڪڏهن ائين چوان ته جئين فلم انڊسٽريءَ ۾ ديوداس فلم هڪ وشواس آندو هو ته هن قسم جون فلمون ٻه هلي سگهن ٿيون ۽ پرفل چندر بروئا (پي سي بروئا) ان بعد منزل وغيره شرت بابو جي ناولن ۽ ڪهاڻين تي فلمون ٺاهيون هيون. آنسو ناول ۾ چار پاتر آهن جسوتي، موهني، ڪرشن ۽ وشن.

خود ليکڪ مالهي هن ناول بابت لکي ٿو :

”پيار پري شادي لو مئريج ڏيتي ليتي، بيجوڙ شادي گهر جي ڪٽ پٽ ۽ وچولي درجي جي هين گهرو مسئلن کي ڪاميابي سان حل ڪرڻ ۾ ڪارگر ٿي سگهي ٿي. بشرطيڪ ڇوڪرو ڇوڪري ٻئي ڪمائيندڙ هجن، ۽ هم خيال هجن ان لاءِ مالي جوابداري ٻنهي تي هئڻ ڪري گهر ۾ ٻنهي جي استتي هڪجهڙي رهندي.

جسوتي هڪ الڙ نينگر آهي. جا جواني ڏانهن وڌندي وڌندي جذبات وهيڻي. جذبات ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿي، ٻي پاترا موهني جواني ۾ قدم رکندي حالتن کان مجبور ٿي غلط رستي ڏانهن وڌي ٿي وڃي ۽ ڪرشن جي پريت هنکي سهارو بخشي سئين دڳ تي لائي. ڪرشن جذبات وهڻي محبت کان پار پئي صحيح راهه سجهائي

رهندا ته اسان ختم نه ٿي وڃون.

منهنجي خيال موجب اڳوان، اخبارنويس ۽ ليکڪ کي دور جي سوچڻ گهرجي. هن جي اڳيان پنهنجي سماج کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪو روپ نظر ۾ هئڻ گهرجي. چوندا آهن ته اڻ جي نظر پنهنجي پيرن تائين. ائين ٿيڻ نه گهرجي اسان سنڌين وٽ جيڪي موجود اڳوان سڏائيندڙ آهن تنهن جي نظر دور تائين نه آهي. مان ڪنهن جا نالا نٿو وٺان. انهن ۾ ترقي پسند سڏائيندڙ ڪم ڪندڙ به اچي ٿا وڃن. ڀائي پرتاب جي ڳانڊيڊام جي شروع ۾ مخالفت انهن ترقي پسند ليکڪن ۽ ڪم ڪندڙن ڪئي ۽ گوبند مالهيءَ کي اميد نه ياد هوندو. آنسوُ ناول سنڌي ليکڪن کيٰ وشواسَ ڏياريو ته هو به لکي سگهن ٿا ۽ چڱو لکي ٿا سگهن.

گوبند مالهي جو ان ئي ڪڙيءَ نيون ناول آهي 'جيونۡ ساٿي' جو به سال 1952ع ۾ ظاهر ٿيو هو. سندس ٻيو ناول هو ''زندگيءَ جي راهه تي'' پر مان جيون ساٿي ٿو کڻان. ليکڪ گوبند مالهيءَ هن ناول ۾ ٻهرين ٻن ناولن کان وڌيڪ سجاڳ ٿو لڳي. تڏهن ته چوي ٿو ته ''.... ساهت جو واسطو زندگيءَ سان آهي ۽ زندگيءَ جي مراد سماجي زندگي سان آهي. سماجي زندگي مختلف انفرادي زندگ ين جي ٺهيل آهي. پر اها صرف انفرادي زندگين جو مجموعو نه آهي. انفرادي زندگي حقيقت ۾ سماجي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ آهي ۽ ڪنهن هڪ شخص جي زندگي عام طرح ان حد تائين ڏيان طلب ۽ دلچسپ ٿي سگهي ٿي جنهن حد تائين ڏيان طلب ۽ دلچسپ ٿي سگهي، جنهن حد تائين اها سماجي زندگيءَ جي روشني ۾ سمجهي سگهجي ۽ جنهن ۾ اها عام انساني جذبات سان بغلگير هجي....''

''جيون ساٿي'' جي شانتي سرلا - گيان ۽ رميش

اهي مجبوريون ظاهر نہ ڪيون، ۽ ان ڪريل استريءَ ڪي مٿي ڪنيو
پر هن کي گهر نہ ڏنو. گوبند ماليءَ گهر ڏنو موهني - موهنيءَ بابت
هڪ هنڌ چوي ٿو. ”.... شڪل صورت ۾ ڏاڍي وڻندڙ، ڳالهائڻ
ٻولهائڻ ۾ ڪي
قدر چالاڪ آهي. ظاهر آهي دنيا جو چڱو آزمودو پرايو اٿس.
اهڙي بداخلاق آهي. جهڙي پڇن ٻڌائيندو آهي؟ هجي تہ
بہ شڪ نہ آهي...“ اها موهني اڳتي هلي ڪلاڪارن سان گڏ منچ
تي ناچ ڪري ٿي. ۽ سنڌي نرتيہ سنگيت کي عوام تائين آڻڻ لاءِ
هٿ وڌائي ٿي. موهني ڪرشن سان گڏ گهر ٺاهي ٿي.
هي ناول سال ١٩٥٢ع ظاهر ٿيو آهي. تنهن وقت سنڌي اڃا
پوريءَ طرح تائينڪا ٿي ڪونہ وينا هئا. ان جو ذڪر بہ ناول ۾ هن
ريت آيو آهي.
”.... نرواسن جي حالت تي اوهانجو ڇا رايو آهي؟“
ايسرداس وشن ڏانهن منهن ڪري پڇيو.
”منهنجو وشواس آهي تہ زندگي موت مٿان جيت اڌوري ٿي سهين
پاتي آهي. وشن چيو
”سرڪار جي ڍلائي اڳوانن جي آپ سوارٿ ۽ ماڻهن جي غفلت
جو نتيجو تباهي کان سواءِ ٻيو ڪو ٿي نٿو آهي. جهامن چيو ”مان
آشاوادي اهيان مونکي يقين آهي زندگي موت مٿان مڪمل جيت
حاصل ڪري ٿي رهندي“... منهنجو عقيدو آهي، جتي سياسي
اڳوان ناڪامياب ويا آهي اڄ اسين ڪلاڪار اوس ڪامياب ويندا سين“
وشن چيو :
۽ اڄ اسين ڏسون وينا تہ سنڌي مالي طور پاڻ کي تائينڪا ڪري
چڪا آهن. ڪي قدر ٻولي ساهتيہ ۽ ڪلا کي بہ ڪو روپ ڏئي چڪا
آهن. پر وري بہ جيسين پنهنجي زمين ڪونہ آهي تيسين اهي خطرا

نتيجا اڳتي هلي تمام خراب نڪرندا هئا.

اهڙين استرين کي اهو ٻڌايو ويندو هو تہ پتي پرميشور آهي. ان جي عمر سان استريءَ جو ڪو واسطو ڪونہ آهي. ڀڳت ڪنوررام جتي بہ ڀڳت ڪندو هو اتي زالن ڏهوندي اهو گيت ضرور ڳائيندو هو.

”پتيءَ جي پريم ۾ هردم نار کي رهڻ گهرجي“

ليکڪ گوبند مالهيءَ ان سماجڪ برائي کي تمام کولي تہ سمجهايو آهي. ۽ ان جو رستو بہ ڏيکاريو آهي تہ هوءَ پنهنجي پيرن تي بيهي نئين جيون شروع ڪري سگهي ٿي.

ٻي ڳالهہ جنهن منهنجو ڌيان ڇڪايو. سا آهي ورهاڱي کان اڳہ شادي ڪيل جوان ۽ ورهاڱي بعد انهن جو رخ. سنڌ ۾ شهر هئا تہ بہ ننڍا هئا. يعني لاڙڪاڻو شهر ضلع جو هيڊ ڪوارٽر هو. پر آدم فقط پندرهن ويهہ هزار کن مس هو. ٽي هاءِ اسڪول هئا. ڇوڪريون گهڻو ڪونہ پڙهنديون هيون. ان ڪري ڇوڪرا ڇوڪرين جي لهہ وچڙ ۾ گهٽ ايندا هئا. ڇوڪرو مئٽرڪ پاس ڪري يا وڃي ڌنڌي ۾ لڳندو هو يا اتي ئي مڪاني نوڪري جهڙوڪ اسڪول ۾ ماستر اسڪول ۾ ڪلارڪ، تپيدار ڊڪ منشي يا مختيارڪار، ڪليڪٽر جي آفيس ۾ نوڪري. بس. وڌ ۾ وڌ پنج سيڪڙو ڇوڪرا ڪراچيءَ ۾ ڪاليج تعليم لاءِ ويندا هئا ۽ هاسٽل ۾ رهندا هئا. جئين مونکي خبر آهي تہ اتي ڪاليج ۾ ڇوڪرين جو انداز ايترو گهڻو ڪونہ هوندو هو.

اتي ننڍپڻ جي شاديءَ جو رواج هوئي يعني سورهين سترهين ورهين جو ڇوڪرو ٿيو تہ سندس شادي ٿي ويندي هئي. جئن هاڻ مڌيہ پرديش جي ڪيترن شهرن ۾، سنڌين ۾ بہ آهي.

ورهاڱي بعد نوجوان ڇوڪرا هت بمبئي ۾ آيا. جيڪي پڙهيل هئا يعني فقط مئٽرڪ ئي پاس ڪيل هئا تن کي ريلوي ۽ ٻين ڪاٽن

شانتي ننڍپڻ ۾ گيان کي چاهي ٿي. پر سندس شادي گيان سان ٿي نٿي سگهي جو گيان جو پيءُ اهو نٿو چاهي ۽ گيان پيءُ اڳيان بغاوت ڪري نٿو سگهي. نتيجو گيان جي شادي رجنيءَ سان ٿي ٿئي ۽ شانتيءَ جي شادي نوّن جي عمر ۾ هڪ ڪرروڙ پساريءَ سان ٿي ٿئي. جو شادي ڪرڻ بعد جلدئي گذر ڪري ٿو وڃي ۽ شانتي بي گهر ٿي ٿئي. سندس ساهرا کيس پيڪي روانو ٿا ڪري ڇڏين. جتان هوءَ نهال سان گڏ پڇي ٿي نڪري ۽ وڃي دوزخ جي زندگيءَ ۾ ٿي پوي. ورهاڱي بعد جهاز وسيلي هوءَ ڪراچيءَ کان بمبئي ۾ ٿي اچي ۽ گيان سان گڏجي ٿي جيڪو کيس ڪرلا ۾ محلا ڪئمپ ۾ رهايس ٿو جتي هوءَ پرت پڙهڻ ۽ پڙهڻ سکي هڪ اسڪول ۾ ماستري ٿي ڪري ۽ گيان جا سپنا لهندي ٿي رهي.

سرلا ۽ رميش جي شادي ورهاڱي کان اڳ ننڍپڻ ۾ ٿي آهي. جهاز تي رميش کي هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري بالاٽي ٿي گڏجي. جيڪا چالاڪ آهي چلتي ڦرتي آهي. جيڪا ڏيکه ويکه ڪري جاٽي ۽ رميش ان جي پنيان دهليءَ وڃي ٿو. بمبئي ۾ سرلا رميش جي هدايتن انوسار پڙهڻ شروع ٿي ڪري. پوءِ به رميش بالاٽيءَ جي موه ۾ آهي. گيان ليکڪ آهي. ڪلاڪار آهي. سرلا، رميش ۽ شانتيءَ کي پنهنجي ڪلاڪار منڊل ۾ ٿو آڻي جتي رميش سرلا پاڻ ۾ وري ملي هڪ ٿي ٿا وڃن ۽ شانتي جيرام سان ٿي شادي ڪري.

هن ناول ۾ مونکي ٻه ڳالهيون ڪافي ڇڪيو. هڪ شانتيءَ جي ننڍپڻ ۾ شادي ۽ ٻيو ورهاڱي کان اڳ شادي کيل جوڙو ۽ بعد ۾. سنڌ ۾ عمر نه ڏني ويندي هئي: وڏ گهراڻو ۽ پئسي وارو پل ڪرڙوڙ هجي. غريب ڪٽنب پنهنجيءَ ڌيءَ جي شادي ان سان ڪرائيندا. اهو سوچي ته هوءَ سون جي هندورن ۾ وڃي لڏندي. ڇوڪريءَ جي جذبات جو ڪو ويچار ڪونه ڪيو ويندو هو. ان جا

صحبت ۾ ڪلاڪار جي ٽولي آئي ۽ ڪجھ اتي ويني تڏهين وڃي رميش کي پسند پيئي.

گوبند مالهيءَ جو تنهن وقت جو هڪ ناول جو ان عرصي ۾ ڪافي پسند پيو هو ۽ دوستن جي وچ ۾ ڳالھ ٻولھ جو مرڪز هو. سو هو پڪيڙا ولڙ وڃڙيا.

ورهاڱي کان اڳ جي سنڌ، سنڌ جا ڳوٺ، ڳوٺن ۾ رهندڙ هندو مسلمان جيڪي شخص ڳوٺن ۾ رهيا آهن. تن کي هن ناول پڙهندي سڀ ڏٺل وائٺل پيو نظر ايندو ۽ محسوس ٿيندو. شاه يا سيد جن کي هندو عزت ڏيندا هئا ۽ مسلمان پيرين پئي ڳڏبا هئا. وري جو اهي شاه ياسيد ڳوٺ جا زميندار يا هلندي پڄندي وارا هجن پوءِ تہ بس جڻڪ سندن راڄ هوندو هو. ڪنهن کي مجال آهي. جو سندن مرضيءَ کان سواءِ هلي سگهن.

پيو ڳوٺن جا مقام يا اوطارا جتي ملنگ پنگ پي راڳ جي مجلس لڳايو ويٺا هوندا هئا. اهي اوطارا مقام يا ملنگن جون مجلسون اتي گهڻو ڪري مسلمانن جي حوالي هونديون هيون. جيڪڏهين ڪو هندو ڇوڪرو يا شخص ان سان ٿورو ئي ڪو لاڳاپو رکندو هو تہ جڻڪ هندو سماج ۾ گهٽ نظرن سان ڏٺو ويندو هو.

سانول هڪ اهو نوجوان هو جو مقامن ۾ ويندو هو. اوطارن ۾ گذاريندو هو ان ڪري سپاويڪ طور هندو سماج ۾ هن جي عزت ڪونہ هئي. سني گهر جو هوندي بہ هن کان هرڪو پاسو ڪندو هو. پر هن جو دوست ڪندن، جو هن جو سوٽ بہ هو ان جي هن سان دل هئي ۽ ٻئي ڳڏبا رهندا هئا.

ڪندن ۽ سانول جي ڳالھ ڪندي شرت بابو جو شريڪانت ۽ راجو ياد ٿا اچن يا ڪاڪي لالچند امرڏنيمل جي ڪهاڻي، ”مون دوست ۾ ڪجھ تہ ڏٺو هو“، جو نائڪ ٿو اکين آڏو ڦري وڃي.

۾ نوڪريون مليون ويون. انهن نہ فقط نوڪريون ڪيون پر ڪاليجن ۾ صبوح واري ڪلاس ۾ داخلا وٺي وڏي تعليم بہ حاصل ڪئي. آفيس ۾ ڪاليج جي ڪلئي واتاورڻ ۾ انهن نوجوانن جي لهہ وچڙ ڇوڪرين سان ٿي. آفيس ۾ بہ ڇوڪريون نوڪريون ڪرڻ لڳيون هيون. جا ڳالهہ سنڌ ۾ ڪونہ هئي نوجوان هتي جي واتاورڻ، اپ ٽو ڊيٽ ڇوڪرين سان سنگ ۾ آيو تڏهين هن ڪي گهر جي سادي سودي زال جي صحبت ۾ مزو اچڻ نہ لڳو ۽ هو پنهنجي ڳوٺاڻيون زالن کان پلو آجا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. جئين رميش، سرلا سان.

اهڙا نوجوان ڇوڪرا جام هئا، جن جا نالا وٺڻ هت لکيت ۾ ڏيڻ نيڪ نہ آهن پر هي بندو بہ انهن مان هڪ هو. هي تہ شرت ساهتيہ جو اَيياس ڪيل هو ان جي من تي وڏو اثر هو تہ مون سوچيو تہ مان پنهنجي خوشيءَ لاءِ ٻين جي خوشي ڇو ڪسيان. آخر هن جو ڪهڙو ڏوہ، دوستي سني ملي. ادبي تحرڪ ۾ گهڙيس ۽ اڄ منهنجو ڪٽنب سکي آهي. پر ان دؤر ۾ يعنيٰ سال 1951ع کان سال 1960ع تائين اٽڪل ڏہ سال ڪن اهو حالتون نظر آيون. ڪيترا گهر برباد ٿي ويا ڪيتريون ڇوڪريون مڙسن کان ڏڪاڻل وڃي آنندپور جي شرن ورتي.

مالهيءَ هن ناول ۾ اهو سوال منهنجي خيال موجب مڃاڇرو ڪنيو هو.

ڇوڪري سرلا چوي ٿي ؛

”ڇيائين ڪاڏي پاءِ، ڪاڏي پاتم. ڇيائين لاہ، لاٿم.
ڇيائين ڦلي لاہ اها لاٿم. پڙهڻ شروع ڪيم پوءِ بہ
ڇڏي هليو ويو آهي........“

رميش کي جبڪا صحبت بالاٽي ڇوڪري مان ملندي هئي اها پنهنجي پتني سرلا مان ڪونہ ٿي ملي هي تہ پوءِ سرلا وشن جي

”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا وڃي آهي ۾ پيا“
بس ناول ۾ ورهاڱي کان اڳ جي ڳوٺن جو ذڪر آهي. ليکڪ جي هن قسم جي ناولن ۽ ڪهاڻين مان ليکڪ جي سڀاءَ جي ڄاڻ پوي ٿي ته هو صوفياڻي خيال جو آهي ناهڻ جي ڪري ٿو ۽ نه ڊاهڻ جي جئين ناول جي شروع ۾ پنهنجي ڏاڏي جا لفظ دهرائي ٿو ته ”اڊائي گهرن جو خير“ تئين ليکڪ به اڊائي گهرن جو خير ٿو چاهي.

گوبند مالهيءَ جو پيو ناول ”شرم ٿوني“ ۾ به اهوئي ڳوٺاڻو وايو منڊل آهي. پر نائڪ شانتينڪيتن مان تعليم وٺي آيو آهي ۽ هو پنهنجي ڳوٺ جي ٻاهران بازيگرن جي وچ ۾ ڪم ڪرڻ ٿو چاهي ۽ پريميءَ جي صحبت ۾ اچي ٿو وڃي. هن ناول ۾ به ڪامن ڪر دار شاهه آهي. هي ناول فلمي ڍنگ تي لکيل آهي يعني هن ناول تي فلم ناهڻ سولو ٿي پوي. گلشن نندا جي ناولن وارو نمونو. گلشن نندا جيتوڻيڪ هن ناول لکڻ کان گهڻو پوءِ آيو. ان ڪري ڪو ائين ڪونه چئبو ته گوبندمالهيءَ تي نندا جو اثر پيو هوندو. نه اهڙي ڳالهه مان ڪونه ٿو چوان پر هن ناول ۾ اهي فلمي اناسر وڌيڪ آهن. ٿي سگهي ٿو ته تنهن زماني ۾ گوبند مالهي، فلم لائين ۾ هو ۽ ڪيترين فلمن لاءِ ڊائلاگ به لکيا هئائين. اهو ڪو اثر پيو هجي. باقي جيئن فلمن ۾ ڪو آدرشي نائڪ هوندو آهي تئين هن ناول ۾ شاهوڪار ڪٽنب جو ڇوڪرو رام شانتينڪيتن ۾ تعلم ورتل اهو بازيگرن کي پڙهائڻ ٿو وڃي.۽ ٿنولين جو مرڪز ٿو بڻجي ۽ آخر ۾ هاري بڻجي انهن بازيگرن جي وچ ۾ ٿو رهي. پنهنجو گهر مائٽ ڇڏي ڪري.

ديسي سيڻ ڪجن ناول ۾ وري نائڪ جيوڻ، بمبئي جي ڪار ايراضي يا ڪوليواڙا ۾ مهاڻن جي بستي ۾ ڪپڙو وڪڻندي شانوءِ

پر هن سانول جو انهن سان دور جو به ناتو ڪونه هو. سانول جو هڏ غريبن لاءِ ڪرڪندو هو. هو انهن سان ٿيندڙ بي انصافي سهي نه سگهندو هو. ڪندن تي هن جي ڳالهين جو ڪافي اثر پوندو هو ۽ هڪ رات هو سانول جي چوڻ تي ئي پنهنجي پيءُ وٽ گراهڪ جا گروي رکيل زيور تجوڙيءَ مان ڪڍي وڃي سانول کي ڏيڻ لاءِ چوريءَ جهڙو ڪم به ڪيو. پر ڳالهه ظاهر ٿي پئي. شاهه جو ڪندن کي چاهيندو هو جئين بيڪس ڪنعئي کي چاهيندو هو.

هن ناول ۾ ليکڪ هڪ ٻي ڳالهه جو ذڪر ڪيو آهي. فقط ذڪر نه بلڪ تفصيلوار بيان ڏنو آهي. حسن پرستيءَ جو. شاهه جو ڪندن لاءِ چاهه سنڌ جي ڳوٺن ۾ اهو رواج هو. لاڙڪاڻي کي ان ڪري عاشقن جو مقام ليکيو ويندو هو.

لاڙڪاڻي جي عالم شاعر نيازعلي ’نياز‘ جا به معشوق هوندا هئا. هڪ هري درياڻي دلگير ۽ ٻيو پريو چڳاڻي وفا. عزيز صاحب اهڙي ئي ماحول ۾ رهندي هر نينگر کي پورل سڏيندو هو.

سنڌ جي ڳوٺن جي مسلم زميندارن سيدن ۾ تعصب ڪونه هو. پوءِ مسلم ليگ جي اچڻ بعد ڪجهه هوا لڳي هي. پر اها هوا شهرن ۾ وڌيڪ هئي ۽ ڳوٺن ۾ ڪڏهن ڪڏهين ڪو جهوٽڪو لڳندو هو. ان جو ذڪر به ليکڪ هن ناول ۾ ڪيو آهي. ڳوٺن ۾ مسلم ليگ يا نئشنل هوم گارڊس جو واڳون يا درزين جي هٽ ۾ هونديون هيون يا حجمن وٽ. ڪو بيٺلڪار شخص شروع ۾ انهن ڳالهين ۾ ڪونه هوندو هو.

۽ آخر ۾ ورهاڱي ٿيڻ بعد اها جدائي جي هوا هر هنڌ پکڙجي ويئي ۽ ڪندن ۽ ٻين هندن کي سنڌ جا شهر ڳوٺ ڇڏڻا پيا. باقي هن ناول جو هڪ مکيه پاتر سانول ڳوٺ ۾ ئي رهي ٿو پوي جو ڳائي ٿو.

۸. نفسياتي
۹. فلسفيانہ

انهن قسمن مان هرهڪ جي صفت ڏني اٿس پر اڄ جو ناول ڪافي گهڻو اڳتي وڌي ويو آهي. ڪنهن وقت ڪهاڻي يا ناول ۾ پاتر، گفتگو، جاءِ، وقت پولي اهي انگہ ليکيا هئا. ۽ اهڙي طرح ناول کي بہ ڪن ليکن اندر ورهايو ويندو هو. پر اڄ جو ناول يا ڪهاڻي انهن ليکن کان ٻاهر آهن. پر جيڪڏهين انهن ليکن تي ڌيان ڏنو بہ وڃي تہ گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾ اهي سڀ قسم اچي ٿا وڃن. هڪ ئي ناول ۾ سڪيا بہ آهي تہ سماج ۾ رهڻ ڪرڻ جو چِتر بہ آهي تہ سياست بہ آهي. ۽ رومانس بہ آهي ڪوبہ ناول جدا جدا ڪري ڪنهن هڪ خاني ۾ وجهي نہ سگهبو ۽ نہ وري ڪو الڳہ ڪري سگهبو. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ انهن جدا جدا قسمن جا ناول موجود آهن. پر مالهيءَ جي ناولن مان جيڪر انهن حدن ۾ آڻي نہ سگهان.

سنڌي ۾ شرت جو آزاديءَ جا اپاسڪ، ٽئگور جو 'منزل' رچار اڏاياوَ بنڪم جو 'آنندمٺ' سياسي ناول آهن. گربخشاڻي جو 'نورجهان' تاريخي ناول آهي. ڪرشن کٽواڻي جو امرپيار گني سامتاڻي جو 'واپس' رومانوي ناول آهن. پروفيسر پمياڻي جو 'غريبن جو وڙٿو'، 'وڏوا' پروفيسر پنجواڻي 'شل ڌيئر نہ ڇمن' سماجڪ ناول آهن.

پر گوبند مالهيءَ جو ناول 'شرم پوئي' تنهن ۾ سماجڪ طبقوار روپ بہ آهي تہ راجنيتي رام جو بازيگرن کي پڙهائق پنيان مقصد سندس جو هاري ٿيڻ وغيره راجنيتي روپ آهي. بازيگرڻ ڇوڪري ۽ رام وچ پيار رومانوي روپ آهي. پر فلمي

سان دل لڳائي ٿو وبهي ۽ آخر ۾ انهن مهاڻين جي وچ ۾ گهر ڪري ويهي ٿو.

ليکڪ جو چوڻ شايد اِهو آهي تہ جيوڻ شالوءَ سان گڏجي انهن جي ئي وچ ۾ گهر ڪري وينو تہ اهي ديسي بڻجي ويا ۽ ديس سيڻ ٿيا. مونکي خبر نہ آهي تہ ڪوليوارڙا تي ڊاندا جا مهاڻا ڪيئن هڪ سنڌيءَ جيوڻ جا ديسي بڻجي ويا!

گوبند مالهيءَ جا گهڻا ناول اصلوڪي هوندي بہ من تي اهو اثر نٿا ڇڏين جو هر وقت ياد رهندا اچن ۽ نہ هن ڪو اهڙو پاتر پيدا ڪيو آهي جو شرت جي شريڪانت يا ديوداس وانگر ٽئگور جي ڳورا جيان يا پريمچند جي هوُري جيان من تي ڇاپ هڻي ڇڏي. موجوده زماني جي فلمن جيان بس هڪ دفعو ڏسڻ يا پڙهڻ بعد وري ڇڪ ڪونہ ٿيندي تہ ڪو پڙهجن. اجا سنڌي ۾ ڪرشن ڪٽوائي جو امرپيار وري پڙهڻ لاءِ آماده ڪندو.

آخرَ ۾ مان سنڌ ۾ ظاهر ٿيل پي.ايڇ.ڊي. لاءِ تيار ٿيل ٿيسز (مقالو) ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“ جو ڪجهہ ذڪر ڪندس. ڪوجنڪ ڊاڪٽر غلام حسين پنائڻ، ناول جا قسم ڏنا آهن. جهڙوڪ ؛

١. اصطلاحي (لکياڊائڪ)

٢. اخلاقي

٣. معاشي (سماج ۾ رهڻ ڪرڻ)

٤. سماجڪ

٥. سياسي

٦. تاريخي

٧. رومانوي

آيل آهي. جو وچولي طبقي جو آهي. ۽ سنڌي ڏنڌوڙي آهن هو به ڪوليواڙا ۾ ڏنڌي لاءِ ئي ويو آهي. گهوراڙو آهي. پر هو سوچي ٿو هڪ الڳ سماج لاءِ يا ڪوليواڙا جو مکي جنارڏن تي ڏنڊ ٿو وجهي ته هو گهڻين ۾ بتيون وجهائي. مونکي اهو لڳي ٿو ته گوبند مالهي ائين چاهي ٿو. پل چاهي پر اهو سياويڪ نه آهي. ڪوليواڙا جو مکي ايڏو مارڪسوادي ٿي ويو آهي. انساني ڪمزوريون جڏڪ ونس ڪونه آهن. مکپٽي جون چالاڪيون هو نٿو چاٽي پر آخر ۾ مان ائين چوندس ته اڄ سنڌي ادب ۾ جو گهڻو ڪجهه آهي ان ۾ مالهيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ناول پنهنجي هڪ اهم جڳهه ٿا والارين. اسان کي پڻ ٻولين جي ادب سان ڀيٽ ڪري ڪو فيصلو ڪرڻ نه گهرجي بلڪ جيڪي اسان وٽ اڳ آهي يا موجود آهي. ان جي حوالي ۾ ڏسڻ گهرجي. تڏهين ئي ته مان چوان ٿو ته مالهيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ناول سنڌي ادب ۾ اهم جڳهه والارين ٿا.

•••

پيار جنهن ۾ دل جو ڏکڻ Sufferings ڪونہ آهن.

مونکي گوبند مالهيءَ جي گهڻن ناولن ۾ ائين لڳندو آهي جڻڪ مکيہ پاتر خود. گوبند مالهي آهي يا جي بيا پاتر آهن اهي بہ گوبند مالهيءَ جي ٻوليءَ تا ڳالهائين مان هيءَ ڳالهہ وڏيڪ چٽي ڪريان.

ليڪ پاتر پيش تہ ڪري اهي پاتر جي اسان جي اردگرد آهن. سماج ۾ آهن انهن جي ٻولي ان ڍنگ جي هجي، جنهن سماج ۾ يا جنهن وايو منڊل ۾ هو رهن تا تڏهين ئي اهي پاتر نظر ايندا ۽ پنهنجو الڳپڻو ڪٿي ايندا. پر هت ائين ڪونہ تہ ٿئي. پوءِ اهي ناول هجن يا ڪهاڻيون انهن جا پاتر بيهاريل آهن.

جئين ڪِ مالهيءَ جي ڪهاڻي 'اي نہ مارن ريت...' جو مکيہ نائڪ جنهن پنهنجي ڏيءَ جو نالو؟ رکيو آهي تہ چوي بہ تہ مان اهو نمونو رکيو آهي. جو سنڌ جي ڳوٺن ۾ هو، مون کو ٺيرو ڪونہ آندو آهي.

ان جو پيٽ ۾ ٻين ٻولين جي ڪهاڻين يا ناولن ۾ انهن جا پاتر برابر پنهنجي سماج جا عيوضي يا پيدا ٿيل تا لڳن. جئين آزاديءَ جا اپاسک جو پاتر اپورو. جو ماءُ جي لاڏ ڪوڏ هيٺ پليو آهي. هن پنهنجي گهرو دنيا کان ٻاهر ڪجهہ ڏٺوئي ڪونہ آهي. هي جڏهين رنگون تہ وڃي تڏهين بہ هن جي وهنوار ۾ اهو انگہ آهي. ڏکہ ۾ روئڻ، گهر جي ياد ستائڻ.

جوالا (گره داه) جو هيم ياسرميش. اهي جنهن طبقي مان آيل آهن. اهوئي تا هلت هلن. پر گوبند مالهيءَ جو جيوڻ (شرم ٻوني) ڪوليوادا ۾ الڳہ ٿورهي هو سنڌي ڪٽنب مان

هجي. هن ڪتاب جو گجراتي ساهتيه ۾ اهم درجو آهي. ان ڪري ئي ته مرڪزي ساهتيه اڪادمي طرفان هي ڪتاب گجراتيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرايو ويو آهي. جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ شري هريش واسواڻي ترجمو ڪيو آهي. هونءَ به تنهن زماني ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ لکڻ جو طريقو اهو هوندو هو ان ۾ نه ڪي وڪڙ هئا ۽ نه وري ڪي گهماءُ ڦيرو ئي هوندو هو.

بس اهڙيءَ طرح ئي سنڌيءَ ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون لکيل ڪهاڻيون آهن. پوءِ اهي کهڙيون به ڪهاڻيون ڪٿو. ”اَنوڪا آزمودا“ مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻيون هجن، يا ”تنهنجا منهنجا تجربا“ ڪهاڻي سنگره جو ڪهاڻيون هجن.

انهن ڪهاڻين جا پاتر ڪي ڪالپنڪ ڪونه آهن. جيئن ”اِنسانيت جا ديپ“ ڪهاڻين جا ڪردار خيالي نه پر جيئرا جاڳيندا آهن. تئين رام پنجواڻي جي ڪهاڻين جا پاتر به توهان مان ڪن جا ڏٺل وائٺل ئي آهن. هونءَ به ليکڪ جي رچنائن جو بنياد ڪي حقيقي گهٽنائون، جيئرا جاڳندا شخص ئي هوندا آهن، جيئن شرت بابوءِ جو ڪردار اندر ناٿ. حقيقي زندگيءَ ۾ شرت بابوءِ جو ننڍپڻ جو دوست راجيندر (راجو) ئي آهي. ان نموني رام پنجواڻي جا پاتر اجا ڪي آهن، جي شايد اوهان جا واقف، جاڻل سڃاڻل نه هجن، پر جيڪي ان طرف جا يعنيِ لاڙڪاڻي جا رهواسي آهن، اهي هي ڪهاڻيون پڙهي هڪدم چئي ڏين ٿا.

اَڙيَ هيءَ ڪهاڻي ته فلاڻي جي آهي جنهن جو سيئو بزار ۾ دڪان هو. هيءَ ڪهاڻي ته ”جيوٽي ٻائي“ جي آهي، واه واه، ڪهاڻين پڙهندي اهي شخص اکين آڏو جيئرا جاڳيندا گهمندا ڦرندا ٿا نظر اچن. ها، هنديءَ جي ڪهاڻيڪار/اپنياسڪار جئنيندرڪمار جي ديدي، يا ڊاڪٽر ڌرموير ڀارتيءَ جي اپنياس

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون ڪهاڻيون

ڪهاڻي ڪلا، زماني سان، وقت سان گڏ ڦرندي رهي ٿي. جا ڪهاڻي يا ڪهاڻيءَ جو روپ اڄ آهي. اهو شروع ۾ ڪونہ هو. شروع ۾ تہ ڪهاڻي ڪنهن اُپديش ڏيڻ لاءِ ئي چئي يا لکي ويندي هئي. پر اَڄ جي ڪهاڻي من جي ڪنهن تهہ جي تصوير ٿي ڏي تہ چوڳرد ٿيندڙ گهٽنائن جو بہ چٽر ٿي پيش ڪري. ۽ اَڄ اکهاڻي بہ موجود آهي. پوءِ جي اَڄ جي ڪهاڻي جو روپ رنگ جي ڀيٽ شروعاتي ڪهاڻيءَ سان ڪئي ويندي تہ اڻ سونهندڙ ٿيندو. پر اڄ جي ڪهاڻي اڄ جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ويندي. ۽ اَڳ جي ڪهاڻي تنهن وقت جي حالتن هيٺ ڏٺي ويندي تہ انصاف ٿي سگهندو. تازو سنڌيءَ ۾ گجراتي مان ترجمو ٿيل هڪ ڪتاب ساهتيہ اڪدمي طرفان ظاهر ٿيو آهي. ”اِنسانيت جا ديپ“ ليکڪ آهي زيورچند ميگهاڻي، جنهن سوراشٽر جو دؤرو ڪندي ڪي گهٽنائون ٻڌيون آهن هن صاحب انهن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تہ جي شخص ڌاڙو آهن، خوني آهن، انهن وٽ انسانيت آهي. ان ڪري ڪتاب جو نالو ئي رکيو اٿس ”انسانيت جا ديپ“. هن ڪتاب ۾ درج ڪيل ڪهاڻين ٻڌائڻ جو طريقو سڌو سادو آهي. جيئن آمهون سامهون ويهي شخص، ڪن ٻڌندڙن کي ڪي گهٽنائون، ڪي واقعا، ڪي آزمودا ٻڌائيندو

هلندا رهيا. اهڙن شخصن لاءِ پروفيسرن رام پنجواڻي جون هي ڪهاڻيون هڪ قسم جو آٿت هيون. تہ جو اَڄ آهي. اهو سپان نہ هوندو جي اَڄ رات آهي تہ نيٺ صبوح بہ ايندو ۽ ان آشا جي ترورن تي ڪيترن ئي پنهنجي دکہ کي وساري پنهنجي زندگيءَ جو نئون ورق ورايو. پيو ڪو ملڪ هجي ها ۽ جي اتي ائين ٿئي ها تہ ڪيترا شخص پنهنجو اَنت آڻين ها.

پر سنڌين کي هڪ اَٿت هو تہ، ”هي بہ گذري ويندو“ ۽ اهو اَٿت ڏيڻ وارو هو پروفيسر رام پنجواڻي ۽ سندس لکيل هي ڪهاڻيون - ڪهاڻين جي شيلي، لکڻ جو ڍنگہ پل تہ ڪهڙو بہ آهي. پر هنن ڪهاڻين گهٽن جي زندگيءَ ۾ ڦيرو آندو. دکن ۾ بہ جيئڻ سيکاريو ساهتيہ جو مقصد آخر ۾ ڪهڙو آهي؟

ائين برابر آهي تہ اَڄ جي ڪهاڻي اَڪهاڻي جي منزل تي وڃي پهتي آهي. ان ڪري هن قسم جون ڪهاڻيون چٽڪ هڪ ئي ڍنگ هڪ ئي عبارت ۾ لکيل پڙهڻ سان ساڳيون ساڳيون پيئون لڳن، فقط ڪي نالا ۽ ڪٿي گهٽنائون بدليل آهن. نہ تہ رفتار سيني ڪهاڻين جي ساڳي آهي. پوءِ اهي ڪهاڻيون ”اَنوکا آزمودا“ جي مجموعي ۾ اَندل هجن يا ”تنهنجا منهجا تجربا“ جي مجموعي ۾ هجن.

اتي ائين چئي سگهجي ٿو تہ پروفيسر رام پنجواڻي پنهنجي آزمودن، ڏٺل وائٺل گهٽنائن، واقعن کي ائين سڌي سادي نموني پيش ڪرڻ ۾ ئي اثر دار ٿو سمجهي ۽ ائين بہ برابر آهي تہ اَسان جا عام سنڌي پڙهندڙ ائين سڌي سادي نموني لکيل ڪهاڻين کي ئي وڌيڪ پسند ٿا ڪن. ۽ اهي گهٽنائون جي سندن زندگيءَ ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني جي آيون نہ آهن تہ ٻڌل ڏٺل آهن. ان ڪري هو هنن ڪهاڻين مان اتساه ۽ اميد جا تر ورا

”گناھن ڀريو ديوتا“ جا پاتر چندر، سرلا، الھآباد جي يونيورسٽي ۾ تنھن زماني ۾ پڙھندڙ توھان کي ٻڌائيندا تہ اھي پاتر ھنن جا ڏنل وائنل ھئا. چندر آھي خود ڏرموير پارتي ۽ .... ۽.....

ان ڪري جي پاتر توھان کي ڏنل وائنل لڳن ٿا، ان ڪري ڪو ڪھاڻيءَ جي اھميت وڃي ٿي، ائين ڪونہ آھي.

پروفيسر رام پنجواڻي پنھنجي وقت جو حقيقت پرست ڪھاڻيڪار ھو. ھن جي ڪھاڻين تي نہ موپاسان جو اثر آھي ۽ نہ او ھينريءَ جو بس ھن جون لکيل ڪھاڻيون ھن جي سوجھہ ٻوجھہ جو نتيجو آھن. محمد ڳاڏي وارو ھن جي زندگيءَ ۾ آيل ھڪ گھٽنا جو چٽر آھي، ھوبھو چٽر انسان ڏڄڻو آھي، شڪي آھي، اوشواسي آھي پر جڏھن ھو ڏسي ٿو تہ سندس ڏڄڻ، شڪ، اوشواس اجايو ھو. تڏھن چٽڪ ھن جو اھو سنيھو ھجي تہ اڄ بہ، ھاڻي بہ انسانيت آھي، احسان مندي آھي، قدر آھي، جيئن محمد ڳاڏي واري وٽ ھو

محمد احسن، ڪڙمي ۽ ڪمدار جنھن خون ڪيو ھو، پر اھو ڪورٽ ۾ نہ بيٺو ۽ محمد احسن ڪمدار باعزت ڇٽي ويو. پر ٻئي ھڪ ڪيس ۾، سو بہ خون جي ڪيس ۾ ڦاٿو. جو خون نہ ھن ڪرايو ھو يا ڪيو ھو ۽ نہ وري ڪا ڪيس خبر ھئي ان خون جي، پوءِ بہ ھُو ڦاسي ويو ۽ موت جي سزا مليس. ھن صاف چيو، خدا وٽ انصاف آھي دنيا جي ڪورٽ ۾ ٻھرين ڪيس ۾ ڪٽي ويس. پر وري بہ جيت سچ جي ٿي. ورھاڱي بعد، پنھنجو ملڪ، پنھنجو گھر گھاٽ ڇڏي، سنڌي ھندو ڀارت جي شھرن ۾ پکڙجي لڳا، ڏنڊا ڏاڙي تہ رھيا ڪونہ، جي اتي سنڌ ۾ سکيا ستايا ھئا. اھي ھت مزوري پيا ڪن اھو چڪر تہ ڪن کي تہ ختم ڪري ڇڏيندو. ڪي ”ھيئن سچ واہ واہ، ھونءَ بہ سچ واہ واہ“ چئي وقت جي رفتار سان

ايمانداريءَ جون ڳالهيون پاڳل دماغ جو وهم ٿيون سمجهيون وڃن. جڏهن ڌن دولت کٽي ڪرڻ ئي جيون جو اعليٰ ترين مقصد ٿو ڀانيو وڃي، جڏهن جسماني سهنج ۽ سهوليتون سکي حياتي بسر ڪرڻ لاءِ لازمي شرط ڪري مڃيو پيو وڃي، جڏهن واپاري ڪيتر ۾ ”ايمانداري بهترين نيتي آهي“ جي سڏانت جي جڳهه ”يا بي ايماني تيرا آسرا“ ورتي آهي. جڏهن راڄنيتي ڪيتر ۾ ٺڳي ۽ دولاب سياست جو ٻيو نالو پيو ليکيو وڃي، جڏهن ساهتڪ ڪيتر ۾ معياري رچنا ان کي ٿو تسليم ڪيو وڃي جنهن ۾ جسماني ڪشش جا کيل ڏيکاريل هجن. جڏهن لياقت ۽ ڳڻ جي جڳهه خوشامند ۽ چترائيءَ ورتي آهي حق ۽ انصاف جي مٿان رشوت ۽ پاسخاطري غالب پئجي ويئي آهي. جڏهن وديا جي پوتر مندرن ۾ حضرت فلوس جو راڄ برپا ٿي ويو آهي تڏهن پروفيسر رام پنجواڻي جون هي کهاڻيون روشن منار جيان ستيہ جي راهه جي پانڌيئڙن لاءِ آٿت ۽ آشا جي سرچشمي جو ڪم ڏينديون. ۽ لڏندڙ ۽ لچڪندڙ دلين لاءِ ڏڍ ۽ وشواس جو بنياد ٿي رهنديون....

●●●

تا حاصل ڪن. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو پروفيسر صاحب جا هي لکيل مجموعا هڪ نه پر ٽي چار ڇاپا ڇپيا آهن. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ مشڪل ئي ڪو ڪتاب ٻيو ڇاپو ڇپيو هجي، اتي رام پنجواڻيءَ جا لکيل ڪتاب گهر گهر ۾ آهن ۽ ڪيترا ئي ڇاپا ڇپبا رهيا آهن.

ٻي هڪ ڳالهه، جنهن هنن ڪهاڻين کي عام جي نه ويجهو آندو آهي، پر اَدبي ڪيتر ۾ ڪجهه پري ڪيو آهي. اهو آهي ڪهاڻين جو عنوان، جو سڌو سنئون نه ڏيئي شاهه جي بيتن جون سٽون ڪٽي ڏنو ويو آهي، جيئن ڪ ”وائي وڃيم شال ڪنن ڪان ڪين ٻڌان“ هن ڪهاڻيءَ جو سڌو سادو عنوان هئڻ گهربو هو. ”سماج سيوڪ“ هن ڪهاڻيءَ جي آڌار تي ئي پروفيسر هڪ ناٽڪ ”سماج سيوڪ“ لکيو آهي. پر جڏهن سماج سيوڪ نالي کي ڏسبو يا پڙهبو ته دل ٿيندي ته اها ڪهاڻي پڙهجي، پر جو سرو اٿس ”وائي وڃيم شال...“ تڏهن لڳندو ته ڄڻڪ ٽڪاڻي جي ڪا ڪٿا هوندي ۽ پڙهڻ تي شايد دل نه وري. جيتوڻيڪ اها ڪهاڻي ناٽڪ جي روپ ۾ به ڪافي پرسڌ ٿي ويئي آهي ۽ ڪيترا دفعا اهو ننڍو ناٽڪ اسٽيج ۽ ريڊيو تي به اچي چڪو آهي. مونکي خبر نه آهي ته پروفيسر صاحب انهن ڪهاڻين تي اهي سرا ڪيئن ۽ ڇو ڏنا؟

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون اٽڪل هڪ سؤ کن ڪهاڻيون لکيل آهن. هرهڪ تي تفصيل سان لکي سگهجي ٿو. پر مان هت سندس ڪهاڻين جي وشيه ۽ عبارت بابت ڪجهه روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سرڳواسي بلديو گاجرا ”انوکا آزمودا“ ڪهاڻي سنگره جي مهاڳ جي آخر ۾ لکي ٿو ته:

”... اَڄ جي مادي پرستي واري زماني ۾، جڏهن زندگيءَ ۾ وستن جا ملهه ۽ قدربنهه بدلجي ويا آهن، جڏهن اخلاق ۽

جي هاءِ اسڪول ۾ وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ويندا هئا. ڇو جو ديوانپور ۾ سواءِ پرائمري اسڪول جي ٻيو وڏو اسڪول ڪونه هو. ۽ شرت بابو پنهنجي ناول 'آخرين التجا' وجئا (ٻيو ڇاپو) ۾ ان پل ۽ ڳوٺ مان ويندڙ وديارٿين جو ذڪر ڪيو آهي.

وشڻو پرڀاڪر شرت بابو جي جيوني لکڻ وقت بهار جي هڪ ان ڳوٺ به ويو آهي جتي شرت بابو ڪجهه وقت رهيو هو ۽ اتي ئي ان جي راجيندر سان واقفيت ٿي هئي اهو راجيندر اڳتي هلي سندس ناول ''شريڪانت جو اندرناٿ بڻيو يا بڻايو ويو آهي.

ليکڪ جو لکي ٿو اهو حقيقت تي ٻڌل هوندو آهي پر ڪجهه ڪالپنڪ ڳالهيون به ان ۾ شامل ٿيل هونديون آهن. پر رچنا صرف ڪالپنڪ هوندي آهي ائين نه آهي. هر رچناڪار جا پاتر سندس جيون جي اردگرد ڦرندا گهرندا آهن ۽ هو انهن کي وٺي پنهنجي رچنا ڪري ٿو.

موهن ڪلپنا جون رچنائون سندس جيون جي اردگرد آيل ڪن شخصن کي وٺي انهن کي انهن رچنائن جو پاتر بڻائي اسان جي آڏو آندو ويو آهي.

فرق هڪ آهي جيئن مئتري ديوي جيئري آهي ۽ هن پنهنجي جيون ۽ پيار بابت فلم ٺهڻ نه ڏني تيئن موهن ڪلپنا جا پاتر ... اڄ سوڌو جيئرا جاڳندا آهن. انهن کي اعتراض هوندو يا ٿيندو آهي جي مان سندن نالا وٺي هت ذڪر ڪنديس. پر مان موهن ڪلپناجي ڪهاڻين ۾ آيل پاترن کي سڃاڻان. جن مان گهڻا اڄ به موجود آهن پر موهن ڪلپنا کي گذاري هڪ سال به ته ڪونه ٿيو آهي. جي شرت بابو گذارڻ بعد ڇڱا ڏهاڪا گذري ويندا ته سندس گڏ سندس پاتر

موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جا پاتر

تازو هڪ فرينچ ليکڪ ۽ فلم ساز هندستان ۾ اچي هڪ فلم تي ڪڍي فلم جي ڪهاڻي ڪلڪتہ ۾ رهندڙ بينگالي ليکڪا مئتري ديوي ۽ سندس پيار بابت هئي. ليکڪا ڪورٽ جو منعنامو وٺي فلم جي هلندڙ شوٽنگ بند ڪرائي. ان ليکڪا جي عمر هن وقت پنجهتر اسي ورهيہ ڪن ٿيندي. پر جي هو سرڳواس ٿي ويئي هجي ها تہ سندس پيار بابت فلم ضرور نڪري ها. انسان جيئرو آهي تہ سندس بابت سواءِ ساراہ يا وڻندڙ پهلوءَ جي هڙ ٻيو ڪو پهلو عوام اڳيان اچڻ نٿو چاهي.

ڪلڪتہ ڪنهن سيمينار تي ويندي شرت بابو جي جنم آستان ديوانپور ڳوٺ جو بردوان ضلع ۾ آهي، اتي وڃڻ ٿيو. اتي ويندي اسان ڪي اهو اسڪول ڏيکاريو ويو جتي شرت بابو جي لکيل امرناول ''ديوداس'' جي نائڪ ديوداس ۽ نائڪا پارو گڏ پڙهندا هئا. ڳوٺ جي ٻاهران وهندڙ هگلي ندي پڻ ڏيکاري ويئي ۽ ان تي ٺهل پل پڻ جنهن جو نالو شرت چندر چٽوپاڌ پل رکيل هو. شرت جي ڏينهن ۾ اها پل ڪونہ هوندي هئي ۽ ڳوٺ جا وديارٿي نندي پار ڪري هن پر واري ڳوٺ

چاولا ۽ آشا يعني گيتاراج. هڪ شريف ماڻهوَ جو ڳاڏي ۾ لاش ڪهاڻي جو هڪ ئي پاتر آهي. سو آهي موهن ڪلپنا.

ليکڪ/شخص موهن ڪلپنا ڪي ڄاڻ آهي ته سندس بابت ماڻهن ۾ ڪهڙا رايا آهن جي هن ڪهاڻيءَ دوران پيش ڪيا آهن ته ڪئين ڪيس ڪي آواره تا سمجهن ته ڪي سٺو ماڻهو. هن جا جدا جدا ماڻهن جي نظرن ۾ الڳ الڳ روپ آهن. ان ڪري ئي ته چوي ٿو : حقيقت ۾ ماڻهو هڪ مئو آهي پر جدا جدا روپن جا پنج ماڻهو مري ويا آهن.

اچو ''درد ۽ سپنا'' ڪهاڻيءَ تي ان ۾ به ٽي پاتر آهن. بيان ڪندڙ ڪويتا ۽ سندو ساهتيه بينڪ. سال 1958 ۾ بمبئي ۾ ٿيل آڪل پارت ساهتيه سميلن جو موقعو. ٻه ساهيڙيون سندري اُتمچنداڻي ۽ تارامير چنداڻي. انهن ٽنهي پاترن جي اردگرد ڪهاڻي ڦري رهي آهي. مون وري به چيو ته موهن ڪلپنا ڪي شريڪ طور جدا ٿئي اڃا سال به ڪونه ٿيو آهي ۽ سندس پاتر به اسان جي وچ ۾ آهن يعني جيئرا جاڳندا موجود آهن. ان ڪري انهن جا نالا ڪن حالتن هيٺ ظاهر ڪرڻ واجب نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ڪن سالن بعد ڪو اپياسي موهن ڪلپنا جي ڪهاڻين جو اپياس ڪري انهن پاترن ڪي ٻاهر آڻي پڙهندڙن سان مخاطب ڪرائي.

'اها شام' ڪهاڻي مجموعي ۾ آيل سندس ڪهاڻي جهلڪ پڙهو. ڪهاڻي ۾ آيل راجو ليکڪ موهن ڪلپنا جو پاڻ ئي آهي. جنهن ڪي پان آڻڻ لاءِ پئسا ٿو ڏيءَ ۽ شو مندر ۾ جنهن سان وڃي ٿو اها آهي ميرا. ٻي ڪهاڻي آهي ''خوابن ۽ سراپن وچمان''

سيان ڪالوني ۾ رهندڙ درو ڪرپالاڻي جنهن سان

بہ زنده نہ هوندا تہ ضرور ذڪر بہ نڪرندو تہ نالو نشان بہ ٻڌايا ويندا. جئين راجلڪشمي ڪير هئي تہ چندر مڪي ڪٿي هئي. پر جي اڄ هو جيئريون هجن هان تہ ضرور مٿري ديويءَ جيان پنهنجي ايندڙ ذڪر تي اعتراض وٺن ها. موهن ڪلپنا سال ١٩٦٢ ۾ لکي ٿو تہ:

''...... سال 1958 کان 1962 تائين مون ڇهہ ست ڪهاڻيون مس لکيون.

''درد ۽ سپنا'' کان وٺي ''هٿ مونکان پري ٿيو'' ان بعدا سرءَ جا پن ۽ چانڊو ڪي ۽ زهر'' ڪهاڻيون لکيون تہ آهن......''

مان سال 1959 ۾ سندس لکيل ڪهاڻي ''جواب'' جي پاتر جو ذڪر ڪندس ان ڪهاڻي جو پاتر خود پاڻ آهي. سال 1952 ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد بہ سانده ست سال ڪيس ڪا نوڪري ڪون ملي. گهر جون مالي حالتون بہ ڪو سٺيون ڪونہ هيون بہ سپاوڪ سندس مٽ مائٽ کانس نوڪري نہ ڪرڻ بابت پڇندا هئا. جن جي جواب ۾ هن آڪاڻي ''جواب'' لکي.

ان ئي دؤر ۽ سال 1959 ۾ هن اڪاڻي لکي درد ۽ سپنا ان ۾ ڪل ٽي پاتر آهن. ڪوتا، سندو ۽ شيڪر، شيڪر جو پاتر خود موهن ڪلپنا جو پاتر آهي ۽ ڪوتا آهي تارامير چنداڻي جنهن تازو ئي چار سال اڳہ شادي ڪئي هئي ۽ سندو آهي سندري اتمچنداڻي ۽ ساهتڪ بينڪ هي ٻيو ساهتيہ سميلن جو ڪي.سي. ڪاليج ۾ ٿيو هو سال 1958 ۾. ٻي ڪهاڻي آهي چاندني ۽ زهر ان ۾ بہ ٽي پاتر آهن اروڻا نرمل ۽ راجن. راجن آهي موهن ڪلپنا ۽ اروڻا آهي ميرا ۽ نرمل آهي گاگنداس. ٽين ڪهاڻي آهي ''هٿ مونکان پري ٿيو'' پاتر آهن چندر، مهيش ۽ آشا يعني موهن ڪلپنا، مهيش، چندر يعني راجن

هئي ۽ ڇوڪريءَ کي پڙهايو هو. يعني پڙهائڻ تي خرچ ڪيو هو. ڇوڪري ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهندي هئي ان ڪري سنڌي ليکڪن جي نالن کان واقف هئي پوءِ جي موهن ڪلپنا ساڻس گڏيو ته سچاويڪ هڪ آڪاڻي به لکجي ويندي ۽ اها آڪاڻي.

''پيار ۽ پاپ''، جا اها شام مجموعي ۾ آيل آهي.

ڪرشن، پدما ۽ مدن

مدن ڪرشن جي واقفيت ٿو ڏي

''پدما هي شخص هڪ هند ويهي اٺڻ جو نالو نه وٺندا آهن.

آهڙن ماڻهن کي جيڪڏهين چانهه جو هڪ ڪوپ پياري ننڊ جي فائدي ۾ ڳالهائجي ته هو اشاري ۾ سمجهي ويندا ته رات ڪين بئي هنڌ ڪاٽڻي آهي....''

اها شام جي ٻي ڪهاڻي 'رت برفن اندران وهندڙ' چار پاتر موهن، راجو چاولا، گيتاراج ۽ گنوسامتاڻي، مهيش، نريندر، ريکا، هريش

ليکڪ جي لفظن ۾ ڪهاڻي جي نائڪا ريکا چوي ٿي

''هريش (گني) کي جو گل ٻاريءَ تي سنو ٿي لڳو اهو گل نريندر (راجو) کي منهنجي چوٽيءَ ۾ سهڻو ٿي لڳو.

گل جي بهتر جڳهه منهنجي گلدستي ۾ هئي جنهن جي نريندر تعريف ٿي ڪئي مگر هريش ڏسي مشڪيو ٿي.

مگر ٻنهي جي دوست مهيش ۾ پاونا به هئي ته ويچار به.

هن آڪاڻي جا پاتر چار آهن. مهيش، نريندر، هريش ۽ ريکا. موهن ڪلپنا کي لکڻ ايندو هو ۽ هو لکي ٿي سگهيو تڏهين ئي ته ان گهٽنا واقعي کي ڪٽي هن ڪهاڻي لکي. گني (هريش) نريندر (راجو) ڪهاڻي لکي نه سگهيا جيتوڻيڪ اهي

گڏجڻ لاءِ ليکڪ موهن ڪلپنا وڃي ٿو. سندس واقفيت درو ءَ جي مائٽ هريش ٻجلاڻيءَ جي معرفت ٿئي ٿي. موهن ڪلپنا، ڪنهن سياسي تحريڪ جي سلسلي ۾ گرفتار ٿيو آهي ۽ جيل اندر آهي ته هريش ٻجلاڻي به ان ئي سلسلي ۾ بند آهي ۽ درو هريش سان گڏجڻ ٿي اچي ته اُتي سندس واقفيت ليکڪ سان به ٿي ٿئي. جا اڳتي هلي چڪ جو باعث ٿي بڻجي ۽ ڪهاڻي ٿي لکجي وڃي.

اسين ناسڪ ويندا آهيون پنچوٽي وٽ اهي نشان ڏسندا آهيون جتي رام سيتا لڇمڻ آيا هئا. اهو هنڌ به ڏسندا آهيون جتي لڇمڻ راوڻ جي ڀيڻ سورپڪنا جو ڪن ۽ نڪ ڪٽيو هو. ڀرسان آگست منيءَ جو آشرم به آهي ته تپوون به آهي. ندي‌ءَ جي ڪناري ۽ جڏڪ رامايڻ جو چڱو حصو اسان جي علون اڳيان تصور ۾ ڦري ويندو آهي.

• ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي انن جي سواري ڪري ٻه وڃي اهي هند اکين سان ڏٺا جن جن هنڌن تي شاه عبداللطيف ويو هو. ۽ انهن هنڌن جو ذڪر ڪندي ڪاڪي ڀيرومل ”لطيفي سئر“ ڪتاب لکي ڇڏيو. ۽ ان ڪتاب دواران اسان شاه صاحب جي سُرَ جو احوال چاڻي سگهون ٿا. شايد سال 1962 هو چين ڀارت تي حملو ڪيو هو. فوجي جوانن لاءِ گهر گهر مان چندا ڪٺا ڪاپڙ گڏ ڪيا ويا هئا. موهن ڪلپنا به ان ڪم ۾ هٿ وڌايو هو ۽ اُلهاسنگر چوٿين جو هڪ گهر ۾ ويو جتي هڪ ڇوڪري رهندي هئي ميرا پنجواڻي جا پوءِ شاديءَ ڪري ويئي هڪ ان شخص سان جيڪو اڳ ئي شادي ڪيل هو ۽ هن جي عمر به ڇوڪريءَ جي عمر کان وڌي هئي. پر ان شخص ان ڇوڪري جي ڪٽنب کي چڱي مالي مدد ڪئي

توکي نڙيءَ ۾ ننهن وجهي ماري ڇڏيان ها
ماءُ تو ائين چيو.

(٣) ''ان ڏينهن انٽرويو لاءِ توکي شرٽ ڏنم
نوڪري نہ ملڻ تہ ڇا ٿيو؟ مون تہ دوستي نباهي ۽ تون!
تو ميري ئي شرٽ واپس ڪئي ڌڪارئيہ بہ ڪونہ....''
دوست چيو:

هي ٽئي نڪر 'هستي' ڪهاڻي مان ورتل آهن پهرئين جو پاتر لالاڪمپني ۾ ٻئي ۾ ماءُ پاتر ۽ ٽئين ۾ مان پاتر آهيان. سترهن اوجاڳا جو پاتر آهي ڊاڪٽر پرسو گدواڻي جو ٻنيءَ ۾ سنڌي لفظ ٺاهڻ لاءِ جدا جدا جاتين جا لفظ گڏ ڪرڻ ويو هو.

شاعر آڪاڻي جو پاتر آهي سڳن آهوجا
سڳن آهوجا کي اڏرنگہ ٿي پيو هو. هو گهر ۾ ئي هو. جو سندس ڪنهن وقت جو هم ڪلاسي سکر جو رهاڪو اچ ويسٽ ائينڊ هوٽل جو مالڪ ساٽس گڏجڻ آيو. ۽ ڪجهہ پئسا ڏيندي ڪجهہ نصيحتو نہ ڏيندو ويو. ائين جيڪڏهين موهن ڪلپنا جي هڪ هڪ رچنا کڻبي ۽ ان جو پورو پورو اڀياس ڪبو تہ اسان کي انهن رچنائن جا پاتر چاتل سڃاتل نظر ايندا. تازو ڪجهہ سال اڳ موهن اُلهاسنگر ۾ نلسن مارڪيٽ جي مالڪ وٽ نوڪري ڪري مهني پوري ٿيڻ بعد مهني اجوري (پگهار) لاءِ مالڪ جي ڪئبن ٻاهران موهن ويٺو هو. جو کيس پئسن جي سخت ضرورت هئي. مالڪ ڪن دوستن سان آفيس ۾ ويٺي يٽ شٽ هيان ۽ موهن ٻاهر ان انتظار ۾ هو تہ ڪڏهن ٿا مالڪ جا اهي دوست ٻاهر نڪرن ۽ هو سيٺ کان پنهنجو اجورو وٺي هن جي ان وقت جي جا حالت يعنيٰ من جي

بہ ليڪ آهن ۽ سنڌي جا سٺا ليڪ آهن. تڏهين تہ چيم تہ موهن جي ڪهاڻين جا ڪردار پاتر اسان جا ڄاتل سڃاتل آهن.

موهن ڪلپنا جون شروع واريون ڪهاڻيون رومانوي آهن. جن ۾ پيار وڇوڙو غربت جو ذڪر آهي پر موهن جي شادي ڪرڻ بعد سندس ڪهاڻين جي وشيہ پيار محبت، وڇوڙو نہ رهي زندگيءَ جون تلخ حقيقتون رهي ڇو جو پيار هن ڪي مليو، وڇورو نہ رهيو. تڏهين زندگيءَ ۾ هن ڪي جيڪي ڪڙايون، تڪايون هيون اهي هن قلمبند ڪيُون.

پهرين سندس ڪهاڻين جا مجموعا زهر ۽ چانڊني بعد اها شام انهن ٻنهي مجموعن ۾ پيار ۽ وڇوڙو آهي تہ پوئين ڪهاڻي سنگره ''ائين ڪتا'' جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جون تلخيون موجود آهن ۽ انهن جا پاتر بہ جيئرا جاڳندا آهن. مثال طور ائين ڪتا مجبوعي ۾ آيل ''جواب جي تلاش جو يتن هستي، سترهن اوجاڳا، شاعر ۽ ان بعد لکيل ٻيون آڪاڻيون''

'هستي' آڪاڻي ۾ بہ ليڪ موهن ڪلپنا جي من ۾ آئندڙ ڀاوَ ڏنا ويا آهن جئين ڪَ.

(١) ''.... نوڪري ۽ عزت حاصل ڪرڻ ۽ مالڪ بڻجڻو پوندو آهي

نوڪري، بيوس ماڻهو ڪندا آهن سوال جواب. هلندو هل

نوڪريءَ ۽ عزت... ڪايڪٽ يوئر سئلري ائنڊ گيٽ لاسٽ''

(٢) ''اگر مونکي معلوم هجي ها تہ ڪاليج پاس ڪرڻ بعد تون فقط ڪتاب ڪٽي بمبئي ۾ رلنديں تہ جمڻ وقت

ڊاڪٽر ارجن شاد جي شاعري:- هڪ نظر

مان اِهو ضروري ٿو سمجهان ته ڊاڪٽر ارجن شاد جي نئين ڪويتا سنگرهه تي ڪجهه چوڻ کان اڳ ۾، سنڌي شاعريءَ جي نئين دؤر بابت ڪجهه روشني وجهان. سنڌي شاعريءَ جو نئون دؤر، ڪوي بيوس کان شروع ٿيل ليکيو وڃي ٿو. خود ڊاڪٽر ارجن شاد به پنهنجي تحقيقي مقالي ''بيوس ۽ نئون دؤر'' ۾ (ڪتابي روپ ۾) ائين ڄاڻائي ٿو ته:

''....... ويهين صديءَ جي شروعات ۾ قليچ جي همعصر شاعرن ۾، ڪا اصليت نظر نه ٿي اچي ۽ سندن شعر گهڻو ڪري پارسي ۽ اُردوءَ جو ئي بي اَثر نقل آهي. انهيءَ دؤر ۾ هڪڙوئي شاعر هو جنهن ان قسم جي، سطحي شاعريءَ کان ڪنارو ڪيو ۽ هڪ نئين وات ڳهڙي، جا وات اوچن ۽ آدرشي خيالن جي هئي ۽ جنهن مان سنڌي زبان جون ذاتي خوبيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. اهو شاعر هو ڪشنچند ''بيوس''......

ڪوي بيوس ڪو ان نئين وات ۾ اڪيلو ڪونه رهيو. هن جي قدمن تي ٻين شاعرن به هلڻ شروع ڪيو، جن ۾ هري دلگير ڪيئلداس فاني، نارائڻ شيام، ڏيونداس آزاد، سگن آهوجا، شيخ اَياز، ارجن شاد ۽ پرڀو وفا مکيه آهن.

ڪيفيت هئي. ان جو ذڪر هن پنهنجي ڪهاڻي ”مان ڪتو آهيان“ ۾ ڏني آهي ته جئين ڪتو روٽي نڪر لاءِ پرسان ڪائيندڙن ڏانهن انتظار مان نهاريندو رهندو آهي ته ڪڏهين تو ڪير روٽي ٽڪر ڏانهس ڦٽو ڪري.

موهن جي ڪهاڻين کي جيڪڏهن اپياس جي خيال کان وراهيو وڃي ته چئن حصن ۾ وراهي سگهجي ٿو. پهرين رومانوي يعني اهي آڪاڻيون جي شاديءَ کان اول لکيون اٿائين ۽ ٻيون اهو حصو جو ڪهاڻيون شادي بعد نوڪري ڪندي يا روزگار ۾ رهندي لکيائن، ٽيون اهي ڪهاڻيون جي وقت بوقت هن جيڪو ڏٺو ان جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ سياست به آهي سماج جو چٽر به. لنگهه بند، هن نوَ ٻوڏين جو ذڪر ڪيو آهي.

۽ چوٿون اهي سڀ ڪهاڻيون هن پنهنجي عمر جي آخرين وقت ۾ لکيون جن ۾ اُلهاسنگر جي حالتن جو چٽر چٽيل آهي يا ذڪر ڪيل آهي پر انهن سڀني ڪهاڻين جا پاتر اڄ جي زندگي جا آهن ۽ اسان جا پڙهندڙن جا ڄاتل سڃاتل آهن.

●●●

لڳندو. وقت کان منهن موڙي نہ ٿو سگهجي.

هڪ طرف غريبيءَ جي احساس ۽ غريبيءَ سبب ڪو پيار بہ ڪري نٿو سگهجي تہ ٻئي طرف ٻڪہ ۽ پريشانين جي ڪليءَ طرح دانهن بہ نٿو ڪري سگهي. شاعر شاد اهڙين حالتن، اهڙي گهٽ ٻوسات، تمام سهڻي ۽ اثردار لفظن ۾ هيئن ٿو پيش ڪري:

”سرڪار پنهنجي ساڻ بغاوت ٿي دوه- پر
جي ڏينهن رات ٻڪہ ۾ ٿجي پاه، ڇا ڪجي؟

محنت جو ڦل جي هن نہ تہ ٻئي جنم ۾ ملي
جنهن ۾ پر جمي نہ جي ويساه، ڇا ڪجي؟

سچ پچ شاعر شاد سال 1947 کان 1957 وچ ۾ ايترو اڳتي وڌي آيو جو سندس هم-راه، ساڳئي دؤر جا ٻيا ڪيترا شاعر، جي فقط نعري بازي ڪي وٺي، لفظن جا جوڙا ملائڻ ۾ پورا هئا. اتي هي سچائڻ ڪويءَ انهن ئي اُڌمن ۽ احساسن کي کهڙي نہ خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي:

ڪيئن ڪريان پريتم کي ياد
دل پنهنجيءَ تي ڪونہ رهيو حق
محنت ئي محنت سان تعلق
پورهيو ٻن پيسن لاءِ منهنجو
پيار ڪري برباد
ڪيئن ڪريان پريتم کي ياد!

شاعر شاد جي دؤر جي شاعرن شعر جي هڪ صنف رباعيءَ کي پروليءَ جو روپ ڏنو تہ کي ايشور جا راز ۽ ڳجهہ سلڻ لڳا. پر اهو باغي، انقلابي شاعر شاد ئي هو، جنهن رباعيءَ جي موضوع

مٿين شاعرن مان شيخ اياز ۽ ارجن شاد ٻن شاعرن، شروع ۾ ئي ان نئين دور ۾ هڪ نئين ڌارا پيدا ڪئي. اِها نئين ڌارا حقيقت نگاريءَ واري سال هو ۱۹۴۷ع.

اِهو برابر آهي تہ ڪوتا آهي من جو ڀاوُ، دل جا اُڌما، پر من يا دِل فقط قدرتي نظارا ڪونہ ٿي ڏسي، هاريءَ جي حالتِ کان واقف ڪونہ ٿي رهي، يا وڏوا سان گڏ ڳوڙها ڪونہ ٿي ڳاري. پر پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ جيڪي ڀُڳتو ٿو پوي يا جن حالتن مان گذرڻو ٿو پوي. انهن جو چٽر هنن شاعرن اَياز ۽ شاد جي ڪوتا مان نظر ايندو.

ڊاڪٽر ارجن شاد کي بہ تہ هن زندگيءَ ۾ رهڻو آهي ۽ رهي ٿو. روزانين پريشانين مان لنگهڻو ٿو پوي. تڏهين تہ چوي ٿو :

”مونکي ڪپي حيات ۾ مستي شراب جي،
جهنڪار عقل وَ هوش کسيندڙ رباب جي،
بيخود رهان، رهي نہ مونکيْ پنهنجي جئن خبر،

دنيا ڪپي جتي نہ هجي ڀِهج خواب جي،
ڪا موج اهڙي بزم ڏي دل کي جذهن ڏکي،
دامن ٿو تنهن سمي اچي موديءَ جو بل چڪي!

هي سال ۱۹۵۷ هو. شاعر جي شاعراڻي دل بيخود ٿي رهڻ چاهي. پر هو اَڄ جي پريشاني کان بہ ڪو بيخبر ڪونہ آهي. موديءَ جو بل سندس ان خواب کي ٽوڙي ٿو ڇڏي. ڪوي بيوس نئون دؤر آندو پر اَياز، شاد ان ۾ نئين ڌارا آندي. اِها نئين ڌارا، جنهن کي حقيقت نگاريءَ جي ڌارا چئجي تہ صحيح

جند جان سنڌيءَ تان گهوري
جنهن ۾ ماءُ ڏني مون کي لولي.

هي سٽون اڳتي هلي، سنڌين جو جٽڪ نعرو ٿي پيو. هونءَ به شاعر قوم جو رهبر، رهنما به ٿي سگهي ٿو. جيئن بنڪم چندر چٽرجي ديش کي ”وندي ماترم“ ڏنو ته ڪوي ٽئگور ”جن گن من“ اِقبال ”ساري جهان سي اَچا هندوستان همارا“ ۽ شاد ڏنو:

اِها زنده رکندس ٻولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي.

ورهاڱي بعد جڏهن ڪن سڄاڻن اها صلاح ڏني ته هندستان کي پنهنجي سنڌ سمجهو تڏهن شاعر شاد دانهن ڪري چيو:

”آهه ساڳي زمين ۽ اَهو آسمان
هِت به آهن، هُتي ئي نه ها گلستان،
چوطرف هت به ٿو سنڌ وارا ڏسان
پر لڳي سنڌ جيان چو نه هندستان“

سنڌ جي ياد ۾ شاعر شاد سنڌي شعر ۾ هڪ نئين ڌارا جي شروعات ڪئي.

”سرحد جي پار منهنجي نظر کي اُڏڻ ڏيو
اَصلي وطن جي پي ته زمين کي ڏسڻ ڏيو.
هر فرد جي نراڙ تي هر قوم جو نشان.
’سنڌين‘ ۾ مونکي سنڌ جي صورت پسڻ ڏيو.

مون مٿي ڏيکاريو آهي ته ڪئين شاعر شاد سال 1941 کان وٺي وقت جي رفتار سان گڏ هلندي، حالتن ۽ من جي ڀاون جو چٽر

بدلائي ڇڏي ڇي :

سيني ۾ عوام جي ٿا ڪورا پڇرن
ڇر ساڳ سندن ڪينڪي بمگولا پڇن
منٿن جي اندر ظلم سڙي خاڪ ٿئي
جي صبر جو ڍڪ لاهي جيي 'شاد' ڪڍن.

تڏهن تہ شري گوبند مالهي سال 1957ع ۾ ارجن 'شاد' بابت چوي ٿو تہ :

''ارجن شاد سنڌي ترقي پسند شاعريءَ جي موجوده دؤر جو نمايندہ. پرتننڌي شاعر آهي. هن جي ورهاڱي کان اڳہ ۽ پوءِ جي شعر مان نہ فقط سنڌيءَ جي ترقي پسند شاعريءَ بلڪ سنڌيءَ ۾ ترقي پسند اَدبي تحريڪ جي شروعات ۽ اوسر، عقيدن ۽ مقصدن جي پروڙ پوي ٿي.......''.

جڏهن ورهاڱي کان اڳہ جي شاد جي شعر جو ذڪر نڪتو آهي تہ ان جو ڪجھہ نمونو هيٺ پيش ڪجي ٿو :

پورهئي لاءِ نہ اجورو پورو جڳہ جو هي ورتاءُ رهيو
اڌ مزوري ہيو بيگر ۾، ڪونہ ڪٿي ڪو نياءُ رهيو.

هڪڙا بي غم ٿي پيا کائن.
ٻيا روئيءَ لاءِ پيا ٻاڏائن. هي ڪهڙو وهنوار!

شاد، نہ فقط زندگيءَ جي ڪڙاين، تلخين کي ڏنو ۽ قلم بند ڪيو. بلڪ سنڌ مان اچڻ بعد، ڪن جي ان وشواس کي جيڪو شڪ هو تہ ڪو سنڌي ٻولي زنده رهندي، تڏهن شاد ٿي پهريون شاعر هو. جنهن للڪار ڪري چيو :

جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي
اُها ; ندھ ، ڪندس ، ٻولہ .

جي اؤسر ۾ واقعي هڪ اڳتي قدم آهي.....'

هر انساني درڏشا کي محسوس ڪندي ان دردشا اڳيان پاڻ کي ويچارو نٿو سمجهي بلڪ ان جي باوجود هو پيڙا کي سهي وڃڻ جي بلڪ جذب ڪرڻ جي توفيق پڻ رکي ٿو.

ان قسم جي ويچار سندس ڪتاب ''تپسيا جون روشنيون'' مان ٽپي ٽپي بخوبي ظاهر آهي :

''آڳ جا پڙڪي اُٿيا شعلا
مگر
دل نہ ڳري
لوھ مثل
لال بڻجي پئي.

پرماتما ايشور کي سمجهو ويو آهي، ڏنو ويو آهي.
تڏهن تہ چوي ٿو تہ :

خبر ناهي
تہ مونکي
توسان نباهڻو آهي
يا دنيا سانءِ.
توسان ٿو نباهيان
تہ دنيا کان ٿو وڃان
دنيا سان ٿو نباهيان
تہ توکان ٿو وڃان
هر حالت ۾ نقصان مون کي ئي اُهي.
تہ پوءِ چو نہ
فائدي جي ڳالهہ سوچي

ٿو ڇڏي.

اَدب جا نظريا بہ وقت جي رفتار سان گڏ بدلجندا ٿا رهن. شاعر شاد بہ اَدب جي نون نظرين کي سوجهيءَ سان جاتو ۽ زندگيءَ کي انهيءَ جاچنا جي آڌار تي جاتو سڃاتو. تڏهين تہ چيائين :

”اصل ۾ زندگي
هڪ دکن جي پيري آهي.
جنهن کي اسين
هندوري ۾ وجهي هلون ٿا
۽ اهو گمان ٿا ڪريون تہ
زندگيءَ ۾
هندوري جو آنند آهي.“

سندس ڪوتا جو پهريون مجموعو هو ”آءٌ گهٽين جو ڳائيندڙ“ سندس ٻيو نئون آهي ”تپسيا جون روشنيون“ هيٺ مان سندس نئين سنگره بابت وڌيڪ تفصيلوار نموني ذڪر ڪندس.

سندس تمام ”نئين ڪوتا“ نالي هڪ نئين صنف آٿي، جنهن جو ذڪر خود شاد صاحب هيٺين لفظن ۾ ڪيو آهي :

”.... نئين ڪوتا“ ٻين ٻولين جيان، سنڌي
شعر و شاعريءَ ۾ تازي ۾ تازي صنف آهي.
ان بابت.چڱي واد وودا پئي هلي آهي. ڪن کي
اهڙي ڪوتا مان ڪو خاص لطف نہ ٿو اچي. ۽ ڪن کي
تہ مورڳو ان قسم جي شاعريءَ لاءِ محض ناهہ آهي.
منهنجي نظر ۾ اهو رخ صحيح نہ آهي. نئين ڪوتا
ڪن لحاظن کان لاشڪ اهميت رکي ٿي ۽ شاعريءَ

تي ڪيس ساهتيہ اڪاڊمي جو انعام بہ مليل آهي. ان جي مکيہ ڪوتا انڌو دونهون هڪ امر ڪوتا آهي. جا وڇوڙو جو درد جتائي ٿي.

ڪوي بيوس پنهنجي وقت وطن جي وڇوڙي جو درد هن نموني ٻڌايو آهي.

”وڇڙي وطن کان آخر
هي حال ٿي رهيو آهي.
دل غم کي پي رهي آ
غم دل کي پي رهيو آهي.

ڪوي شاد وطن جي وڇوڙي، ديش جي ورهاڱي جو درد هيئن ٿو ٻڌائي ؟

زمين کي ياڱا ڪرڻ آسان آهي
دل کي ياڱا ڪرڻ ساں
بجليءَ جو قهر پيدا ٿي سگهي ٿو.
زلزلو برپا ٿي سگهي ٿو.
هيءَ جا جلا وطني آهي.
تنهن ۾ وطن تہ پري رهيو.
تاريخ ۽ تهذيب جي هزارن سالن جي
تصور کي ئي مونکان کسيو ويو آهي.
مان هڪ سياسي نڌڻڪو بڻجي
ڪڏهين ڪنهن راه تي
تہ ڪڏهين ڪنهن راه تي
ڀٽڪندو رهان ٿو.
خبر نہ آهي.
انجام ڪهڙو ٿيندو؟

مان فقط
پنهنجو پاڻ سان نباهيان!''
اسان کي ڪن صلاح ڏني ته سنڌ کي وساري ڇڏيو. نين حالتن ۾ پاڻ ٺهڪايو. تڏهن شاعر للڪار ڪندي چيو :
غدار ڪير آهي؟
جيڪو پنهنجي وطن کي ياد نه ٿو ڪري.
يا اهو
جيڪو وطن کي
پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ پيارو ٿو سمجهي
ها اها خبر اٿم
ته ''سنڌ'' ڀارت جو حصو نه آهي.
پرمان ته سنڌي آهيان
پوءِ منهنجو ديس ڪهڙو آهي؟
گوبند مالهي به چيو آهي :
''.......... سني شاعري اُها آهي جنهن ۾ هرڪو ئي پنهنجا احساس ۽ ويچار ڏسي، پر نوع شاعر جو هجي. ''شاد'' جي شاعريءَ جو نوع آهي، هن جي نازڪ خيالي ۽ احساس جي شدت.''

آخر ۾ مان ائين چوندس ته ڊاڪٽر ارجن شاد هڪ پل آهي. ورهاڱي کان اڳ واري نئين شاعري ۽ موجود نئين ڪوتا جي وچ ۾. اسان سندس شاعريءَ مان سنڌيت جي سڳنڌ به حاصل ڪري سگهون ٿا ته موجوده زندگيءَ جون تلخ حقيقتون به محسوس ڪري ٿا سگهون.

ڊاڪٽر ارجن شاد جو تازو ڪتاب ''انڌو دونهون'' جنهن

عوامي شاعر ضيا صاحب

منهنجي خيال مطابق شري پرسرام 'ضيا' جي تصنيفن تي گهڻو تڻو پارسي دؤر جو اثر وڌيڪ آهي. انلاءِ خود ضيا صاحب چوندو هو تہ سندس استاد قاظم صاحب پارسيءَ عربي جو عالم هو، انڪري ئي ضيا ڪيِ بہ انجو رنگ لڳو.

چوندا آهن تہ ڪي جائي جمندي ڪان ئي وڏي شاعر هوندا آهن تہ ڪي وري اڳتي هلي زندگيءَ ۾ آيل ڪن حالتن ۽ واقعن ڪري شاعر ٿيندا آهن. ضيا صاحب جائي جمندي ڪان وڏي شاعر هو. هڪ دفعي ڳالهين ڪندي ٻڌايو هئائين تہ جڏهن هي جائو ٿي تڏهن ڏاڏهنس ڪنهن ٻار کي ويٺي لولي ڏني. ضيا جمندي ئي اها مٺڙ سريلي لولي ٻڌي. شايد انڪري ئي هنجي (ضيا جي) صحبت ڳائڻ وارن سان وڌيڪ رهي ۽ سنگيت جو شوقين هو. ننڍپڻ ۾ ضيا ٻين جا گيت ڳائيندي پاڻ بہ گيت جوڙيندو هو. اچا ڏهن سالن جو ئي مس هو، تڏهن انهن گيتن ۾ 'پرسا' نالي تخلص ڏيندو هو.

ضيا جو پهريون شعر سنہ 1925 ۾ حيدرآباد جي آفتاب هفتيوار اخبار ۾ شايع ٿيو، جا اخبار شري نانڪرام ڏرمداس،

وطن کان، پنهنجي ماتر ڀومي کان دور رهندي شاد
چوي ٿو:

”زمين تي رهندي به
زمين کي پنهنجي دل اندر جاءِ ڏيئي نه
سگهيو آهيان
ديوارن اندر محفوظ هوندي به
هميشه پاڻ کي
کليل سڙڪن تي سمهيل محسوس ڪيو اٿم.

منهنجي خيال موجب ته شاد صاحب جو جنهن نموني وڇوڙي درد پنهنجي هن وڏي ڪوتا ۾ پيش ڪيو آهي ان نموني شايدئي ڪنهن سنڌي شاعر ڪيو هجي. هن ڪوتا پڙهندي پنجابي ڪوياتري امرتا پريتم جي لنبي ڪوتا ”وارث شاه ڏانهن“ ياد ٿي پوي جو درد ورهاڱي هن ڪوتا ۾ آهي اهڙو ئي ان نموني يا سنڌي ۾ هن ڪوتا اندر آهي.

اميد ئي نه بلڪ پڪ آهي ته شاد جو ايندڙ ڪوتا سنگره اجا به گهڻو ڪجهه ڏيندو.

●●●

مگر سا ڪناري پياري لڳي آ،
ڪڏهن پنهنجو منهنڙو ڏيکارڻ ايندس،
مونکي رات ڏينهن انتظاري لڳي آ،
ڪٿان صبر ”رنجور“ کي يار ايندو،
جنهنجي دل ۾ لنو عشق واري لڳي آ.“

هڪ دفعي ضيا صاحب ٻڌايو هو ته 1927ع ڌاري سندس هڪ شخص سان پيار ٿي ويو. پر ان وٽان پيار جي موٽ نه مليس، تنهن تي کيس ڏاڍو صدمو پهتو ۽ ان صدمي جي ذڪ ڪري ڪافي ڪجهه لکيائين. تڏهن جو هڪ غزل اٿس، جنهن ۾ هن محبوب جي بيوفائي جو ذڪر ڪري زماني کي ڏوهه ڏنو آهي.

غزل سڄو ته خود ضيا صاحب کي به ياد ڪونه هو، ٻه سٽون جي ياد هيس سي آهن ته:

”آهي زمانو اصل اهڙو، مان دنيا کي ڇا چوان،
يار جو ٿيو بيوفا، تنهن بيوفا کي ڇا چوان.“

وري ان کان پوءِ اٽڪل سنه 1930-1931ع ۾ هڪ نئينءَ پريت جو پيچ وڌائين پر افسوس جو زماني جي مجبورين ۽ سماجڪ حالتن هن عاشقن کي هڪ ٻئي جي ويجهو نه آندو.

جڏهن ضيا کي معلوم ٿيو ته هي سڀ مسڪينيءَ جي ڪارڻ ۽ گهٽ ڏنڌي (ڪمپازيٽري) ڪرڻ ڪري سماج ۾ حالتن، پئسي ۽ عزت هن کان محبوب ڇنو آهي تڏهن هن آنسون وهائيندي جو ڪجهه لکيو آهي سو گويا سندس دل جي دانهن آهي.

’دل وئي، دلبر ۽ دلداري وئي،

ميرچندائي جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرندي هئي. ان اتساهه ملڻ ڪري ضيا ويو شعر لکندو جيسين ڪ هن دنيا ۾ هو. سندس شاعريءَ واري عرصي کي (سنه 1925ع کان 1958ع تائين) هيٺين ٽن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

پهريون دؤر (1925ع کان 1935ع تائين)

پريم يا محبت جو انگ هر انسان ۾ آهي، پوءِ اُها تار ڪنهن انسان ۾ وڌيڪ جنبش ۾ اچي ته ڪنهن ۾ گهٽ. اسانجو شاعر صاحب عاشقاڻ طبيعت جو هو. حسن جو مشتاق، سندرتا جو پوجاري، شاعر هونءَ به گهڻو ڪري عاشقاڻ طبيعت جا ٿيندا آهن. ضيا صاحب محبت بابت هڪ هنڌ هيئن ذڪر ڪيو آهي:

'محبت بيقراري، انتظاري ۽ جدائي آ،
زماني ۾ گدائي، عشق جو شان گدائي آ،
محبت درد آهي، درد جي لذت محبت آ،
محبت رنج آهي، رنج جي راحت محبت آ.'

ضيا جي شاعريءَ جو هي پهريو دؤر، سندس زندگي ۽ شعر وشاعري جو عشق وارو دؤر سڏجي ته به ٺيڪ آهي. ''رنجور'' جي معنيٰ ئي آهي دکي، مرض. ضيا صاحب چوندو هو ته، مان تڏهن محبت جي مريض ۾ مبتلا هوس. حيدرآباد جو حسن پلا ڪنهن کان ٿو وسري، وري جو يار مليس عطامحمد 'عطا' پارو، تنهنجي صحبت ۾ عشق جي راهه تي قدم رکيائين، ڪيئي دفعا نظرن جي تيرن جو شڪار ٿي زخمي ٿيو. تڏهن ان تير انداز کي يا ائين ڪٺي چئجي ته ان ظالم محبوب کي دانهن ڪري چوندو هو.

'نگاهن جي تنهنجي ڪٽاري لڳي آ،

ضيا جي ٻڌائڻ مطابق سندس پيار جي راه ۾ هڪ شخص نه پر پنج ڇهه جڻا آيا. نئين سر نئين، محبت، نئين انتظاري ۽ نئين سر بي وفائي ۽ دوکو؛

پر تڏهن به ائين ئي چوندو هو ته؛

’بي درد بي وفا سان،

هردم وفا ڪنداسين،

جيئن جيئن ستائباسين،

تيئن تيئن دعا ڪنداسين.“

ضيا جو هي عشقيه دؤر اٽڪل ڏهه سال کن هليو، جيسينڪ سندس واقفيت قاظم صاحب سان ٿي.

ضيا کي جي اثردار شاعر ٻڌايو ته انهن ڏکن، ٻکن ۽ بي وفاين. ضيا به چوندو هو ته مان انهن حالتن جو نهايت ٿورائتو آهيان،

جو:-

”ٿئي ڪو سور ٿو سامهون،

نئين ٿو زندگي بخشي،

غمن جي آسري جڳ ۾،

اسين آهيون جيئڻ وارا....“

ان دؤر جي شعرن جو ڪتاب ”گلزار رنجور“ نالي سان سنه 35-1936ع ڌاري ڇپيو. هن عرصي ۾ ضيا صاحب کن ٻين وشين تي به لکيو، پر ايترو نه. اهي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ شعر آهن. هن دؤر ۾ ضيا صاحب ’رنجور‘ نالي سڏبو رهيو.

ٻيو دؤر (سنه 1936ع کان سنه 1948ع تائين)

مئہ وئي، ساقي صراحي ويو کڻي،
مست جي ان ڏينهن کان مئخواري وئي،
مونکي ناداريءَ ۾ دلبر ويو ڇڏي،
لحظي هڪڙي ۾ وفاداري وئي،
يار هوندو هو تہ هيءَ دل باغ باغ،
اوچتو دل جي سا گلزاري وئي.
تنگدستي ڪيسين سهندس اي فلڪ،
مفلسيءَ جي چونہ بيماري وئي.

ضيا صاحب جڏهن ان مٿين واقعي جو ذڪر ٿي ڪيو تڏهن بہ سندس اکين ۾ ڪي لڪل لڙڪ ٿي نظر آيا. ضيا ٻڌايو تہ ان بعد ڪيترا ڏينهن تہ پيو زار زار روئندو هو، ماڻهن جي نظرن ۾ ڪري پيو، هنکي هڪ آواره ۽ بزاري عاشق سمجهي هرڪو ڪيس گهٽ نظر سان ڏسڻ لڳو. ضيا کي سواءِ پنهنجي دک ۽ غم جي پيو ڪجهہ بہ معلوم نٿي ٿيو. تڏهن هن ان درد ۾ تڙڦي ڪيترا ئي عشقيہ غزل لکيا، جن ۾ هڪ اٿس تہ محبوب کانسواءِ ڪوبہ مزو ڪونهي.

پيو اٿس 'افسانہ غم' جو آهي تہ :-

'زماني لاءِ ٿيو بيڪار آهيان،
نہ ڪنهن سان قابل گفتار آهيان،
بظاهر دهر ۾ نادار آهيان،
محبت ۾ مگر زر دار آهيان،
پيالو ڇا پيان ساقي اڳيئي،
لهوءَ جي جام کان سرشار آهيان....'

يا جتي ٻه هوندو هو ته اتي هنتي دک ۽ غم غالب رهندو هو. هن دؤر ۾ ضيا جو جيڪو شعر چيل آهي سو گهڻو ڪري دک سان پريل آهي، جيئن ته پاڻ ئي هڪ هنڌ لکيو اٿس ته ان وقت سندس ڪهڙي حالت هئي، چوي ٿو ته :-

”مان هيس فاقه هو ۽ رنج هو رنجوُر هوس،
غم جي سستي ۾ رهيس ٿي راحتن دور هوس،
مونکي زردارن حقارت سان ڏٺو ان واسطي،
ڇو ته مفلس هوس، بيزر هوس ۽ مزدور هوس،
فڪر روزي، چار ڳوڙها، حسرتون ۽ لب تي آه،
بس اهو سامان هو، جن سان مان پرپور هوس.“

ان عرصي ۾ جدا جدا مشاعرن ۾ وڃڻ ڪري سندس واقفيت سنڌ جي عاليٰ درجي جي شاعرن ليکراج ’عزيز‘، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘ ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ محمد ابراهيم ’خليل‘ سان ٿي. ان بعد هن کي هز ماسٽرس وائس ۽ ڪولمبيا رڪارڊ ڪمپنيءَ مان گانن لکڻ جيَ آڇ ٿي، جا هن قبول ڪئي، جتي هن جي ماسٽر چندر سان واقفيت ٿي. هن کي هڪ سنو ڳايڪ، همدرد دوست ۽ غم ۾ آٿت ڏيندڙ ساٿي مليو. ضيا پوءِ ته پريس جي نوڪري ڇڏي رڪارڊن مان ملندڙ ماهوار اجوري تي گذر ڪرڻ لڳو، ويندي سنه 1948ع جي شروعات تائين. هن عرصي ۾ هن رڪارڊنگ لاءِ اٽڪل هزار کن گيت لکيا جي چندر، ساوتري گدواڻي، جاڙي پيٽ، مونڻ پيٽ ۽ پين ڳاتا آهن. پر تڏهن ٻه ڪو ائين ڪونه چئي سگهبو ته ضيا دکن جي دامن کان آجو ٿيو هو. ها، حالت ڪجهه سڌري ضرور هيس، سماج ۾ ڪجهه

روزگار سانگي ضيا حيدرآباد ڇڏي ڪراچي روانو ٿيو، جتي سوامي گوونداننند جي پريس ۾ ڪمپازيٽري ڪرڻ لڳو. ١٩٣٦ع جي شروع ڌاري خوش نصيبا، سندس واقفيت سنڌ جي هڪ عالم فاضل شاعر شيخ مراد علي قاظم سان ٿي، جنهنجي سنگ ۾ هن ڪافي ترقي ڪئي. هن کي بحر وزن جي علم جي ٻوجهه پيئي. نہ فقط ايترو بلڪ پارسي ۽ اڙدو شعر جو اڀياس ڪرڻ لڳو. ضيا تنهن زماني ۾ ئي داغ، غالب، مير ۽ اقبال جو ڳُوڙهو اڀياس ڪيو.

ضيا جي شعر جو ڪتاب ''گلزار رنجور'' قاظم صاحب جي ڏيٺ ويٺ کان اٺڪل مهينو ٻہ کن اڳ ۾ ظاهر ٿيو هو. قاظم صاحب چيس تہ، تون هاڻ هڪ نئون، پڪو پختو شاعر ٿي ميدان ۾ اچ. رنج ۾ پيڙيل رنجور، محبت جو مريض نہ بلڪ هڪ روشني ٿي، سنڌي اَدب کي روشن ڪر. اَڄ کان تون نہ 'پرسا' آهين نہ 'رنجور' پر تون آهين 'ضيا'. اهڙيءَ طرح 'ضيا' شاعر وجود ۾ آيو.

ان بعد بہ ضيا ساندهہ چار سال مشاعري جو فن سکندو رهيو ۽ ان سان گڏوگڏ نوڪري بہ ڪندو رهيو. رات جو ٻارهين بجي تائين نوڪري ڏيڻ بعد بہ شعر لکي قاظم صاحب وٽ ويندو رهيو. ڪيترا دفعا تہ آفيس (پريس) کان گسائي ڪري بہ باغ ۾ وڃي شعر لکندو هو. اِهو سنہ 1939ع تائين هليو.

ضيا جي شاعريءَ جو هي ٻيو دؤر آهي. پريم جو پانڌيئڙو تہ اڳ ۾ ئي هوندو هو. پلا محبت جي ميخ بہ ڪا نڪرڻ جي هئي. پر ان سان گڏ هڪ مسلمان جي صحبت، مشاعرن ۾ وڃي شعر پڙهڻ، گهر وغيره جو خيال نہ رکي بيگانو ٿي پَنڪڻ ڪري، هندو وچولي طبقي ۾ ضيا لاءِ ڪا عزت ڪانہ رهي. ڳوٺ ويندو هو

نہ آهي ڇڱو وير ويڇو عداوت،

رکو هڪ ٻئي واسطي دل ۾ عزت،

وڏي ملڪ جو شان ڇو ٿا وڃايو،

اُتي هڪ ٻئي کي ڳلي سان لڳايو

(٢)

سڀ هند واسين جو هندو ستان آ،

اسان بلبليون آهيون هيءُ بوستان آ،

اُهو ئي چمن آهہ جو بي خزان آ،

سڀني هندواسين جو هن ۾ مڪان آ،

اُتي باغ کي رشڪ جنت بڻايو،

اُتي هڪ ٻئي کي ڳلي سان لڳايو.“

شاعر کي ٽين اک بہ هوندي آهي، جنهن سان هو ڪي غيب جون حالتون ڏسي، آئينده جا ڪي اهڃاڻ ڏسي انهن لاءِ لڪل اشارو ڪندو آهي. سنڌ ۾ معموئي جا بيت بہ اهڙي ئي نموني جا آهن. ضيا صاحب بہ اهڙو هڪ لڪل اِشارو ڪيو هو، جڏهن اجان اسان سنڌ ۾ مقيم هئاسون، ڪنهن کي اهو خواب خيال بہ ڪونہ هو تہ اسان کو پنهنجو چنو ڇڏي پرديسي ٿيندا سين.

پر ضيا اهڙو ذڪر، ديس لاءِ پيار ۽ حب جو امنگ، پنهنجي ملڪ جي سار. يادگيريءَ جو احوال ”پرديس ۾ وطن جي ياد...“ شعر ۾ بخوبي طور ڪيو اٿس. هڪ پرديسي پنهنجي ديس مان آيل هڪ شخص کان ٿو پڇي :

’ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ !

هاڻ بي باغ وطن جي اُها رنگت هوندي،

عزت ضرور تي هيس، ماڻهن ۾ ڪجهه پيارو به ٿيو هو.

ان لاءِ پاڻ به چوندو هو ته اهو سڀ چندر جي ڪوشش سان ٿيو، جو چندر سندس هرطرح خيال رکندو هو، ڪپڙا ڪهڙا ٿو پائي، ٻين سان پيش ڪيئن ٿو اچي وغيره.

ضيا ڪي اندر ۾ جو درد سمايل هو سو ڪجهه ڏڏو ضرور ٿيو هو پر صفا لهي ڪونه ويو هو. ان درد جي اوچتي دؤر اچڻ تي دانهن ڪري ٿي چيائين :-

''نه پنهنجي بخت جو مون سان اڄان ٿو ساز رهي،
نه آسمان ستائڻ کان پيي ٿو باز رهي.
هميشه اشڪ روان آهه منهنجي اکين مان،
هميشه گرميءَ غم کان ٿي دل گداز رهي.''

وڏڪ اڳتي هلڻ پاڻ ٿي ٿو چوي ته مونکي پنهنجو حال ڏسي ارمان ٿو ٿئي.

''مون ٻڌايو قصئه غم پنهنجو ويهي پاڻ کي،
منهنجو ٿي قصو ٻڌي خود مونکي ارمان ٿي پيو،
ڏڌ هو دل ۾ ڪيم تنهنجي نه هرگز کا دوا،
رفته رفته درد پنهنجي لاءِ درمان ٿي پيو.''

ضيا صاحب دک ۾ دانهن ڪرڻ سان گڏ ڪين ٻين وشين کي به سڃو آهي، جو جوان وقت جي تقاضا کان پاڻ کي آجو ڪري نه سگهو آهي. ان وقت ديش جي آزاديءَ لاءِ هندو مسلم اتحاد به هڪ ضروري ڳالهه ٿي سمجهي ويئي ۽ تڏهن ضيا لکيو :

''ڪريو پاڻ ۾ هندو مسلم محبت،
ڇڏي ڏيو ٻنهائي ۽ ڪينو ڪدورت،

پرٿام ڪري سنه 1948ع جي شروع ڌاري اچي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ديرو ڪيو.

ان ڪان وٺي مرڻ تائين يعني ديري ڪان يا ٺاهڻ ڪان وٺي ديري ڇڏڻ واري عرصي ڪي ضيا جي شاعريءَ جو ٽيون دؤر ليکجي ٿو.

هت ضيا، يا اجا به ائين ڪٿي چوان ته شاعر، نه رنجور رهيو نه وچين دؤر وارو ضيا، پر هت وري نئين رنگ ۽ ڍنگ، نئين طرز ۽ نئين ٻولي ۾ نکري نروار ٿيو. پيٽ گذران لاءِ وري نئين سر ڪمپازيٽري شروع ڪيائين ۽ سنسار سماچار جي پريس واري ٻاگي ۾ مزدور ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ليڪن هن مزدور ۽ اڳين مزدورن ۾ ڪافي فرق هو، رات ڏينهن جو سنڌو. مالڪن جي زرداريءَ اڳيان شاعر جي خود داري بغاوت ڪرڻ لڳي. نيٺ ان باغي دل شاعر کي غلاميءَ ڪان آجو ڪرايو.

اتي ”هندو سنسار“ رواني اخبار شروع ٿي. شاعر ان ۾ ’سوٽائي‘ جي نالي سان ظاهر ٿيو ۽ سندس قلم عوامي ٻوليءَ ۾ وهڻ لڳو. شاعر پنهجي واقفيت پاڻ ڏيندي چيو:

”منهنجو نالو سوُٽائي،
سگريٽ کي ساڙيان وينو،
۱- ڌن وارو جڏن ڪڏي تو ڌن تي،
مان به ڪڏان تو سگريٽ تي،
سڄ ۾ آهي سرهائي،
منهنجو نالو سوُٽائي
۲- سوُنو هٽان تو، هوش اچي تو،

پت پت ۾ به رعنائي ۽ زينت هوندي،
گل تي بلبل کي مرڻ جي اجا عادت هوندي،
عشق بلبل تي ڀونئر کي به رقابت هوندي،
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا خبرچار ٻڌاء !
ڪئن هاري ٿا هلن ڪئن ٿا زميندار هلن،
ڪئن ٿا مزدور هلن ڪئن ٿا زردار هلن،
ڪئن ٿي بازار هلي ڪئن ٿا واپار هلن،
ڪئن پنهنجا ٿا هلن ڪئن ٿا اغيار هلن،
ملڪ منهنجي مان اچڻ وارا خبر چار ٻڌاء !

ضيا جي هن دؤر وارن شعر ۾ پارسيءَ جو اثر جان تان وڌيڪ آهي، اهو ”تصوير احساس“ جي پڙهڻ سان بخوبي معلوم ٿي ويندو. هن دؤر جو ڪتاب ’تصوير احساس‘ سنه 1943ع ۾ ڇپيو، جنهن تي، سنڌ سرڪار طرفان انعام به ڏنو ويو هو. ڪتاب جي ظاهر ٿيڻ سان سڀني ڪان واه واه نڪري ويئي هئي، ان مان ڪيترا شعر درسي ڪتابن ۾ به آيا. اديبن قبول ڪيو ته ضيا برابر ادبي دنيا ۾ ضيا ٿيو. هن دؤر جو ٻيو ڪتاب آهي ’ادبي گل‘ جنهن کي ١٩٤٥ع ۾ سنڌ سرڪار طرفان انعام مليو، پر افسوس اهو ڪتاب اجا پڌرو ٿي نه سگهيو آهي.

ٽيون دؤر (1948ع کان 1958ع تائين)

سنه 1947ع ۾ سياست جي شڪار ٿيڻ ڪري سنڌين کي پنهنجو ملڪ سنڌ ڇڏڻي پيئي، پوءِ کي اڳ نڪري پيا ته ڪن وري ڪجهه وقت پوءِ پنهنجي ديش کي الوداع ڪئي پر گهڻو ڪري پنهجي وطن سان موڪلاڻي سڀني کي ڪرڻ پيئي ۽ ٻين سنڌين سان گڏ ضيا صاحب به پنهنجي جنم ڀومي کي آخرين

پٽي تي پوھوءَ ماءُ،

شاعر نقلي ليڊرن جا چوڏا لاھيندي لکيو آھي :

موکي بس آھي ليڊريءَ جي ضرورت،

اوھانکي آھي پيارو منھجي پارٽ،

ڪريان روز تقرير جي تو ريھرسل

سجائي ٿئي شل اُھا منھنجي محبت.

شاعر جا اھي شعر جنتا ۾ ڏاڍا پسند پيا. اجا اخبار ايندي ئي مس ھئي تہ ماڻھو ڀھريائين ”سگريٽ باز جا سوُنا“ پڙھندا ھئا.

”ھندوسنسار“ بند ٿيڻ بعد ”سنسار سماچار“ وارن ماڻھن جي ان ڪالم ۾ دلچسپي ڏسي شاعر کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ سندن اخبار ۾ لکڻ لاءِ چيو - شاعر ضيا سنہ 1950ع ۾ ساڳي ئي ”سوُنائي نالي سان“ سنسار سماچار ۾ لکندو رھيو، ان بعد روزاني ”ھندستان“ ۾ ”سپاھي“ قلمي نالي سان. ”سپاھي جا سخن“ عنوان ھيٺ ساڳيءَ طرز تي مذاقيہ شعر لکندو رھيو. اخبار طرفان ملندڙ ماھوار اجوري مان ئي پيو گذر ڪندو ھو.

انھن مذاقي شعرن سان گڏوگڏ، جي اٽڪل پنج ڇھہ سوُ کن ٿيندا، شاعر، ضيا نالي سان ٻيا بہ وقت جي تقاضا مطابق شعر لکيا جن ۾ عوام جو نقش ڪينچيل ھو. ان ڪري عوام ”ضيا“ کي پنھنجو ھمدرد شاعر سمجھو. اڳ جو اھو اثر وينل ھو تہ ”شاعر دنيا کان دوُر ھوندو آھي“ سو خيال لھي ويو ۽ ضيا عوامي شاعر ٿي رھيو، سڏبو رھيو.

ضيا صاحب ڏرمي ڪتابن کي بہ سليس سنڌي ڪويتا ۾ اُلٿو

منهنجي ڪلڪ ڪي جوش اچي ٿو.

قلم ٿو بڻجي ڪاسائي،

منهنجو نالو سوُنائي

۲- حق لڪان ٿو، حق ٿو ٻوليان،

وڏن ماڻهن جون وهيون ٿو ڪوليان

هلن ٿا جيڪي ڏاڍائي

منهنجو نالو سوُنائي."

شاعر 'سونائي' جي قلمي نالي سان ڪئمپ ۾ هلندڙ حالتن جو ذڪر ۽ طنزي نوع ۾، سرڪار جي بي انصافين جو ذڪر ڪيو ۽ دکي دل سان، مکين، ليڊرن جو ٻاندو ڦوڙيو ۽ بغاوتي للڪار سان چيو:

ٻڌي ٿي ٻوهوءَ ماءُ،

ڪنڌ ٻڌي شل ڪانگريسين جو،

ڪيو اٿن ڪنياءُ.

مکي نڪو ڪم ڪري ٿا ڄاڻن،

پنهنجا رڳو ٻيٽ ڀري ٿا ڄاڻن،

پاڻ جهڙن جي ڪن پيا خوشامند،

رڳو رکن ٿا رياءُ،

ٻڌي ٿي ٻوهوءَ ماءُ،

ملي ٿو راشن ڪين سمورو،

ڳهه ڳاري ڪريون وقت ڪي پورو،

ڪير جي خاطر ٻار رئن ٿا،

لهندو ڪير سماءُ،

بيوس جي ورسيءَ تي صدارتي تقرير ۾ چيو هئائين ته اسان کي اديبن جو قدر جيئري ڪرڻ گهرجي، مرڻ کان پوءِ سڄ اُڀري ته ڇا، جي نه اُڀري ته ڇا.

پنهنجي شعر بابت به هڪ هنڌ لکيو، اٿس ته :-

”مولا مدد ڪري تون،

جهٽ پٽ ٿو شعر ٻڻجي،

’رنجور‘ سمجهي سو ٿو،

گوهر ۽ لعل پنهنجو.“

پر جڏهن سندس جيئري ڪو خاص قدر ڪونه ٿو ٿئيس تڏهن صدمو ٿو رسيس. هڪ دفعي سوال پڇيو ويس ته ”ڪاليجن ۾ توهانجي شعرن جو ڪو مجموعو درسي ڪتاب طور مقرر نٿو ڪيو وڃي؟“ تڏهن ان جي جواب ۾ سرد آه ڀري چيو هئائين :

”جيئري ڪري نه قدر ڪوئي شعر جو ڪٽي، مرندس ڪندا پوءِ پاڙهي منهنجي سخن کي ياد.“

نوٽ : ضيا صاحب جي ديهانت بعد ضيا صاحب جي ’تصوير اَحساس‘ ڪتاب مان ڪجهه شعر ۽ ڪجهه ٻيا نوان شعر گڏ ڪري ’آلاپ ضيا‘ نالي سان ١٩٥٨ جي آخر ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه سڀا سميلن جي موقعي تي ظاهر ڪيو ويو هو، جيڪو درسي ڪتاب طور منظور ٿيل هو ۽ جنهنجو ٻيون ڇاپو ويجهڙائيءَ ۾ ظاهر ٿيو آهي.

•••

ڪيو. مونکي ياد آهي تہ ضيا انهن پستڪن جي الٽي واري سمي ۾ سائين ڏرمداسؔ صاحب (لاڙڪاڻہ وارا) جي شش شري اڏراءِ جن سان ڪيترو ڪيترو وقت وينو ويدانت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. ڊاڪٽر روچلداس جن سان بہ ان ئي عرصي ۾ ويجهو آيو ۽ انهن مان ڪافي گيان حاصل ڪيائين. شايد اهو ئي سبب آهي جو جپ صاحب، سکمني صاحب، ويد منتر ۽ گيتا جو الٿو اهڙو تز ۽ سلوڻو ڪيو اٿس.

انهن ڏرمي گرنٿن لکڻ کي تہ ضيا پاڻ وڏيڪ عام سنڌين جي ويجهو آيو. ڪافي سنڌي کيس سنت ۽ ڀڳت سمجهي شرڌا جي نظرن سان ڏسندا هئا.

ضيا ٻارن لاءِ بہ شعر لکيو. هن ٻال ڪاويہ جو هڪ هٿ لکيل ڪتاب 'باغ بهار' نالي ساهتيہ اڪيڊمي وارن کي موڪليو. ضيا صاحب جي شاعريءَ واري هن دؤر کي سلاست وارو دؤر سڏجي تہ بہ ٺيڪ آهي.

ڪجهہ سالن کان سنڌي فلمن نڪرڻ تي، ضيا انهن جا گانا لکيا، گهڻو ڪري سڀني، سنڌي نڪتل فلمن ۾ سنڌس ئي گانا آهن. هيءُ ئي دؤر (سنہ 1948ع کان سنہ 1958ع تائين) آهي، جنهن ۾ ضيا جنتا جي دلين ۾ گهر ڪري ويو ۽ جنتا ضيا کي پنهنجو شاعر، پنهنجو همدرد، پنهنجو نماڻو رهبر ڪري تسليم ڪيو:

پر اجا بہ سندس ڪيترو سارو شعر اڻ ڇپيل پيو آهي. اجا سوڌو 'ادبي گل' ڪتاب بہ ظاهر ئي ڪونہ ٿيو آهي. هھڙي شاعر جو جيترو قدر جيئري ٿيڻ کپندو هو، سو ڪونہ ٿيو.

ڪاليجن پرنسيپال (تڏهين پروفيسر) جو نالو ان ميمبر لاءِ موڪلڻ ٿي چاهيو. پر سنڌ سرڪار جي وڏي وزير سَرِ غلامحسين پنهنجي پٽ جو نالو ٿي موڪلڻ چاهيو. سنڌ جي ودوانن ۽ تعليمدانن وڏي وزير جي ان رٿ جي زبردست مخالفت ڪئي ۽ ان وشيہ تي سنڌ جي تعليمي کيتر ۾ چڱي واه واه هلي ٿي ۽ آخر ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب بمبئي يونيورسٽي جي سينيٽ جو ميمبر ٿيو هو.

پر ان واد واد ڪري پروفيسر اجواڻي صاحب جو نالو سنڌ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڄاتو ويو. هندو هاڻ هندستان، سنسار سماچار، هندو سنسار ۽ ٻين روزانين اخبارن پروفيسر اجواڻي جي علميت، قابليت جو ذڪر ۾ ڪيترائي حوالا ڏنا هئا. (ڪاش اڄ اهي ڪنهن نموني موجود هجن هان سٺو).

پوءِ تہ سنڌ ۾ ڪيترن ليکڪن جي ڪتابن جا مهاڳ پروفيسر اجواڻي صاحب لکيا جئين ڪِ ڏيونداس ڪشناڻي آزاد جي پورب سُنديش، ڪوي بيوس جي، ساموندي پسون. هري دلگير جي ڪوڏ، گوبند پاليہ جو ورق ڪتابن جا مهاڳ پروفيسر اجواڻي صاحب جا لکيل آهن.

هن واد ووڊ ڪان پوءِ پروفيسر اجواڻي سنڌ جي تعليمي کيتر ۾ چمڪيو ۽ هن تعليمي تحرڪ جي اڳواڻي بہ ڪئي. تعليمي کيتر ۾ اجواڻي صاحب جو ٻيو هڪ اهم ڪم آهي. سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ بي.اي. سطح تي اسپيشل (خاص) سبجيڪٽ طور پڙهائڻ. سنڌ ۾ جڏهين اهي ڪاليج کليا هئا تڏهن انهن ۾ سنڌي وشيہ ڪونہ پڙهائي ويندي هئي. اسڪولن ۾ بہ ماڌيم انگريزي هو جو پوءِ اڳتي هلي سنڌي

پرنسيپال لالسنگهه اجواڻي

تعليمي ۽ ساهتيڪ دين

ورهاڱي کان ٻه اڳ مون پرنسيپال لالسنگهه اجواڻي جو نالو ۽ ناماچار سنڌ ۾ ئي ٻڌو هو.

جيتوڻيڪ مان اجا ائون درجو مس پڙهندو هيس. تڏهين ٻه الائي ڇو منهنجي دلچسپي تعليمي ۽ ساهتيڪ ڳالهين ۾ هوندي هئي. ان ڪري چوڏهن پندرهن سالن جي عمر ۾ ٻه مون سنڌيءَ ۾ نڪتل چڱا ڪتاب پڙهيا هئا خاص طور شرت بابو ڪوي ٽئگور ۽ منشي پريمچند جون ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهيا هيم.

پر پرنسيپال اجواڻي صاحب جو نالو ۽ ناماچار ادبي طور گهٽ ۽ تعليمدان ۽ عالم طور وڌيڪ ٻڌل هو ۽ سنڌ ۾ نالو وڳل هو. شايد ڳالهه هئين آهي تڏهين سنڌ جا ڪاليج (ڪراچي جو ڊي. جي سنڌ ڪاليج، حيدرآباد جو نئشنل ڪاليج ۽ شڪارپور جو ڪاليج) بمبئي يونيورسٽي سان شامل ٿيل هئا. ۽ انهن ڪاليجن طرف بمبئي يونيورسٽي جي سينيٽ تي ميمبر چونڊبو هو. (هاڻ ٻه شايد ائين ئي آهي مان خود يونيورسٽي جي سنڌي وڀاڳ طرفان سينيٽ جو ميمبر هڪ سال لاءِ رهي چڪو آهيان).

پوءِ تہ پروفيسر اجواڻي جي ڪوشش سان حيدرآباد ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پڙهائڻ لڳو، جو پهريون گرداس مل هاءِ اسڪول ۾ پرشن ۽ سنڌي پڙهائيندو هو.

شڪارپور ڪاليج ۾ پروفيسر ڪئيلداس بيگواڻي فاني سنڌي پڙهائڻ لڳو، جو پهريون شڪارپور جي نيوايرا هاءِ اسڪول ۾ سنڌي وشيہ پڙهائيندو هو. ورهاڱي کان ڪجهہ اڳ پروفيسر يوڄراج ناگراڻي بہ شڪارپور ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ پڙهائيندو هو. پروفيسر اجواڻي صاحب ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪوشش سان پوءِ تہ سنڌ جي هاءِ اسڪولن ۾ سنڌي ماڌيم بہ شروع ٿيو.

ورهاڱي بعد پروفيسراجواڻي صاحب نئشنل ڪاليج باندرا ۾ انگريزي جو پروفيسر ٿي پڙهائڻ لڳو. اتي ئي پوءِ وائيس پرنسيپال ۽ پوءِ پرنسيپال ٿي رهيو. ورهاڱي بعد هت هندستان ۾ سنڌي وشيہ جو جدا ڪاليجن ۾ پڙهائي وئي ان لاءِ پروفيسر اجواڻي صاحب ڪافي ڪوشش ڪندو رهيو. بمبئي جي ايلفيسٽن ڪاليج ۾ سنڌي وياڳہ ڪولايائين جتي پروفيسر ڪلا ريجهسنگهاڻي پڙهائيدي هئي سينٽ زوير ڪاليج ۾ داس طالب سنڌي پڙهائيندو هو تہ خالص، ڪاليج ماٽونگا ۾ ڊاڪٽر ارجن شاد سنڌي پڙهاڻ لڳو. باندرا جي نئشنل ڪاليج ۾ پروفيسر ناگراڻي ۽ پارٽ ٽائيم پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي سنڌي پڙهائڻ لڳا.

جڏهين ڪي.سي. ڪاليج کليو تہ اتي سنڌي شاعر عالم ليکراج عزيز ۽ پوءِ پروفيسر پوپٽي هيرانندداڻي پڙهائڻ لڳا تہ باندرا جي نئشنل ڪاليج ۾ پوپٽي جي جاءِ تي پروفيسر چندرا آڏواڻي پڙهائڻ لڳي.

ماڊيم ٿيو. پر ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ طور پڙهائي وڃي ان
ڀرين ڀرين ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ان وقت تائين سنڌي ادب
جو جائزو طور هڪ رپورٽ يونيورسٽيءَ کي موڪلي زوردار گهر
ڪئي هئي تہ سنڌي ٻوليءَ جو ادب ڀرپور آهي. ان ڪري سنڌ
پرانت جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ طور پڙهائڻ جي اجازت
ڏني وڃي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ان ڪم ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب
جي مدد ورتي هئي. ان بعد اڳتي هلي پروفيسر اجواڻي صاحب
ان وشيہ کي وستار پيش ڪري سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ
بي.اي. ليول تائين خاص وشيہ طور ڪڻڻ لاءِ هڪ دستاويز تيار
ڪيو ۽ ان آڌار تي سنڌ جي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ اهميت
حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ جڏهين وشيہ طور سنڌي
ٻولي منظور ڪئي وئي تہ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي
جو ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. اِن کان اڳ ڪاڪو ڀيرومل مهرچند
ايڪسائيز کاتي ۾ ڪم ڪندو. ڪاڪي ڀيرومل جي رٽاير ڪرڻ
کان پوءِ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ جو ليڪچرار
پروفيسر رام پنجواڻي مقرر ٿيو. ان عهدي لاءِ ٻيا بہ ٽي اميدوار
هئا. شري تيرٿ بسنت، ليکراج عزيز ۽ ڪاڪو لالچندامرڏنومل
جڳتياڻي، ڪاڪو لالچند يونيورسٽيءَ جي ڪنهن ڳالهہ ڪري
خيال ۾ نہ آندو ويو. باقي ليکراج عزيز ۽ تيرٿ بسنت کي
تعليمي لياقتون جنهن کي انگريزي ايڪيڊمڪ ڪواليفڪيشن
سڏبو آهي ڪونہ هنيون. هن سوال تي بہ پروفيسر رام پنجواڻي
کي پرنسپال بناڻي ۽ پروفيسر اجواڻي چڱي مدد ڪئي هئي.

ساهيتڪ ڏين :

پروفيسر لالسنگهہ اجواڻي جي سنڌي ٻولي کي ساهتيڪ ڏين بہ هڪ لاثاني ڏين آهي. ورهاڱي کان اڳ ئي پروفيسر صاحب پنهنجي ادبي شناس، ساهتيڪ ڄاڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڏاڪو وڃائي چڙهيو هو.

چون ٿا تہ گردو ٽئگور جي گيتانجلي جو مهاڳہ انگريزي شاعر ڊبليو.بي. يٽس W.B.Yeats لکي اولهہ جي دنيا کي ٽئگور جي ڪوتا کان واقف ڪيو ۽ ٽئگور کي سال 1913 ۾ نوبل پرائيز مليو.

شاهہ صاحب کي ڄاڻ سڃاڻ سورلي، شاهہ آف ڀٽ، نالي شاهہ جي شعر تي ٿيسز لکي، شاهہ دنيا اڳيان آندو. جئين شاهہ صاحب جو قدر ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مرتب ڪيل شاهہ جو رسالو بعد وڌيڪ ٿيو.

جئين ڏيارام گدومل سامي جي واقفيت، ڪوڙي مل چندن مل جي گڏ ڪيل سامي جا سلوڪ جو مهاڳہ لکي ڪرائي. تيئن اجواڻي صاحب سنڌواسين کي ڪوي بيوس جي ڄاڻ ڏني، واقفيت ڏني، سنڌس شاعري جي مجموعي ''ساموندي سپون'' دواران. سچ پڇ تہ اسان اڳيان ڪوي ڪشنچند کتري بيوس جو اڃ آهي. اِهو نہ هجي جيڪڏهين پروفيسر اجواڻي سنڌس ڪوتا جي ڇنڊ ڇاڻ نہ ڪري. انهن اندر لڪل هيرا موتي کولي ظاهر نہ ڪري ها تہ بيوس ڪيترن ٻين شاعرن وانگر غير ڄاتل ئي رهجي وڃي ها. اجواڻي صاحب نہ فقط بيوس سائين جي خوبين جو ورنن ڪري سنڌين اڳيان ڪيس نروار ڪيو، پر هري دلگير جي شاعري مجموعي ڪوڏ جو مهاڳہ

گهاٽڪوپر جي سوميا ڪاليج ۾ پروفيسر موهني لڪر سنڌي وشيہ پڙهائڻ لڳي ۽ ان سان گڏ پروفيسر رام شرما بہ هو.

اهي سڀ ڪوششون پروفيسر اجواڻي صاحب جون هيون. پروفيسر اجواڻي صاحب بمبئي يونيورسٽي جي نہ فقط سينيٽ جو ميمبر ٿي رهيو پرائڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر هو جنهن ڪري جدا جدا ڪاليجن جي پرنسيپالن ۽ وياڳہ پرمکن سان لهہ وچڙ ۾ آيو ۽ ان واقفيت جو فائدو وٺي انهن ڪاليجن ۾ بہ سنڌي وياڳہ شروع ڪرايائين. پروفيسر اجواڻي صاحب جي ممبئي يونيورسٽي جي تعليمي کيتر، ايڪيڊمڪ فيلڊ ۾ ڪافي دٻدٻو هو ۽ سندس قابليت ذهنيت جي ڇاپ هوندي هئي. غير سنڌي تعليمدان سنڌين جي تعليم بابت اجواڻي صاحب ۽ پرنسيپال ٽي. ايم.آڏواڻي ڪري سنڌي تعليم دانن کي سڃاڻندا ۽ عزت ڏيندا هئا.

جئين پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪري سنڌي ڪلچرل مشغولين کان غير سنڌي واقف ٿيا ويندي ڪي.ايم.منشي، رام جوشي، ڊاڪٽر ٽوپي وغيره. اڄ اسان سنڌي تعليمي کيتر ۾ جو ڪجهہ ميوا کائي رهيا آهيون، اهو پرنسيپال اجواڻي صاحب جي محنت ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. سنڌ ۾ ان وقت جي تعليم کاتي جي ڊئريڪٽر ڊاڪٽر دائود پوٽا سنڌي صورتخطي ۾ عرابن جو سوال آندو يعني سنڌي صورتخطي پارسي ۽ عربي جي اچارن مطابق زيرون زبرون ڏئي پڙهائي لکي وڃي. جيٺمل پرسرام ان جي مخالفت ڪئي، پروفيسر اجواڻي صاحب ڏائود پوٽا جي ان رٿ جي زبردست مخالفت ڪئي هئي.

هئا. ان جماعت جو پريزيڊنٽ پاڻ اجواڻي صاحب هو ۽ سيڪريٽري مرلي مکي هو، جو ڪي.سي.ڪاليج ۾ پروفيسر هو ۽ جائنٽ سيڪريٽري سنڌي جي ڄاتل سڃاتل برک ليکڪا پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي هئي. هنن جا ڪلاس سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ هلندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪي.سي. ڪاليج جي ڪنهن روم ۾ به هلندا هئا. منهنجي ڪتاب سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جو مهورت ڪي.سي. ڪاليج ۾ اجواڻي صاحب ڪيو هو ۽ وقت جو سڀاپتي هو پروفيسر رام پنجواڻي سال 1960.

هن ادبي ڪلاس ۾ چوهڙمل هندوجا، گوبند مالهي، ٻيا ليکڪ، ساهتيه پريمي ايندڙ هئا. ماهوار قليلي رسالو پڻ نڪرندو هو جن جو سمپادڪ هو مرلي مکي. هن ادبي ڪلاس ۾ اهي نوان ساهتڪار ايريا جي هرويرو ترقي پسند ڌارا سان وابسط ڪونه هئا، پر نئون سنڌي ساهت منڊل ڏيکه ويکه ۽ چڪڻ ۾ وڏيڪ هو. ان ۾ نوجوان نئين ٿهي گهٽي ايندي هئي.

پروفيسر اجواڻي جي هڪ ڪمزوري هوندي هئي ته هو سڀ منهن تي ۽ تمام صاف سٺري ٻولي ۾ چئي ڏيندو هو. پروفيسر رام پنجواڻي لکل ۽ ڍڪيل لفظن ۾ جا ڳالهه ڪندو، اجواڻي صاحب اها ڳالهه صاف لفظن ۾ چوندو هو.

ان نموني جو هڪ ٻيو مثال ٿو ڏيان :

”موهن ڪلپنا وٽ هڪ ليکڪ دوست گهر ۾ ويو. موهن سندس آدر ڪندي چيو، تون مون وٽ ايندو آهين ته خوشي ٿيندي آهي. مهمان تي ويل ليکڪ من ۾ قولجڻ لڳو. موهن وڌيڪ چيو ”پر جڏهين نه ايندو آهي ته وڌيڪ خوشي ٿيندي آهي.“ پروفيسر اجواڻي صاحب وڌيڪ خوشي جو ذڪر

لکيو تہ شري گوبند پائيہ جي ننڍن مضمونن جي مجموعي ورق جو بہ مهاڳہ لکيو ۽ سنڌي ادبي دنيا اڳيان انهن کي ادبي تارا کري پيش ڪيو اهو سال 1942 هو.

اجواڻي صاحب جي سنڌي ادب جي ڄاڻ سندس لکيل انگريزي ڪتاب سنڌي اَدب جي تاريخ of Sindhi Literature History مان بہ پوي ٿي. جيتوڻيڪ اجواڻي انگريزي جو پڙهائيندڙ هو. پر هو صاحب سنڌي ادب کان پلي پت واقف هو ۽ واقف ئي نہ پر پارکو هو. ورهاڱي بعد هت پارت ۾ هن ليکڪن کي همٿايو ۽ سندن ڪتابن جا مهاڳ لکي پڙهندڙن اڳيان انهن رچنائن جي اهميت ظاهر ڪئي.

جيئن ڪِ پروفيسر رام پنجواڻي جي ڪتاب ''سنڌ جون ست ڪهاڻيون'' جو مهاڳہ لکي اجواڻي صاحب شاه جي سورمين کي اجاگر ڪيو آهي تہ سنڌي لوڪ ساهتيہ کي بہ ڇهيو آهي. هي سال 1953 جو ظاهر ٿيل ڪتاب آهي. ان دؤر ۾ سنڌي ليکڪن ۾ ترقي پسند ويچارڌارا هلي رهي ٿي. پروفيسر اجواڻي صاحب اهو ڄاتو ٿي تہ هي ڌارا ڪو گهڻو وقت ڪونہ هلندي. پر سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تہ قائم آهي ۽ وڌندو ويجهندو.

جڏهين نئون سنڌي ساهت منڊل هلندو هو ۽ ان طرف هفتيوار ادبي ڪلاس بہ هلندڙ هو تڏهين هن صاحب هڪ ٻي ويچارڌارا، جا هرويرو مارڪسوادي جي راه تي هلندڙ ڪونہ هئي، ان جي جماعت‌بندي ڪئي. هن صاحب ان جماعت جو نالو تمام سادو سودو سنڌي ادبي سنگت رکيو. نہ نئون لفظ ڳنڍي پاڻ کي ٻين کي الڳہ ڪري بيهاريو. پر سڀني ويچار ڌارا وارن لاءِ در کليو رکيو. ان سنگت طرفان هفتيوار ڪلاس هلندا

ڏنو هو. جنهن جي عبارت ۾ انگن اکرن جي ساراهه ڪير به ڪئي هئي.

۽ پوءِ اڳتي هلي سنڌي ٻولي سال 1967 ۾ تسليم ٿي هئي. ان کان اڳ ۾ جواهرلال نهرو جي رضامندي سان مرڪزي ساهتيه اڪاڊمي جي انعام لاءِ سنڌي ٻولي به شامل ڪئي وئي ئي ۽ ان لاءِ سنڌين جي هڪ صلاحڪار ڪاميٽي به ٺاهي وئي هئي. جنهن جو پهريون ڪنوينر پروفيسر اجواڻي صاحب هو. ۽ ٻيا ميمبر هئا پروفيسر رام پنجواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، ڊي، ڪي، منشاراماڻي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، پروفيسر ڪلا ريجسنگهاڻي ۽ ٻيا هئا ۽ مرڪزي ساهتيه اڪاڊمي طرفان پهرين سنڌي ڪتاب ”ڪنور“ تي شري تيرٿ وسنت کي انعام ڏنو ويو هو. اجواڻي صاحب ان اڪاڊمي جي طرفان ڪيترا ڪتاب ٻين ٻولين مان سنڌي ۾ به ترجمو ڪرايا.

سنڌي ڪهاڻي سال 1951 کان 1960 تائين هڪ مجموعو تيار ڪرايو هو جنهن جا سمپادڪ هئا گوبند مالهي ۽ ڪلا ريجهسنگهاڻي، ٻي ڳالهه جا به ادب سان واسطو ٿي رکي. ۽ پروفيسر اجواڻي جي ادبي ايمانداري ڏانهن ٿي اشارو ڪري. مون مٿي چيو آهي ته پروفيسر اجواڻي صاف گوئي هو. جئين هاڻ رام جيٺملاڻي سياست ۾ صاف گو آهي.

تازو رام جيٺملاڻي، آديپور ڪڇ ۾ ٿيل ورلڊ سنڌي ڪانفرنس ۾ چيو ته سنڌي چالاڪ آهن.

سنڌي چاپلوس آهن.

سنڌي چغلي خور آهن.

سنڌي چڙهت ڪندڙ آهن.

ڪندو هو باقي اڳيون جملو نہ، پر پروفيسر رام پنجواڻي فقط اڳيون جملو چوندو هو ۽ پويون نہ. موهن ڪلپنا بئي جملا چيا. سندس ان صاف گوئيءَ ڪري ڪيترا ليکڪ ۽ ٻيا ڪائنس ڪِؤ ڪائيندا هئا. ڀرين مان بہ ڪاوَنس ڪوُ ڪائيندو هيس. پر جڏهين منهنجو ڪتاب هوُجمالو نڪتو هو ۽ مون کين ڪاپي موڪلي هئي تہ ان جو جوابي ۾ ڪارڊ ۾ هن جيڪو لکيو هو، ان منهنجو ڊپ دور ڪري ڇڏيو. پوءِ تہ منهنجي ٻئي ڪتاب جو مهورت بہ پاڻ ڪيائين.

اجواڻي صاحب بيوقوفن کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندو هو.

پروفيسر رام پنجواڻي، بيوقوفن کي بہ بيدليو پڙندو هو.

تہ پروفيسر ملڪاڻي بيوقوفن ۾ بہ ڪي گڻ ڏسي انهن کي پڙندو هو.

ان ڪري ان وقت پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻي نوجوانن ۾ وڌيڪ پريہ هو. پروفيسر اجواڻي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ جي هلچل ۾ تمام اهم پارٽ ادا ڪيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جو پهريون پريزيڊنٽ سال 1957 ۾ پروفيسر اجواڻي صاحب هو ۽ ٻيو دفعو سال 1961 ۾ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. هن صاحب ان دوران ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ تمام لاجيڪل ۽ انگن اکرن سميت عريضا ناهي سرڪار آڏو پيش ڪيا هئا.

ياد ٿو اچم تہ سال 1961 ڌاري هند سرڪار طرفان ٻوليوار پرانت ناهڻ لاءِ هڪ ڪميشن ناهي هئي. جنهن جو ڪنوينر هو شري بي.جي. کير. اهو هت بہ آيو هو ان کي ڪي.سي. ڪاليج ۾ هڪ اُتسو ۾ گهرايو ويو هو جتي اجواڻي صاحب هڪ عريضو

منهنجو دوست..... منهنجو رهبر

شري هيرانند ڪرمچند

سال 1951 ۾ ايس.ايس.سي. پاس ڪيم. منهنجي اڳو ۾ ويچار هئا يا ماستري ڪريان يا ڪنهن اخبار ۾ نوڪري ڪريان. الائي ڇو ننڍپڻ کان وٺي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي چاهنا سان گڏ اخبار جو به شونق هو. ورهاڱي کان اڳ به پنهنجي شهر قنبر ۾ ستون/ائون درجو انگريزي پڙهندي (ان وقت انگريزي ٽيون/ چوٿون درجو سڏبا هئا. شهر مان نڪرندڙ اخبار آزادي جي آفيس وٽان لنگهندي آفيس تي لڳل بورڊ هفتيوار 'آزادي' اخبار ڏسندو هوس ته نظر وان ۾ انڪي پونديون هيون ۽ چاهيندو هيس ته مان به اخبار ڪيان. اخبار جو سمپادڪ (سرڳواسي) سنمڪ ماکيجا سان گڏجڻ لاءِ (هو مونکان وڏو هو) سندس پاءُ گرمک ماکيجا جو منهنجو هم ڪلاس هو، ان سان دوستي رکيم ان نموني سنمڪ ماکيجا جي ويجهو آيس ۽ اها ويجهائي هت ڀارت ۾ به سندس جيوت هجڻ تائين قائم رهي.

ورهاڱي بعد هت ڀارت ۾ ايندي يارهون درجو پڙهندي اخبار ڪڍيم. ''وديارٿي'' جا پوءِ ايس.ايس.سي جي پرلمنري امتحان ڪري بند ٿي ويئي ۽ هاڻ هفتيوار 'سنڌي ٽائيمس' سال 1962 کان وٺي ڪڍندو پيو اچان. مطلب ته اها لنوَ جڻڪ جائي جم کان لڳل آهي. ان ڪري ايس.اسي.سي امتحان پاس

سچ تہ مڙد چون ڪنهن کي وٽي نہ وٽي. اجواڻي صاحب بہ ڪنور ڪتاب جي مهاڳ ۾ اهڙو ئي سچ لکيو هو. جنهن تي دادا جيرامداس ۽ سندس ساٿي ناراض ٿيا هئا ۽ هندستان اخبار ۾ ان مهاڳ کي وٺي وڏي واد وواد ٿي هئي. تڏهن هندستان اخبار دوارا ڪتاب وڪرو ڪيا ويندا هئا ڪنور ڪتاب وڪري لاءِ نہ رکيو ويو هو. جي ان مهاڳ سان اهو ڪتاب وڪري لاءِ نہ رکيو ويندو.

اجواڻي صاحب پنهنجي راءِ تي اڏول رهيو هو.

آخر ۾ جئين ڪنهن پرادڪشن تي ICI جو ٺپو لڳل هوندو آهي تہ اها چيز خاطري واري ليکي ويندي آهي. تئين ڪو وقت هو جو جنهن ڪتاب جو مهاڳ پروفيسر اجواڻي جو لکيل هجي سو اها رچنا خاطري واري آهي معيار واري آهي.

پروفيسر ناگراڻي جو ڪتاب سامي جا سلوڪ جو مهاڳ بہ پروفيسر اجواڻي جو لکيل آهي ۽ سامي جي ويچار ڌارا کي وڌيڪ صاف سٿرو ڪري ٿو. بس هي ليکہ اتي پورو ٿو ڪريان. وقت ايندو جو اجواڻي صاحب جي ادبي دين تي حوالن سان هڪ ڪتاب لکيو ويندو. آخر ۾ اجواڻي صاحب، عالم اجواڻي، ودوان اجواڻي صاحب کي سلام ۽ بس.

●●●

هندستان اخبار جي آفيس هئي. ڊاڪٽيون ڪاٺ جون هيون جئين هاڻ ڪلڪتہ جي ڪن جهونين عمارتن ۾ آهن. مان هندستان اخبار ۾ وڃي نہ سگهيس. جو نہ پورو آزمودو هيو ۽ نہ وڌيڪ تعليم بس بيروزگار ٿي پيس. پر ان عرصي ۾ هندستان اخبار ۾ ڪم ڪندڙن کي منهنجي نالي جي ڄاڻ پئجي.

سال 1951 ۾ منهنجي ڪهاڻي ڪليم ماهوار رسالي ’نئي دنيا‘ ۾ ڇپي هئي جا تنهن وقت هفتيوار هندستان ۾ وري ڇپي ويئي هئي ۽ هينيان لکيو ويو هو ’نئين دنيا‘ جي مهرباني سان، ڪهاڻي ڇپجڻ بعد مان هندستان آفيس ۾ سمپادڪ هيرانند ڪرمچند سان گڏيس ڪليم ڪهاڻي جي ليکڪ جي حيثيت ۾ بس پهرين نظر، گڏجاڻي سان مان شري هيرانند ڪرمچند جو عاشق ٿي پيس. الائي ڇو هي سائين بہ مونکي پاڻ لڳو. ڏاڍي عزت ڏنائين جيتوڻيڪ ان وقت ۽ عمر ۾ مان ان جي هرويرو بہ لائق ڪونہ هيس. پر شايد اها سندس پلماسني هئي. پوءِ تہ ڪڏهين هندستان آفيس ۾ ساڻس گڏجڻ ويندو هيس. شري هيرانند هميشہ ڪم ۾ رڌل ڀين شهر مان آيل خبرون وٺنو پڙهندو ۽ انهن کي درست ڪندو. ننڍو ڪندو رهندو هو. يا ڪا خبر ڪنهن انگريزي اخبار مان پيو ترجمون ڪندو هو يا ڪڏهين پنهنجي لکيل سمپادڪي ليک جا پروف پيو پڙهندو هو. سمپادڪي ليکہ گهران لکي ايندو هو. ڇپائين هٿ تہ ڳالهائي ڪونہ ٿو سگهجي. ڪڏهين گهرايندو ڪر. شام جي وقت مان سولو گڏجي سگهندس. بس پوءِ تہ شري هيرانند ڪرمچند منهنجو دوست ۽ رهبر بڻجي ويو. ڪجهہ مهنن بعد مونکي هندستان اخبار ۾ رپورٽر جي نوڪري ملي ويئي منهنجو ڪم

بعد مون لاءِ زندگي ۾ پيٽ گذارڻ لاءِ ٻه رستا هئا هڪ ماستري يا ٻيو اخبار ۾ ڪم ڪرڻ.

ماستري نه ملي، سال نوڪريءَ جي تلاش ۾ گذري ويو. سال ١٩٥٢ جي اپريل مهني ۾ بمبئي جي جئه هند ڪاليج ۾ پهرين سال آرٽس ۾ داخل ورتم. تڏهين اجا جئه هند ڪاليج جي موجوده عمارت ڪجهه ٺهي چڪي هئي ۽ ڪجهه ٺهي رهي هئي. ان کان اڳ ڪالا گهوڙا وٽ ايلفنسٽن ڪاليج عمارت ۾ جئه هند ڪاليج هلندو هو.

ڪاليج جو پرنسيپال صاحب هو شري ٽي. ايم. آڏواڻي. پروفيسر رام پنجواڻي سنڌي پڙهائيندو هو ۽ تاريخ پروفيسر چيتن ماڙيوالا، انگريزي پروفيسر گدواڻي پڙهائيندو هو. ڪاليج ۾ پڙهندي ڇهه مهنا گذري ويا يعني پهريون ٽرم پورو ٿيو. ٻيو ٽرم شروع ٿيو ٻئي ٽرم جي في نه ڀري سگهڻ ڪري ڪاليج مان نالو ڪڍيو ويو. تڏهين اي.او. بي.سي. ڪونه هوندي هئي. هاڻ ڇا ڪريان...؟ بمبئي جي دادر ايراضي ۾ رنجيت ٽاڪيز فلم اسٽوڊيو ڀرسان هڪ شيڊ نمان جڳهه مان روزاني سنسار سماچار اخبار نڪرندي هئي. اتي ويس نوڪري ملي اسي روپيه ماهوار لوازمو خبرون هندي مان ترجمو ڪرڻ جو ڪم هو. ڏاڍو خوش ٿيس ته بس اخبارنويس ٿي ويس. آفيس ۾ ڪشن دلواڻي جو اڳ سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس ڪري واقف هو. ٻيو پتامبر شرما سب ايڊيٽر هئا. شري هوندراج داس، شري جئرام اگناڻي ڪم سنڀاليندو هو. اجا سال کن مس نوڪري ڪيم ته اخبار بند ٿي ويئي ۽ اخبار جو ڇڙو عملو هندستان اخبار ۾ نوڪريءَ لاءِ ويو ٻه سال کن ڳيم نڪرڻ شروع ٿي هئي. فورٽ ۾ جتي هاڻ شيئر بزار بلڊنگ آهي ان الڳه هڪ جهوني عمارت جي پوين ماڙي تي

ٻه مونکي پنهنجو وقت کيئن ڏيئي سگهندو هو. مان اڄ زندگي ۾ ائين نٿو ڪري سگهان. هيرانند جي زندگيءَ مان ٿورو ئي ڪجهه ڪٿي سگهان ها ته ڪرتارٽ هجان ها. هڪ شخص پريات جي منهن اونداهيءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري گهمڻ ويو ته هن هڪ ڪپڙي جي ٿيلهي ڏٺي، هن اها کڻي ان ۾ هٿ وجهي محسوس ڪيو ان ۾ پٿر جي ننڍا ذرڙا هئا. هو سمنڊ جون لهرون ڏسندو ان ڳوٿري مان هڪ هڪ ذررڙو ڪڍي سمنڊ جي لهرن ڏانهن ڦٽو ڪندو ويو، ايتري ۾ سج ٻه ڪني ڪڍي ۽ روشني ٿي هن ٿيلهي مان هڪ ۽ آخرين ذرڙو ڪڍي سمنڊ ڏانهن ڦٽو ڪرڻ ڪان اڳ ڏٺو ته اهو ته هڪ هيرو هو. يعنيٰ هن ان اڳ جي ذرڙا پٿر جا ٽڪر سمجهي سمنڊ ڏانهن ڦٽا ڪيا هئا اهي پٿر جا ٽڪرا نه بلڪ هيرا هئا. ۽ آخرين هڪ ٽڪر هڪ هيرو سندس هٿن ۾ هو. مون ٻه شري هيراند سان گڏ گذريل ڏينهن، پل، گهڙيون هيرن سمان بنان گيان جي گذاريون ۽ اڄ منهنجي هٿن ۾ فقط هڪ هيرو يعنيٰ يادگريون ئي آهن ۽ ان جي آڌار تي پيو جيئان.

ياد ٿو اچيم هندستان اخبار کي وڏيڪ وڏيڪ مواد جي گهرج هئي. هنن کي اُلهاسنگر ۾ عيوضي کپندو هو. ڇو جو سامهون ڪن دوستن سنڌو سنسار نالي روزاني اخبار ڪڍي هئي. ۽ ان ۾ الهاسنگر جون خبرون چڱيون ايندڙيون هيون. دادا جيرامداس دولترام تنهن وقت هندستان اخبار جو چيئرمن هو. هن کي اُلهاسنگر-لاءِ عيوضي طور منهنجو نالو سجهي آيو. هن شري هيرانند سان ڳالهه ڪڍي، جو هو اخبار جو سمپادڪ هو، دادا جئرامداس پنهنجي روءِ سوءِ پنهنجي مرضي سان ڪوبه ڪم نه ڪندو هو. پر پنهنجن ساٿين سان واسطيدار شخص سان

هو شهر ۾ ٿيندڙ پريس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ اها خبر اخبار ۾ لکڻ. منهنجو ڪم منجهند جو ٻي بجي کان شروع ٿيندو هو. مان آفيس ۾ ڏيڍ بجي کن وچي شري بلرام موٽواڻي يا شري گوورڌن شرما سان گڏبو هيس. هو صاحب ان ڏينهن جون مشغوليون بابت آيل ڪوٺ بابت نينڊ ڪارڊ يا ليٽر ڏيندا هئا ۽ مان اهي مشغوليون لکي خبرون ٺاهيندو هيس. منهنجو شري هيرانند سان آفيس جي لحاظ کان سڌو لاڳاپو ڪونه هوندو هيس. پر پنهنجي ليکي ڪڏهين ڪڏهين سندن گهر سمر ڪٽين ۾ ويندو هيس. آفيس کان پنڌ لائن گيٽ کان ٿي گيٽ وي آف انڊيا وٽان ٿي سمنڊ جو ڪنارو وٺي ريڊيو ڪلب وٽ پهچي سمر ڪٽين سندس گهر پهچي ويندو هيس. پوءِ شام جو ساڍي ڇئين پنجن بجي شري هيرانند سان گڏجي پنڌ ئي پنڌ ڳالهيون ڪندا بمبئي يونيورسٽي جي باغ ۾ اچي ڪلاڪ کن ڳالهيون ٿينديون هيون. پوءِ شام اُلهاسنگر هليو ايندو هيس.

ڳالهين جي دوران هو مونکي زندگيءَ جي ڏکيائن بابت آٿت ڏيندو هو. مان تڏهين ڏاڍو غريب هيس. في نه هئڻ ڪري ڪاليج جي پڙهائي چالو رکي نه سگهيس. پائڻ لاءِ فقط ٻه وڳا ڪاڏي جو ڪڙتو پاجامو هڪ سڪي ته ٻيو پايان. پيرن ۾ ڪولهاپوري چمپل، هٿ ۾ ڊائري، جنهن ۾ خالي پنا خبرن لکڻ لاءِ بس. گهر مان نڪرڻ وقت ٻه ڦلڪا اخباري پني ۾ ويڙهي کڻي ايندو هيس. منجهند جو ڪٽي نه ڪٽي پڪوڙا يا چولا وٺي منجهند جي روٽي جنهن کي مادرن نموني لنچ سڏي گذر ڪندو هيس. پوءِ به خوش هيس. جو مونکي هيرانند جهڙو هڪ نيڪ سچار ايماندار رهبر مليو هو.

مان هاڻ سوچيان ٿو ته شري هيرانند هيڏو مشغول هوندي

تہ نہ اهي هنج رهيا ۽ نہ اهو مانسرووَر ئي رهيو آهي.

مان جڏهن رپورٽر هيس تڏهين پهريان ڏينهن منهنجون خبرون شري هيرانند پاڻ ڏسندو هو ۽ مونکي پاڻ سان ويهاري دوست جيان صلاحون ڏيندو هو ۽ رهبر جيان اڳتي لاءِ سونهپ ڪندو هو. چوندو هو تہ رپورٽنگ جو ڪم تڪڙو ڪم آهي. اتي لکڻ وارو چست ڪپي. اتي ٻوليءَ جو گرامر، ٻوليءَ جي ناه نوه ڪرڻ ڏکيو آهي. ان ڪري مونکي صلاح ڏيندو هو تہ تون ڪن خاص وشين جو ابياس ڪري انهن تي تفصيلن سان سنو ٿو لکي سگهين پوءِ تہ مان بہ الهاسنگر جي ڪن مسئلن تي ابياس ڪري انهن تي لکندو هيس.

ياد ٿو اچي رپورٽنگ وقت مونکي ٻڌايائين تہ جئين تون ڏسين ٿو ۽ ٻڌين ٿو جي ائين لکندين تہ رپورٽنگ ۾ مکيہ ڳالهہ رهجي ويندي. مثال طور ڪنهن اتسوَ ۾ آيل مکيہ شخص تہ ضرور پوءِ ڳالهائيندو ۽ جي لکڻ وارو شروع کان وٺي احوال ڏيندو ۽ مکيہ شخص جو ڳالهائڻ پوءِ ڏيندو تہ اخبار ۾ جاءِ جي کوٽ ڪري اها مکيہ ڳالهہ رهجي وڃڻ جو امڪان آهي. ان ڪري خبر کي ٽن حصن ۾ وراهجي.

پهرين مکيہ مهمان ڇا چيو ۽ اهم نقطا ڪهڙا چيائين پهريون حصو اهو ان بعد اهو اتسوُ ڪنهن ۽ ڪهڙي مقصد سان ڪيو ويو هو يا اهو موقعو ڪهڙو هو جتي مکيہ مهمان آيل هو. اهو ٿيو خبر جو ٻيو حصو ۽ باقي آخر ۾ ان موقعي تي ٻيو ڇا ڇا ٿيو. اهو ٿيو خبر جو ٽيون حصو.

سمجهو خبر اهم آهي ۽ اخبار جي پهرين حصي تي اچڻ گهرجي يا خبر دير سان ملي آهي يا حاصل ٿي آهي ۽ اخبار

صلاح مصلت ڪري پوءِ ڪندو هو. منهنجي نالي جي سفارش شري هيرانند به ڪئي ته اُلهاسنگر ۾ رهندڙ شري سخاوت چوٽواڻي به ڪئي ۽ مان سال 1969 ۾ هندستان اخبار لاءِ اُلهاسنگر لاءِ عيوضي مقرر ٿيس. ۽ ڪم سال 1985 تائين هليو. ان وچ ۾ شري هيرانند ان بعد شري هاسومل به اخبار مان رٽاير ڪري ويا هئا ته شري مانسنگهه به ڪونه هو. شري تيرٿ سڀاڻي اخبار جو سمپادڪ به هو ته مئنيجر به بڻيو.

سال 1985 ۾ اُلهاسنگر مونسپل جو پريزيڊنٽ شري پپوڪالاڻي بڻيو. سندس ڪن ڪمن بابت هندستان اخبار ۾ ڪجهه آيو هو. جو کيس پسند ڪونه هو، هو چاهيندو هو ته وڻ جو پتو به سندس مرضي مطابق لُڏي. هن مونکي اطلاع ڏنو ته مان قلم سنڀالي هلايان. شري منوهر جيسواڻي به خبردار ڪيو ته جي مان سنڀالي نه هليس ته اها هندستان اخبار جو عيوضي پڻ نه رهندو. مان پنهنجي رفتار سان هلندو رهيس ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن شري تيرٿ سڀاڻيءَ گهرائي چيو ته تون هاڻ نوڪري سانگي ممبئيءَ ايندو آهين. اُلهاسنگر ۾ اِيڏو وقت ڏئي نٿو سگهين. ان ڪري اُلهاسنگر جون خبرون انگريزي اخبار انڊين ايڪسپريس ۾ وڏيڪ ٿيون اچن ۽ ان جو عيوضي ياڳو تلريجا آهي جو نه هندستان ۾ خبرن موڪلڻ جو ڪم به ان کي ڏنو وڃي. مون سمجهو شري منوهر جيسواڻي آگاهه ته اڳ ۾ ئي ڪري چڏيو هو ۽ مونکي اها به جاڻ هئي ته شري پپو ڪالاڻيءَ کي اها ڪلا آهي ته ڪنهن کان ڪم ڪئين وٺجي. هن اها ڪلا تيرٿ سڀاڻي تي آزمائي ۽ ڪامياب ويو ۽ سال 1986 کان اُلهاسنگر ۾ هندستان جو عيوضيءَ مان نه بلڪ شري ياڳو تلريجا ٿيو. ۽ منهنجا لاڳاپا هندستان اخبار کان الڳ ٿيا جي سال 1951 کان جڙيا هئا. پوءِ

سنڌين جو تعليمي ڪيتر ۾ يوگدان

سنڌ ۾ رهندي سنڌي هندو واپاري /ڏنڌي وارا پنهنجي ڏنڌي واري هنڌ تي هڪ دان جي پيتي به رکندا هئا ۽ ان پيتي ۾ وقت ۽ ڪمائي سارو ڪجهه رقم وجهندا ويندا هئا ۽ اها رقم ڪجهه عرصي ۾ چڱي انداز ۾ ٿي ويندي هي سنڌي هندو پوءِ ان رقم مان مندر، ان بعد ڌرمشالائڻ، بعد ۾ اسڪول ۽ اسپتالون ٺهرائڻ بلي خرچ ڪيو ويندو هو.

ان ڪري ڏٺو ويندو ته سنڌ ۾ جيڪي به اسڪول ڌرمشالائون، اسپتالون وغيره هونديون هيوُن اهي سنڌي هندن طرفان ئي ٺهرايل هيوُن. انهن مان فائدو سڀني، جاتين، ڌرمن جا باشندا وٺندا هئا. اسڪولن ۾ هندو وديارٿي به پڙهندا هئا ته مسلمان وديارٿي به. اسپتالن ۾ دوادرمل هندو مريضن کي به ملندو هو ته مسلمانن کي به. سنڌ جي ڀن عالم پائرن علي محمد راشدي ۽ حسام الدين راشديءَ پنهنجي يادگيرين ”اهي ڏينهن، اهي شينهن ۽ ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ۾ به ان قسم جو ذڪر ڪيو آهي ته سڄي سنڌ ۾ اسڪول، ڪاليج، اسپتالون ۽ ڌرمشالائون هندن ئي ٺهرايو آهن جن مان هر هندو هجي يا مسلمان فائدو ولي ٿو. ته اها سنڌي هندن جي فطرت آهي جو

جي پوئين صفحي تي ايندي ۽ جاءِ ٿوري آهي تہ خبر جو مکيہ حصو يعني پهريون حصو تہ اچي ويندو جوئي اهم حصو آهي. پوءِ جئين اخبار ۾ جاءِ هوندي، تيئن ٻيون ڳالهيون بہ ايندئيون. مان ان صلاح تي عمل ڪري خبرون لکندو هيس ۽ ٻئي ڏينهن تي ٻين اخبارن (ٻين ٻولين جون) اهائي خبر ڏسندو هيس تہ انهن اها ئي خبر ڪيئن ڏني آهي ان مان بہ مونکي ڪافي فائدو ٿيندو هو. مان شري هيرانند جو ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڪريان هت تہ وڏو گرنٿ ٿي ويندو هاڻ تہ فقط هنن صفحن ۾ پنهنجي رهبر جون فقط ڪي يادگريون ڏنيون اٿم.

”ستگر جهڙو شاه ڪو نہ ڏٺم ڪاٿهين
پرچي ڏنو جنهن پنهنجو ڏن اٿاه
نڪي ڇپيائين ذات پات نڪي پڇيائين راه
ڪري من اڇاه سامي ڇڏيان ڇن ۾.. سامي....

●●●

۾ ورهائيندس. اهو هن ريت :

١. 1948 کان 1960 تائين
٢. 1961 کان 1970 تائين
٣. 1971 کان 1980 تائين
٤. 1981 کان 1990 تائين
٥. 1991 کان اڄ سوڌو (1999 تائين)

سال 1947 جي آگسٽ ۾ ورهاڱو ٿيو. سواءِ ڪن چوند شخصن کي ڇڏي باقي سنڌي هندن (مان هت هاڻ سنڌي لفظ ڪم آڻيندس) کي اهو وشواس هو تہ هي دؤر ڪجهہ مهينن جو آهي ۽ پيون حڪومتون بدلجن سلجن. حالتون ناپڙ ڪائي اڳوڻيون ٿي ويندين. ان ڪري سنڌ جا لڏ پلاڻ ڪونہ ٿي. پر جڏهين سال 1948 جي ڇهين جنوري تي ڪراچي ۾ فساد ٿيا تڏهين سنڌ جي هندن ۾ ڦرڦوٽ پيئي ۽ هنن لڏ پلاڻ شروع ڪئي يعني سچ پچ تہ لڏ پلاڻ سان 1948 کان شروع ٿي. سنڌ کان خاص گاڏيون هلائي سنڌي هندن کي ڪراچي بندر تان پاڻي جي جهازن رستي سنڌ مان ڪڍيو ويو. سنڌ جي هر شهر مان سوين/هزارين هندو پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي بنا ڪنهن آئيندي سوچڻ جي ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. ان حالت کي ئي ڏسي ضيا صاحب چيو

”سنڌي ٿي ويا داٽو داٽو“

سنڌ ۾ جن جو ڪم هو اسڪول هلائڻ ۽ اسڪولن / ڪاليجن ۾ پڙهائڻ اهي بہ ٻين سئون پنهنجو وطن ڇڏي ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ اچي گهر ڪيو ۽ پوءِ روزگار لاءِ هٿ پٽ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. سنڌي تعليم ڏيندڙن جو واسطو گهٽو ڪري بمبئي

هو پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو سڪرت جي ڪم ۾ آڻيندا آهن.

سنڌ جي شهر ۾ تعليم ڏيڻ جو بندوبست هندن طرفان هوندو هو ۽ سنڌي هندن جي اها فطرت ورهاڱي بعد هت هندستان ۾ به رهي ۽ هنن ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ جتي جتي هو ويا اتي پهرين اسڪول ۽ ڌرمشالا ۽ اسپتالون ٺهرايون.

”.... سنڌي سچي معنيٰ ۾ ڌرم نرپيڪش، سرو ڌرمي، سڀني ڌرمن کي عزت ڏيندڙ، صبر ۽ شڪر جا مجسم آهن... ته سنڌي تعليم ادارن جي اها به خاصيت رهي آهي ته هو سڀني جاتين ۽ ڌرمن جي وديارٿين لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا، ڪي ته اهڙا به ادارا نظر آيا آهن، جتي هڪ به سنڌي وديارٿي داخل نه آهي. يعنيٰ سؤ سيڪڙو غير سنڌي وديارٿي هوندي به سنڌي تعليمدان نسوارٿ ودياداان ڏين ٿا. ساڳيءَ طرح عملي ۾ پڻ گهٽو سيڪڙو غير سنڌي ڪرمچارين جو آهي. هزارين مڪاني ماڻهن جي روزگار جو وسيلو سنڌي تعليمدان بڻيا آهن. اها هڪ انوکي شيوا آهي.

سنڌي تعليمي سنستائون نه صرف وديارٿين جي دماغي ۽ ڪتابي گيان جو وڪاس ڪن ٿيون بلڪ سندن جذباتي، جسماني ۽ شخصيتي انيڪ عملن کي به اجاگر ڪرڻ ۾ صحيح ماحول ميسر ڪن ٿيون. جهڙوڪ لئبرريون، لئبارٽريون راند لاءِ ميدان وغيره.“

(مهاراشٽر ۾ سنڌين جو تعليم ڏانهن رخ اڻ ڇپيل ٿيسز ڊاڪٽر واڌواڻي).

مان هن ليک کي سهوليت جي لحاظ کان پنجن حصن

ورهاڱي کان اڳ بمبئي جا سڀ ڪاليج يا اسڪول سڄو ڏينهن هلندڙ هئا يعني صبوح جو ڏهين بجي کان شام جو پنجين بجي تائين. باقي وقت اهي عمارتون خالي رهنديون هيون. موجوده جئه هند ڪاليج جي پروفيسرن ڪاليج صبوح جو ستين بجي کان يارهين بجي تائين هلائڻ شروع ڪيو ۽ ان نموني جڳهه جو مسئلو عارضي طور حل ڪيو. وديارٿي صبوح جو ستين بجي کان ڏهين ساڍي ڏهين بجي تائين تعليم حاصل ڪري پوءِ نوڪرين تي ويندا هئا ۽ ائين هڪ نئون سرشتو سنڌي ودوانن/تعليمدانن شروع ڪيو Earn and Learn ڪمايو ۽ پڙهو. ان نموني هزارين سنڌي وديارٿي نوڪري به ڪرڻ لڳا ۽ پڙهڻ لڳا ۽ چڱو انداز ڊگريون حاصل ڪري وڏن درجن تي وڃي پهتا ڪيترا وڪيل ٿيا، ڪي پروفيسر ٿيا ۽ ڪي بين ڪاتن ۾ وڏن عهدن تي پهتا. جيڪڏهن سنڌي تعليم دان اهو سرشتو کولهي ۽ ڪم نه آڻين ها ته اهي نه ڪاليج ئي هلن ها ۽ نه سنڌي وديارٿي اوچ تعليم حاصل ڪري سگهن ها. هن سرشتي مان سنڌي وديارٿين ته لاڀ ورتو ئي پر بين جاتين جي وديارٿين به وڏو لاڀ حاصل ڪيو.

جئه هند ڪاليج سال 1949 کان 1953 تائين بمبئي ايلفسٽن ڪاليج جي عمارت ۾ هلندو هو ۽ پوءِ چرچ گيٽ وٽ هڪ پلاٽ وٺي اتي سنڌي ڏنوانن جي مدد ۽ سهڪار سان بلڊنگ ٺهرائي سال 1952 ۾ نئين عمارت ۾ ڪاليج شروع ڪيو. سال 1952ع ۾ مان خود هن ڪاليج جي نئين عمارت ۾ پڙهندڙ وديارٿي هيس. مون مئٽرڪ يا اي.ايس.سي امتحان سال 1951 ۾ پاس ڪيو آهي.

سان اهم ٿي هو. چو جو سنڌ جا ڪاليج بمبئي يونيورسٽي سان شامل هئا ۽ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان به بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي. ان ڪري اهڙن اسڪولن جا باني‌ڪار سڌو بمبئي ۾ آيا ۽ اچي اسڪول کوليائون بمبئي ۾ ٽي ڪي.جي. ڪلناٽي وارن جا به اسڪول هڪ دادر ۾ ۽ ٻيو وي.ٽي. تي کليو.

سکر جي سنڌ ماڊل اسڪول وارن گرانٽ روڊ تي ماڊل اسڪول کوليو دادر ۾ ڇوڪرين جو اسڪول به کوليو ته اُلهاسنگر (تنهن وقت ڪلياڻ ڪئمپ) ۾ بئرڪن ۾ سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول جي نالي سان اسڪول کوليو. اهڙي طرح لاڙڪاڻه جي ائڪيڊمي اسڪول وارن گهاٽڪوپر ۾ سنڌ ڪا سماپوليٽن هاءِ اسڪول کوليو. سنڌي هندو فقط بمبئي ۾ ڪونه آيا بلڪ اجمير ۾ به آيا. جيڪي ريل گاڏين رستي آيا اهي اجمير، اڏيپور هنڌن تي پهتا. پاڻي جي جهازن رستي آيل سنڌي هندو بمبئي ۾ آيا.

اجمير ۾ به سنڌي اسڪول کليا. سنڌ ۾ جن جن شهرن ۾ اسڪول هئا ۽ انهن اسڪولن ۾ جيڪي پڙهائيندڙ هئا. انهن هت پارت ۾ اچي انهن ئي اسڪولن ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي جو اسڪول تي سنڌ ۾ به هئا. سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ ماستر کي ڇڏي ڪري. شروعاتي ڏه ٻارهن سال سنڌي تعليم تمام زور تي هئي سنڌ جا تعليم دان يعني اسڪول هلائيندڙ ۽ پڙهائيندڙ گڏجي هت هندستان جي جدا جدا شهرن ۾ اسڪول/ڪاليج کوليا. جئين ڪِ سنڌ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ پڙهائيندڙ پرنسپال ٽي.ايم. آڏواڻي سان گڏجي بمبئي ۾ جئه هند ڪاليج کوليو. جڳهه جي غير موجودگي جي سوال کي به حل ڪيو.

لڳا ته ڪئي مالڪپڻي جي آڌار تي. ڪئي تعليمي سنسٿائون
کولي تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

ان ئي ڏهاڪي ۾ (سال 1951 کان 1960 تائين)
وديارٿي، پڙهائيندڙ ۽ اسڪول کوليندڙ سڀ عربي لپي
ڄاڻيندڙ هئا. جڏهين 1948 ۾ ڪن تعليمدانن ۽ ودوانن جالتن
۽ آئينده جو اندازو لڳايو ته اهو محسوس ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ
لاءِ ديوناگري لپي وڌيڪ موزون ۽ ڪارگر ٿيندي ۽ هنن اهڙو
فيصلو ورتو ۽ سرڪار کان به اهڙو فيصلو ڪرايو. پر جئين ته
پڙهندڙ (جيڪي سنڌ ۾ ڪي درجا پڙهي آيل هئا ۽ وڌيڪ پڙهڻ
لڳا) پاڙهيندڙ ۽ ڪاروباري سڀ عربي لپي ڄاڻيندڙ هئا تن
ان فيصلي جي مخالفت ڪئي. ڪن ياونا وس ٿي. ڪن روزگار
جي لحاظ کان ته ڪي سياسي طور ان کي ورتو ۽ نتيجو اهو
نڪتو جو ڪورٽ ۾ وڃي ديوناگري لپي سان گڏ عربي لپي به
قائم ڪرائي سنڌي قوم/وديارٿي/پڙهائيندڙ ليکڪ ٻن حصن
۾ وراهجي ويا. عربي حمايتي، ديوناگري سمرٿڪ.

جن حصن ۾ سنڌي ٿوري انداز ۾ هئا. اتي مڪمل طور
سنڌي اسڪول هلڻ ڏکيو هو پوءِ پل ته ڪاروباري سنڌي هئا.
پر اسڪول سنڌي ماڌيم سان نه هلي هندي ماڌيم سان هلائڻ
لڳا. جئين ڪِ ناگپور ۾ ۽ ڪن ٻين شهرن ۾. ان ۾ نه سوال هو
ديوناگري لپي جو ۽ نه عربي لپي جو. انهن اسڪولن ۾ شروع
۾ ئي سنڌي وشيه به ڪونه هو. پڙهائيندڙ جئين ته سنڌ ۾
پڙهائيندڙ هئا. انهن لاءِ ڪو نئون روزگار شروع ڪرڻ ڏکيو هو.
تن تعليم جي لحاظ کان نه پر روزگار جي لحاظ کان اسڪول
کوليا پوءِ اهو سنڌي ماڌيم وارا هجن يا هندي ماڌيم وارا اها

جئہ هند ڪاليج ڪان اڳ۾ باندرا ۾ حيدرآباد ڪالجئيٽ بورڊ طرفان نئشنل ڪاليج شروع ڪيو ويو هو ۽ ڪاليج سان گڏ هاسٽل بہ نھرائي وئي تڏهين باندرا ايڏي وسيل ڪونہ هئي. اتي سنڌي وديارٿين کي في ۾ رعايت بہ ملندي هئي جنهن ڪري گھڻا سنڌي وديارٿي ان ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. پر اهو ڪاليج جئين تہ فورٽ يعني نوڪري وارين کان پرڀرو هو تنهن ڪري جئہ هند ڪاليج کلڻ سان اهڙن وديارٿين کي چڱي سھوليت ٿي پوءِ حيدرآباد ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان چرچگيٽ ويجھوئي ڪي.سي. (ڪشنچند چيلارام) ڪاليج کوليو ويو. الهاسنگر جا سنڌي وديارٿي جن جو انداز آن ڪاليج ۾ چڱو هو اهي چرچي ۾ ان ڪاليج کي ڪلياڻ ڪئمپ (ڪي.سي.) ڪاليج سڏيندا هئا.

بئي پاسي اسڪول بہ ائين کوليا ويا. بمبئي جي ڊوبي تلاوَ وٽ ايلفنسٽن ٽيڪنيڪل هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ صبوح جو ستين کان يارهين بجي تائين هاءِ اسڪول فار سنڌيز نالي سان اسڪول کوليو ويو. پرنسيپال هو شري آسانند مامتورا سنڌي جو پرسڌ ليکڪ ۽ اتي پڙهائيندڙ هئا سنڌي جا برک ساهتڪار ڪاڪولالچند امرڏنومل جڳتياڻي، گوبند مالهي، جڳت آڏواڻي ۽ ٻيا. يڳونتي ناواڻي ان اسڪول جي وديارٿڻ هئي ۽ اتي گوبند مالهيءَ جي اُتساهہ ڏيارڻ تي هن سنڌي سنگيت جو سفر شروع ڪيو.

ان زماني ۾ سرڪاري طور اسڪولن /ڪاليجن کي ڪابہ مدد ڪونہ ملندي هئي ان ڪري پڙهائيندڙ ۽ ٻيو عملو اڌ پگھار ڪٽي گذر ڪندو هو. ڪئي اهو اسڪول سهڪاري متي تي هلڻ

تعليم سان ڪنهن نہ ڪنهن نموني لڳندا رهيا ۽ ائين ٻيو ڏهاڪو 1961 کان 1971 ويندي ١٩٨١ تائين اهو سرشتو هلندو رهيو. سنڌي تعليمي ادارا بہ هاڻ اسڪول کي تعليم دان بدران تعليمي دڪان ڪري هلائڻ لڳا. پوءِ بہ انهن جو يوڳ دان ڪافي اهم رهيو. هنن کي ڏهاڪن ۾ نوان ڪاليج سواءِ ميڊيڪل جي ٻين سڀني شاخن جا پوءِ اها انجنيئرنگ هجي يا جرنلزم هجي يا تعليم هجي انهن سڀني طرف قدم وڌندو رهيو پر نظريو اڌو اڌ رهيو. ڪن شيوا سان گڏ ڌنڌو ڪري ورتو ڪن فقط ڌنڌو ڪري ڪم آندو.

مثال طور تعليم ڪاليج آهن هڪڙا سرڪاري مدد سان هلن ٿا ۽ انهن نارمس تي هلن ٿا ٻيا بنا سرڪاري مدد جي ۽ چندا داخلا وقت وٺي ڌنڌو ڪري هلائين ٿا. پر انهن مان ڪن ۾ تہ سنڌي وشيہ بہ ڪونہ آهي ۽ نہ وري گهڻا سنڌي وديارٿي ئي آهن ها باقي ڪاروباري سنڌي ضروري آهن.

ٽيون دؤر 1971 کان 1980

هن ڏهاڪي ۾ اهي شخص جيڪي سنڌ ۾ پڙهائيندا هئا ۽ انهن لاءِ هي پڙهائي جو ڪم روزگار کان وڌيڪ سيواڀاءُ جو هو. انهن جو چڱو انداز نہ رهيو تہ سڀاويڪ طور اها شيوا ڀاونا بہ گهٽبي رهي. ۽ انهن جي جڳهہ تي اهو شخص آيا جن کي سيوا کان وڌيڪ روزگار جو واسطو هو ۽ هنن هن ڪم کي ڌنڌوڙي نڪتہ نظر کان ورتو سنڌي اسڪولن/ڪاليجن ۾ پڙهائڻ سان گڏ ٽيوشن جو سرشتو شروع ڪيو هي سرشتو اڄا شروعاتي ڏاڪي تي هو.

سنڌي اسڪول معنيٰ سنڌي ماڌيم وارا اسڪول آهستي

حالت گهٽي پاڳي ڪونہ هئي پر ڪن شهرن ۾ ضروري هئي ۽ آهي.

هي سڄو ڏهاڪو سنڌي تعليم جو سونهري ڏهاڪو هو. يعني سنڌي تعليم زور هئي. پر پوءِ جئين سنڌي وسڻ لڳا، روزگار ۾ اڇي ويو. گهرن ۾ ٿهي ٿڪي وينا، تہ ٻئي طرف بہ نظر ڪيائون.

پيو ڏهاڪو 1961 کان 1971 تائين

وشيہ آهي سنڌين جو تعليم بابت يوگدان

تعليم، پوءِ ضروري ڪونہ آهي تہ اهي سنڌي تعليم هجي. اها هندي بہ ٿي سگهي تہ انگريزي بہ. سنڌين گذريل ڏهين سالن ۾ ڏٺو سنڌي تعليم ڪين نہ روزگار ۾ مدد ڪري سگهي ٿي ۽ نہ ڪنهن ٻئي ڪاروباري لحاظ کان اهم آهي. هنن جو رخ انگريزي تعليم ڏانهن وڃڻ لڳو. پهرين ڪن اسڪولن ۾ انگريزي ماڌيم وارا ڪلاس شروع ڪيا ويا. پوءِ مڪمل شفٽ ان بعد اسڪول هڪ طرف انگريزي ماڌيم وارا اسڪول وڌڻ لڳا تہ ٻئي طرف سنڌي ماڌيم وارا اسڪول گهٽجڻ لڳا ۽ اها رفتار تيز ٿيڻ لڳي.

گذريل ڏهاڪي (1948 کان 1960 تائين) ۾ سنڌي تعليمي پرڪاشڪ بہ هئا ۽ اهي درجي پهرين کان وٺي يارهين درجي تائين سڀ ڪتاب ۽ سيني وشين جا ڪتاب سنڌي ۾ ڇپائيندا هئا. پر سال ١٩٦١ بعد ڪجهہ ڪتاب سرڪاري ادارہ ڇپائڻ لڳا. سنڌي پبلشر پوءِ فقط وڪريتا يا ڊسٽيبوٽر بڻيا. ۽ پوءِ تہ هن جو چاہ نہ تعليم ۾ رهيو ۽ نہ لپي ۾. هو آهستي آهستي ڪري درستي ڪتابن جا سونهان Guides ڪڍڻ لڳا، پر

تعليم جو ڦهلاءُ ڪيو. اهو يوگدان اسان چئي ٿا سگهون. پر پائي پتيجي واد ڪري تعليم جو معيار اوڏو اوچو ٿي نہ سگهيو. اهو ڪو سڀ هند ڪونہ هو. پر گهڻي پائي هو. انهن بانيڪارن/ ڪاروبارين لاءِ سنڌي ٻولي ساهتيہ وغيره هڪ جذباتي ڪشش ڪرڻ واري چيز يا هٿيار ٿي پيو. ۽ هنن ان هٿيار سان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو ۽ ڪري رهيا آهن.

چوٿون دؤر آيو 1981 کان 1990 تائين

هن دؤر ۾ اسڪول بہ ٿيا ڪاليج بہ رهيا. ڪاروباري هڪ ڏنڌوڙي طور پنهنجي ڏنڌي کي وڌائڻ ۾ زور شور سان ڪم ڪرڻ لڳا. پر سنڌي ٻولي ۽ تعليم هٽن مان کسڪڻ لڳي. جڏهن پڪين ڪيت ڪائي پوري ڪري رهيا هئا تڏهن اسان سنڌي تعليم، ساهتيہ ۽ سنسڪرتي تي جائزا وٺڻ شروع ڪيا. سيمينار ڪرڻ لڳاسين. ڪن ديوناگري لپي وارن تي الزام ڏريو تہ ڪن مائٽن جي منورتي کي جوابدار ٺهرايو تہ ڪن حالتن کي ڏوهي بڻايو ۽ اڄ سنڌي ماڌيم وارا اسڪول هر جڳهہ تي اڌ کان بہ وڌيڪ بند ٿي ويا آهن ۽ اجان بہ بند ٿي رهيا آهن.

ياد رهندو تہ هي سڀ اسڪول/ڪاليج سنڌين کوليا هئا. سنڌي تعليم ۽ ساهتيہ جي واڌاري لاءِ. پر اڄ انهن اسڪولن/ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ جو فقط وجي نالو رهيو آهي ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ. سنڌين تعليم جي کيتر ۾ وڏو يوگدان ڏنو آهي. هيڏيون عمارتون، هيڏو ڪاروبار، هيڏو ڦهلاوُ، پر ان سڀ ۾ مورتي/ جان (سنڌيپڻو) ڪونہ آهي. پوءِ بہ يوگدان آهي.

پنجون دؤر 1981 کان 1999 تائين :

هن دؤر ۾ سنڌي تعليم ٻولي ساهتيہ جي خيال کان ڏنو

آهستي ڪري بند ٿيڻ لڳا ڪاروباري ساڳيا، جڳهيون ساڳيون پر ماڌيم سنڌي نہ. ڪٿي انگريزي تہ ڪٿي هندي يا پرانتڪ ٻوليون. گانڌيڌام ۾ ڪاروباري سنڌي، اڌياپڪ گهٽي پاڻي سنڌي پڙهندڙ بہ گهٽي پاڻي سنڌي پر ماڌيم سنڌي ٻولي نہ رهيو.

مان هن هيڏي اتهاس ڏيڻ جي ضرورت رکو ان ڪري ئي ٿو سمجهان جو پنهنجي وشيہ 'سنڌين جو تعليمي کيتر ۾ يوگدان'' سان گڏ ان وقت جو اتهاس بہ ڏيان نہ تہ فقط نالا ئي ڏيڻا پوندا تہ فلاڻي هنڌ فلاڻا اسڪول کوليا، ڪاليج کوليا وغيره سنڌي اسڪولن مان سنڌي تعليم آهستي آهستي ڪري کسڪڻ لڳي ۽ ان جي شروعات هن ڏهاڪي سان شروع ٿي. سنڌ ۾ ڄاول، پڙهيل، تعليمدان آهستي آهستي ڪري موڪلائيندا ويا. ان ڪري آيل نئين ٽهي کي نہ اهو احساس هو ۽ نہ وري اها ڄاڻا ئي رهي هنن تعليم کيتر کي بہ هڪ بزنيس کيتر ڪري ورتو.

ڪاروبارين پنهنجي اسڪولن ۾ پنهنجي گهر جا ڀاتي لڳائڻ شروع ڪري، ڪاروبار ڪاميٽيءَ کي هوم ڪئبينيٽ جو روپ ڏيڻ شروع ڪيو. جنهن کي سنڌي ۾ جيڪر ائين چئجي تہ

''ناني رڌڻ واري
ڏوهٽا کائڻ وارا''

يعني پٽ، ڌيئر، نهر، اسڪولن ۾ ڪلارڪ، اڌياپڪ، ٽي ڪم ڪرڻ لڳا. مئنارٽي درجو ملڻ تي اهو در جهٽڪ وڌيڪ کليو. اسڪولن ڪاليجن لاءِ چندا گڏ ڪري شاندار عمارتون ٺاهيون.

سنڌ تعليم ڪافي وڌيل هئي جا پوءِ آهستي آهستي ڪري گهٽجي ويئي ۽ گهٽجندي رهي آهي. اڄ حالتون نراسائي واريون آهن.

ان سڄي جائزي، ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بعد اهو ڏٺو وڃي ٿو ته پارٽ ۾ سنڌين تعليمي ڪيتر ۾ (گڏيل سيني لاءِ) هڪ وڏو يوڳدان ڏنو آهي ۽ سو به تعليم جو، هر ڪيتر ۾ آرٽس، ڪامرس، سائنس، انجنيرنگ، قانون، جرنلزم، ڪامپيوٽر، فارمسي، سواءِ ميڊيڪل ڪاليج کولڻ جي سنڌين هڪ اٿاه ڪم ڪيو آهي. جو ڏٺو وڃي ته ٻين جاتين مان ڪنهن به اهڙو ڪم ڪونه ڪيو آهي ڪي ڊريون ڇڏي ڪري جئين ڪيرلا وارن.

پر اهو سڀ هئڻ جي به ڪي گهٽ وڌايون آهن ۽ انهن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان :

ڊاڪٽر ياون واڌواڻي جي لفظن ۾ :

".... سنڌي گهڻو ڪري ڌنڌي واري جاتي هئڻ ڪري مالي نگاه کان خوش ۽ بي فڪر آهن، هو زندگيءَ جو هرهڪ ڏينهن مڪمل نموني ماڻڻ چاهن ٿا; ان جو اهو نتيجو نڪتو آهي جو سندن جيون جو نظريو مٿاڇرو ۽ دنيوي يا جسماني Materialistic ٿي پيو آهي. ڪن حالتن ۾ ته اهو به نظر آيو آهي ته ڪي سنڌي ڌن دولت ۽ عيش آرام ئي زندگيءَ جو مقصد سمجهن ٿا. جيون جو هي نقلي ۽ ڇهري هيٺ نظريو جاتيءَ لاءِ گهاتڪ ثابت ٿي سگهي ٿو.

ٻيو سنڌين ۾ پنهنجي ٻولي ساهتيہ ۽ سنسڪرتي لاءِ قربانيءَ جو جذبو ايترو نظر نه آيو آهي جيترو ٻين جاتين ۾ پريل آهي. گهڻو ڪري ٻار سنڌي تعليم سنڌي تهذيب کان

وچي. تہ نراشائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نٿو اچي. سنڌي ماڌيم وارا اسڪول بند ٿي رهيا آهن. سنڌي ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ کڻڻ وارا وديارٿي ڪونہ آهن. سنڌي پڙهڻ وارا ڪونہ آهن تہ سنڌي لکڻ واري نئين ٽهي بہ ڪونہ آهي. ۽ ائين ٿو لڳي تہ سنڌي تعليم ۽ ساهتيہ آهستي آهستي ڪري ختم ٿي رهيو آهي.

ياد ٿو اچي سال 1942 جي سنڌ ۾ آيل ٻوڏ وارو نظارو.. درياهہ جو پاڻي سيلاب ايندو ڏسون ٿا ۽ زمين جي مٿاهين هنڌ تي بيٺي ڏسجي ٿو تہ ڳوٺ جون جايون، کيت وڻ وغيرہ پاڻي هيٺ اچي رهيا آهن ۽ پاڻي جي مٿاڇري تي گهرن جا ڪٺون، چوپايو مال، گهرو سامان ترندو نظر اچي رهيو آهي ۽ اسين سڀ ڳوٺ جا رهواسي بيوس ٿي اکين ۾ پاڻي هوندي ڏسي رهيا آهيون. پر اتي تہ اهو آسرو هو تہ ڪن ڏينهن بعد ٻوڏ جو پاڻي لهي ويندو ۽ ڳوٺ وارا وري واپس پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي گهرن ڏانهن ويندا. پر هت واپس اها سنڌي تعليم، سنڌي ساهتيہ اسرندو ۽ سنڌي پڙهندڙ لکندڙ پيدا ٿيندا سنڌين تعليمي کيتر ۾ پنهنجو ڀرپور يوگدان ڏنو آهي. اسڪول ڪاليج عمارتون پر سنڌي تعليم ساهتيہ ڪٿي آهي؟

ڀارت ۾ سنڌي تعليم بابت جي انگہ اکر ولبا تہ مان هت اها ڌهر ڪرڻ نٿو چاهيان ڇو ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪنيالال ليکواڻي اهو جائزو ورتو آهي ۽ اهو ڪتابي روپ ۾ آهي تنهن ڪري ان جا انگرا هت ڏيئي ليک کي هروڀرو لنبو ڪرڻ بہ نٿو چاهيان.

جائزي ۾ بہ اهو ڏيکاريل آهي تہ ورهاڱي بعد شروعات

پيون وڃن. پر سنڌي ڪاروبارين جي ڪاليجن ۾ ائين نہ آهي. ڇي اسان وڏي دل وارا آهيون. اسان وٽ پيد پاوَ ڪونہ آهي، پر فائدا ٿورائي فقري هيٺ ونٽا آهن.

ڇي رهني ڪو گهر نهين
سارا جهان همارا
ان منورتي ۾ ڦيرو آڻڻ گهرجي

سنڌي تعليمدان ۽ بانيڪار سنڌي ٻولي، ساهتي ۽ سنسڪرتي جي بچاءَ ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويا آهن، جيتوڻيڪ زباني طور سنڌي جي فائدي ۾ هوائي قلعا خوب ٺا ٻڌن. پر پنهنجي ادارن ۾ سنڌي وشيہ طور بہ شامل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهن. ان سلسلي ۾ ودوانن جو رايو آهي تہ پنهنجي سنڌي يونيورسٽي کولڻ گهرجي جا ديش وديش جي سنڌين کي سنڌي ٻولي، ساهتيہ، سنسڪرتي جو سنديش ڏي ۽ سنڌي سکڻ سيکارڻ لاءِ ڊسٽنس ڪورس شروع ڪري. مان هت سنڌي سنستائن يا شخصيت جا نالا هرو پرو بہ ڏيڻ نٿو چاهيان جو ڪو نالو وسري ويو يا خيال ۾ نہ آيو تہ اجائي غلطفهمي پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي. پوءِ ڪن جو ذڪر ڪرڻ بي انصافي ٿيندو جهڙوڪ حيدرآباد سنڌ ڪاليجٽ بورڊ بمبئي، ٽولاڻي ايڊيوڪيشنل ٽرسٽ آديپور، سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي الهاسنگر، سيوا سدن ايڊيوڪشنل ٽرسٽ بمبئي اهڙي طرح اجمير، ناگپور، بئراڳڙهہ، ڀوپال ۾ جدا جدا شخص ۽ سنستائون آهن جن جو تعليمي کيتر ۾ وڏو يوگدان آهي ۽ اهو وساري نٿو سگهجي.

اڻ واقف آهن اڻ ڄاڻ آهن هو سنڌي ڪتاب پڙهن ئي ڪونہ ٿا.

ٽيون سنڌي تعليم جو ڦهلاءُ فقط ڪن وڏن شهرن ۾ ئي ڪيو ويو آهي. پر جيئن تہ سنڌيَ ڀارت جي جدا جدا پرانتن، حصن ۾ پکڙجي ويا آهن. اتي انهن کي تعليم سنڌي ۾ نٿي ملي ۽ هو سنڌي تعليم کان وانجهجي ويا آهن. انهن لاءِ وارڌا جي راشٽريہ ڀاشا هندي جيان راتري ڪلاس کولي سنڌي تعليم جو ڦهلاءُ ڪرڻ گهربو هو. جو نہ ڪيو ويو آهي. سنڌين کي ٻہ مسلم، عيسائي، مشنريز جيان جتي جتي سنڌي آهن. اتي اسڪول کولڻ کپندا هئا. سنڌين گهڻو ڪري هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کوليا آهن هنن پرائمري تعليم ڏانهن پورو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. ان ڪري سنڌي ماڌيم کي وڏو ڌڪ لڳو آهي هاءِ اسڪولن/ڪاليجن کي وديارٿي ملندا ڪونہ تہ هو هلندا ڪئين؟ سنڌين سکيا ڪيندر، ٽيڪنيڪل اسڪول ۽ ووڪيشنل مرڪز گهٽ کوليا آهن. هنن جو زور اڪثر ڪري رواجي اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم تي پئي رهيو آهي. سواءِ ڪن ٿورن مثالن جي. جيئن تہ سنڌي ڪاليج اسڪول ٿورائي وار فقري هيٺ ٿا اچن پوءِ بہ خبر نہ آهي تہ الائي ڇو ڪي ڪاليج ٿورائي وارن رڪيل جاين تي سنڌين کي ڪونہ ٿا ڪٽن بمبئي جي هڪ ڪاليج ۾ ٿورائي واري لحاظ کان وٺي داخلائون ڪونہ ڏنيون ويون. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌين کي ٿوران واري فقري هيٺ ايندي بہ داخلائون ڪونہ مليون.

ٻئي طرف مانونگا ۾ تامل، پنجابي ۽ ٻين ٿورائي واري فقري هيٺ آيل ڪاليجن ۾ ٿورائي لحاظ کان داخلائون ڏنيون

★ With Best Compliments From ★

M/s. Shankar Mahadev & Co.

Civil Engineers & Contractors

Office : Section 17, Ulhasnagar - 421 003.
✆ : 550512, 550912, 551293
Resi.: Section 19, Ulhasnagar - 421 003. ✆ : 550615

هڪ سجهاءُ

سنڌي يونيورسٽي هئڻ گهرجي، جا مرڪزي سرڪار جي مدد هيٺ هجي، جئين ڪِ بنارس هندو يونيورسٽي، عليڳڙه يونيورسٽي، شانتينڪيتن ۾ وشو ڀارتي وغيره. ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ جيڪي بہ ڪاليج، اسڪول آهن. اهي ان يونيورسٽي سان وابسط هجن. جئين سنڌ ۾ ميرا هاءِ اسڪول، بنارس هندو يونيورسٽيءَ سان شريڪ هو. يا تازو مثال الهاسنگر جا ڪاليج پونا يونيورسٽي سان ڳنڍيل هئا. پوءِ جسٽس چئناڻي جي بمبئي جي گورنر ۽ چانسلير بڻجڻ بعد پونا کان اهي ڪاليج ڪٽي بمبئي يونيورسٽي سان ڳنڍيا ويا.

اهڙي طرح موجوده سنڌي ڪاروبارين وارا ڪاليج ان سنڌي يونيورسٽيءَ سان شريڪ ٿيڻ سان اسڪولن/ڪاليجن ۾ ڪورس هڪ ڪرو ٿيندو ۽ سنڌي ٻوليءَ ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ کي وڏو اوُج اچي سگهي ٿو. هن وقت بمبئي يونيورسٽي ۾ گهڻو ڪاروبار مرهٽي ۾ هلي رهيو آهي. ايڪڊمڪ ڪائونسل جي ميڙن جي ڪاروائي سينيٽ جي ڪاروائي مرهٽي ۾ هلائي ٿي وڃي. جيڪڏهن جدا جدا پرانتن بہ ائين ڪيو انهن ۾ حصو نہ وٺي سگهندا پر سنڌي ٻولي ساهتيہ ۽ سنسڪرتي کان ڪٽجي ويندا ان لاءِ واحد علاج آهي سنڌي يونيورسٽي هن وشيہ تي راين جو متيبد ٿي سگهي ٿو هيءَ وشيہ بحث/سيمينار جي قابل آهي جڏهين سوچيو وڃي ۽ بس

●●●

دنيا جي سيني سنڌين کي

رام جوهراڻي

چيئرمن

جون شپ ڪامنائون

سهيوگ فائونڊيشن

سماجڪ، سانسڪرتڪ ۽ تعليمي سنستا

۱۲،۱۸، وٺوبا لين، فرسٽ فلور، ڪالباديوي، بمبئي - ۴۰۰ ۰۰۲

SAHYOG FOUNDATION

A SOCIO-CULTURAL EDUCATIONAL ORGANISATION

Registered Under the Public Trust & Societies Reg. Act.

14 - 18, Vithoba Lane, 1st Floor, Kalbadevi, Bombay - 400 002.
Tel.: 201 6860 - 648 1826.

اوهان پنهنجي ٻار کي موت جي سزا ڏيندا ؟
بلڪل نہ تہ مهرباني ڪري هيءُ غور سان پڙهجو.
شاديءَ کان اڳ رت جي تپاس اوهانجي اولاد کي خوفناڪ تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿي. ”ٿيلاساميا ميجر“ Thailaseaemia Major ٿيلاساميا مائينر (ننڍي) بيماريءَ جا جيوڙا ڄائي ڄم کان ٿن ٿا. پرش ۾ ٻہ تہ استري ۾ ٻہ. جڏهين ٿيلاساميا مائينر جيوڙن وارا وڏا ٿي شادي ڪندا تہ انهنجي اوُلاد کي ٿيلاساميا (وڏي) بيماري ٿي سگهي ٿي.

ٿيلاساميا ميجر علاج رهت بيماري سنڌي جاتيءَ ۾ چڱي ڦهليل آهي. ان بيماري وارن ٻارن جي رت ۾ هوميوگلوبن ضرورت کان گهٽو گهٽ هوندي آهي جنهنجي نتيجي ۾ رت پاڻيءَ وانگر ڇڊو ٿي ويندو. اهڙن ٻارن کي زنده رکڻ لاءِ بار بار نئين رت وجهائڻ جي ضرورت پوندي آهي اهڙي ٻار جون بڪيون ۽ جيرو وڌي ويندو آهي، انڪري منا پيشاب ۽ دل جي بيماري ٿي پوندي آهي. اهڙن ٻارن جي عمر وڌ ۾ وڌ ١٥ کان ٢٠ سالن تائين ٿيندي آهي. تنهنڪري اڳواٽ رت جي تپاس جو فيصلو بربادي ۽/يا آبادي جو رستو کولي سگهيٿو. هاڻي ئي عمل ڪريو!

ٿيلاساميا لاءِ رت جي تپاس ڪرايو !

جاتيءَ جي ڀلي لاءِ هيءُ اشتهار وجهايو وڃي ٿو
شڀ ڪامنائن سان !

HOTEL ROSEWOOD

99/C, Tulsiwadi, Opp. Air-Conditioned Market, Taldeo,
Mumbai - 400 034.

Ph.: 494 032027 (8 Lines)

Fax : 4953764 Telex : 011-76396 ROSE IN

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

ANIL
SUNIL

With Best Compliments From :

Elma Electric Co. Pvt. Ltd.

Design & Manufactured of :

1. Power Control Centres
2. Motor Control Centre
3. Distribution Boards
4. Instrument Control Panel

Plot No. A-303, Road No.32,
Wagle Industrial Estate, Thane - 400 064.
Tel.: 5322441 - 5322417 Telex : 011-72379 ELMA IN
Cabel - ELMAPANELS, Thane - 400 604.
Fau : 022-5321747

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

HASSO H. PARYANI

7, Hansa Apartment, Plot No. 126-127,
Garodia Nagar, Ghatkopar (E). Mumbai-400 077.
✆ : 5122544-5103108

★ *With Best Compliments From* ★

REGAL ENTERPRISES

REGAL FROCKS

Manufacturers of :

Frocks, Middies, Scurt & Punjabi Suits

1, Regal Complex, Behind Gajanand Market,
Near My Street Market, Ulhasnagar-2.
Tel.: (0251) 702909, (R) 702042 542307

★ *With Best Compliments From* ★

PULAHA

FURNITURE MART

Prop. Bachansingh Pulaha

Manufacturers of :

High Class Furnitures in all kinds
Near Punjab Natinal Bank, Ulhasnagar-2.
Tel.: Off.: 549924 Monday Closed

★ *With Best Compliments From* ★

VE

EVEREADY Tez TEA
CONSUMER PRODUCTS

VIJAY
Enterprises

494, Main Road, Opp. Thakur Studio, Ulhasnagar-421 002. Tel.: 542120

-: WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

Murli Rohra

Murli Builders

Regd. Govt. Contractors

HEAD OFFICE
112, New Prince Market,
1st floor, Ulhasnagar - 3.
Tel. : 561645.
Gram : **MURLIBUILD**

-: RESIDENCE :-
Opp. Telephone Exchange, Ulhasnagar - 3.

-: WITH BEST COMPLIMENTS FROM :-

RAJKUMAR Saree Centre

Specialist in :
Silk Sarees & Embroidery Fancy Dresses

Shop No. 103, Sindhunagar - 2.
Tel. : (S) 545129, (R) 543828

★ With Best Compliments From ★

KHEMSONS TRAVELS

Approved Agents of Indian Airlines, Air-India
(Domestic Tkts., Tkt. Booking of :
NEPC Airlines, Archana Airways, Jagson,
Jet Airways, East-West Airlines, Royal Nepal Airways,
Modiluf, Damania Airways Sahara.
Tkt. Booking of Luxury Buses & Hotel Booking

1, Parsram Bldg., Opp. Punjab National Bank, Furniture Bazar,
Ulhasnagar-2.
STD. 0251 TEL.: 545352 - 545351 - 544245 - 548225

★ With Best Compliments From ★

Chander Talreja



KISHOR
SHOES

Kishor
SHOES

Nehru Chowk, Ulhasnagar-2.
✆ 542052-544883

★ *With Best Compliments From* ★

KAMAL ★TRADERS ★SALES CORPORATION

Authorised Dealers :

Harsh, Hitesh, Servo, KEI Air Compressor, Usha, Crompton Greaves, PEW, Varuna, Tullu, Bharat, Lhp, Sharp

Dealers : Washing Machines, Floor Polishing Machines, Electric Motor, Water Pump, Air Compressor Starter etc.

Opp. Petrol Pump, Section 17, Ulhasnagar-3.
Tel.: 550367 • 551203

★ *With Best Compliments From* ★

Vicky Raj Textiles

O. T. SECTION, ULHASNGAR-2.

With Best Compliments From

Ashok R. Tolani
Director

Haresh R. Tolani
Managing Director

HARDAYAL

Pharma Distributers Pvt. Ltd

Shop No. 6, Sneh Sagar Apt., Near Post Office,
O. T. Section, Ulhasnagar-1. ✆ : **543979**

With Best Compliments From :

✆ : (O) 565505 / 555505
(R) 555504 / 555501

Matrabhoomi

SAW MILLS & TIMBER MERCHANTS

Opp. Town Hall, Red Cross Marg, Ulhasnagar-4221 003.

★ With Best Compliments From ★

V. L. PHARMA

Manufacturers of :
Ayurvedic Medicine

Office : 20, Lokmanaya Tilak Marg, Mumbai-400 003.
Tel: 322435
318/A, Ulhasnagar-1. Dist. Thane. Tel.: 540356

★ With Best Compliments From ★

Always see for Retail & Wholesale Merchants

MOHAN MEDICAL STORE

Shop No. 76, Japani Bazar, Ulhasnagar-2.
Tel.: 703832

★ With Best Compliments From ★

M/S. RAHANDOMAL GIANCHAND

Wholesale Grain Merchants

Shree Satya Sai Complex, Shop No.1, Ground Floor,
Main Bazar, Ulhasnagar-2.
Tel. Off.: 540320 - 548826 Resi.: 543011 - 544210
Gram - SUKH SAGAR

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

Chetan Lulla

LULLA *Ceramics*



-: Authorised Stockists of :-

- *Johnson Ceramic Tiles*
- *Bell Ceramic Tiles*
- *Bal Building Adhesive*
- *Johnson Granite*
- *Pedder Ceramic Tiles*
- *Nitco Ceramic Tiles*

116-117, Press Bazar, Opp. Bharat Green Lawns,
ULHASNAGAR-3.
548155-549155 Fax : 0251-557244

With Best Compliments From

Gehimal H. Karia
Pradeep G. Karia
LUCKY STEEL FURNITURE WORKS

DEALERS IN :

A to Z Plumbing & Sanitarywares, Roofing Sheets, Water Tanks, Water Proofing products. Decorative Wall & Floor Tiles, Rolling Shutters & Collapaibi Gates.

Bombay Office:
11, Mohatta Market,
5th Floor, Palton Road,
Bombay - 400 001.
Phone No.: 2615916

Show Room:
Shop No. 105-107,
Karia Arcade,
Opp. New Era High School,
Ulhasnagar-421 003.
Phone : 545021 / 547021
Fax : 0251-550791
Cable : KARIA'S
E-mail: ghkaria@vsnl.com

★ With Best Compliments From ★

Madhu K. Achhra

M. K. Achhra & Co.
A. M. Achhra & Co.

Authorised Transport Contractors

HEAD OFFICE
Satnarayan House
Section 17,
Ulhasnagar-421003.
☎: 567477

94, Surat Street,
Fancy Chambers,
5, 1st Floor, Masjid,
Mumbai-400009.
☎: 3775636, 3780684.
Fax : 3735464

With Best Compliments From

M/s. PARWANI BROTHERS

NEW PRINCE MARKET, GROUND FLOOR,
ULHASNAGAR 421 003.

With Best Compliments From

Assandas & Sons

Govt. Contractors

54, Hira Co-op. Hsg. Society, Ulhasnagar-3.

✆ : 551759-551830

ASSANDAS BUDHARMAL

3, Hira Co-Op. Hsg. Society, Ulhasnagar-3.

✆ : 550127-551830-551773

★ WITH BEST COMPLIMENTS FROM ★

PRIDE ELECTRONIC

TV's Refrigerators, Audios, Washing Machines & Appliance

Shop No. 760, Opp. Tilsons Shopping Centre,
Section-17, Ulhasnagar-3. ✆ : 550890

With Best Compliments From

NATIONAL
GAS AGENCIES

Dealers in :

Oxygen, Acetylene, Nitrogen

Head Office :

2 Sai Darshan Society, RKT College Road,
Ulhasnagar-3. ✆ : 550894, 551714

Godowns :

1. Kalyan Amb. Road, Near Hanuman Mandir,
   Ulhasnagar-3. ✆ : 72866

2. Laxmi Niwas, Opp. Ajit Weight Bridge,
   Kalyan Shell Road, MIDC, Dombivli (E) ✆ : 466656

3. 5, Laxmi Narayan Shopping Centre,
   Kalyan Badlapur Road, Ambernath
   ✆ : 583915-2715

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Anil B. Chellani

SAIBABA CONSTRUCTIONS

Builder's & Developer's

Sai Narayan Baba Apts., Plot No. 252/255,
Sector 10, New Panvel.
Tel.: (R) 911-542818, 541000 Mobile : 98210-18550

Presents

Sheila Mangtani's

A heart throbbing and touching album of Sindhi Ghazals

Hale Dil

Singer : Sheila Mangtani
Lyrics : M. Kamal
Music : Raja Pandit & Robin Banerjee

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Shahani Health Home

A FAMILY HOLIDAY TRADITION

Shahani Health Home in Lonavala has been the choice
holiday retreat for families since the last 25 years.
It is also perfect for conferences.
Among its numerous features are :

- 62 Well Appointed Rooms with attached Bathrooms
- Now Deluxe Rooms with Televisions
- 3 Luxurious Garden Rooms
- Two Large Conference Halls
- Restaurant Serving Mughlai & Sindhi Cuisine
- Badminton Court, Table Tennis Tables and
- Other Gaming Facilities
- Children's Playground & Garden
- Walking Distance From Lonavala Market & Railway Station

Shahani Health Home Is a Trust Property,
Run On a Non Commercial Basis.



For Bookings : Shahani Trust, 5A Court Chambers,
35 New Marine Lines, Mumbai - 20. Tel.: 200 18 95.

Licence to Post Prepayment LIC. No. 01
Tech/47-220 / MBI / 2001

SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62



SEMINAR

By Narayan Bharati

Sindhi Times Publications
(Quarterly Book Series No. 3-4 Oct.-Nov.-Dec. 2001)